# بدنصيب ٿري

مصنف
محمد اسماعيل عرساڻي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو، سنڌ
١٩٩٩ع

# بدنصيب ٿري

مصنف

محمد اسماعيل عرساڻي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

١٩٩٩ع

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڇپائي ڇاپي جو پهريون ايڊيشن ١٩٧٤ع تعداد ٢٠٠٠
ڇپائي ڇاپي جو ٻيو ايڊيشن ١٩٨٢ع تعداد ٣٠٠٠
ڇپائي ڇاپي جو ٽيون ايڊيشن ١٩٩٩ع تعداد ٥٠٠

[ سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم ]

قيمت: ٽيهه رپيا
Price: Rs. 30/-

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
حيدرآباد، سنڌ

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشورو سنڌ ۾ پريس مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگرو، ميمبر/اعزازي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# حرف آغاز

سال ۱۹۳۹ع ۾ محترم پير الاهي بخش صاحب سنڌ جو وزير تعليم هو. موصوف پهريون دفعو بالغن جي تعليم جو سلسلو جاري ڪيو. مان ان وقت ترپ رڪر ضلعي جو فرسٽ ايڊيوڪيشنل سپروائيزر هوس ۽ مرحوم عثمان علي انصاري مدرسه هاءِ اسڪول ميرپورخاص جو هيڊ ماستر هو. تعليم بالغان لاءِ زمين هموار ڪرڻ ۽ عوام ۾ چاهه پيدا ڪرڻ لاءِ اسڪولن ۾ ننڍا ننڍا مڪالما استيج تي آڻي عوام کي خواندگيءَ جا فائدا ۽ ناخواندگيءَ جا نقصان ٻڌائڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪئي ويئي.

مرحوم انصاري صاحب مون کي فرمايو ته، "عرساتي ي ننڍڙا ننڍڙا پاراٽا مڪالما منهنجي هاءِ اسڪول جي شايانِ شان نه آهن. تنهنجي زورِ قلم جو آءٌ معترف آهيان. اج تنهنجو امتحان آهي، هڪ اهڙو مڪمل ڊرامو لک، جو آءٌ پنهنجي اسڪول ۾ استيج تي آڻيان." هڪ هفتي کان به گهٽ عرصو ڏنائين. قلم هٿ ۾ کنيم. هڪ سڄي رات ننڊ نه ڪيم ۽ ٻيو سڄو ڏينهن لکڻ ۾ مصروف رهيس ۽ هيءُ ڊرامو بفضل، خداوند تعاليٰ تڪميل کي پهچي ويو. ڊرامي جو نالو "بدنصيب ٿري" مرحوم پاڻ تجويز ڪيو، ڇاڪاڻ جو ڊرامي جو لب ولهجه ٿري زبان ۾ هو.

مرحوم حافظ محمد صادق صاحب (ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊيوڪيشن) جو ان وقت مدرسه هاءِ اسڪول ميرپورخاص ۾ اسسٽنٽ ماستر هو، شاگردن کي ڊرامي جي تياري ڪرائڻ جو ڪم ان جي سپرد ڪيو ويو. ڏينهن رات جي محنت ۽ جفاڪشيءَ بعد تياري مڪمل ٿي ويئي ۽ تاريخ ۷-مئي ۱۹۳۹ع تي ڊرامو پيش ڪيو ويو. ٿرپارڪر ضلعي ۽ ميرپور شهر جي سڀني سربر آورده شخصيتن وڏي اشتياق سان محفل ۾ شموليت ڪئي. صدارت ان وقت جي ڪليڪٽر مرحوم نورنبيءَ ڪئي. ڊرامي جي سڄيءَ سنڌ ۾ جابجا تعريف ٿي ۽ هرهڪ جي زبان تي هن شاهڪار بابت تحسين جا نعرا بلند ٿيا.

انصاري مرحوم ڊرامي جو مسوده پاڻ وٽ رکي ڇڏيو ۽ جڏهن پاڻ ڪراچيءَ ۾ تعليم کاتي جو ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيو ۽ ان سان گڏ

"سنڌيءَ لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" جو سيڪريٽري مقرر ٿيو، تڏهن "بدنصيب ٺريءَ" جي اشاعت جي مون کان ۲۴-مارچ ۱۹۴۱ع تي اجازت طلب ڪئي ويئي، جا مون بلڪل فراخدليءَ سان برضا و رغبت ڏني. مون کي اڍائي سؤ رپيا نقد پهريون انعام ۽ اڍائي سؤ ڪتاب جون ڇپيل ڪاپيون معاوضي طور ڏنيون ويون.

اشاعت بعد هن ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ اعليٰ مقام حاصل ڪيو ۽ سنڌي ادب جو هڪ شاهڪار ليکجڻ ۾ آيو. محڪمه تعليم ان کي درسي ۽ انعامي طور ۽ لئبررين لاءِ منظور ڪيو. اهو ئي سبب ٿيو جو هن ڪتاب جون ڏهه-ٻارهن ايڊيشنون هڪبئي پٺيان ڇپبيون آيون.

مان هن وقت پيرسن تي چڪو آهيان. ضعف بصارت سبب پڙهڻ ۽ لکڻ جو ڪم گهٽ ڪريان ٿو. ارادو ڪيم ته پنهنجون جملي تصنيفات "سنڌي ادبي بورڊ" جهڙي نامور اداري جي سپرد ڪريان، جيئن هي منهنجون ڪاوشون محفوظ رهي سگهن. انڪري مذڪوره بورڊ کي التجا ڪيم ته منهنجا ڪتاب اداري جي تحويل ۾ ورتا وڃن. مون کي پئسن جي لالچ نه آهي؛ بورڊ سڳوري جيڪي به ڏنو مون کي قبول آهي:

"پريان سنڌي پار جو ڏُکوئي دولت"

سنڌي ادبي بورڊ ڪرم فرمائي منهنجي آڇ قبول ڪئي ۽ پنهنجي ٻين ڪتابن سان گڏ هيءُ ڪتاب "بدنصيب ٺري" به قبول فرمايو. چونڪ هيءُ ڪتاب هن وقت سنڌ جي ٻن دانشگاهن يعني ڪراچي ۽ حيدرآباد بي-اي آنرس لاءِ سال روان کان درسي طور منظور ڪيو آهي. لهذا سنڌي ادبي بورڊ، ان جي پهرين اشاعت، آب و تاب سان ڇپائي ناظرين ڪرام جي اڳيان موجود ڪئي آهي.

منهنجي خيال ۾ اها هڪ وڏي بي انصافي ٿيندي جيڪڏهن هتي آءٌ سنڌ جي لائق فرزند، علم جي قدردان، خود هڪ اعليٰ اديب ۽ ادب نواز محترم غلام رباني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جي شڪرادائي نه ڪريان، جنهن صاحب، مون کي پنهنجا ڪتاب بورڊ جي حوالي ڪرڻ جو مفيد مشورو ڏيئي منهنجي دل جي مراد پوري ڪئي.

حيدرآباد، سنڌ — والسلام

۲-۴-۱۹۷۴ع — محمد اسماعيل عرساڻي

# بدنصيب ٹري

## اڪٽ پهريون]          [پردو پهريون

[ميرپورخاص جو شهر. سيٺ سڄڻ مل جي
اوطاق ۾ سندس نفر 'ڏالو' چلم ڦوڪي پيو
ڪري ۽ آهستي آهستي ڳائي به پيو:
اڄ عشق ۾ اوهان جي مون ڪيو مٿو آ ڳهاڙو،
جوانيءَ ۾ جلد مِلُ، نه ته ٿي ويندس ڪُراڙو.]

(مٿي تي هٿ هڻي) بابا، سڀ ڀاڳ جو ڪم آهي. آهن ته سيٺيون به، ته اسان جهڙا ماڙهو، پر ڏس ٺولن کي ٽيڪ ڏيو، ڪيئن نه ويٺا سوزون ڪن! اسين ته پرڀات کان وٺي اڌ رات تائين، مکڻ مترهن رهڻ لاءِ رت ولوڙي پٽ ٿا ڪريون، ته به پرماتما جي ڀڄوت، مار پوي سيٺين کي، راڄي ته به نٿا ٿين! (ٿڌو ساهه کڻي) وري به شڪر، جو منهنجو سيٺ سڄڻ مل ته ڪنهن حال ۾ آهي. ٻين نياڳين جون ڳالهيون ٿيون ٻڌجن ته لڱ ٿا ڪانڊارجن. شال ڏکيءَ جو ته منهن ئي نه ڏسجين!

[اتي 'چنيسر' ٽالي هڪ ٽري، روزگار جي
ڳولا ۾ ڀٽڪندو، اوطاق جي ٻاهرينءَ پٽ
جي ڀرسان اچي ڪانپ ڪڍي ويهي ٿو.
کٽي جي گوڏ ٻڌل اٿس. بدن تي ڍگهي

ڦاٽل صدري ۽ مٿي تي ڇنل پٽڪو اٿس.
ور مان سلفي ڪڍي وزم پيري ٿو ۽ ڌوهيڙو ڏئي ٿو.]

منهنجي ٿور تلين ۾، آئڻ هٿ ٻڌايائي،
مون ڏاڏائي ڏيهه ۾، ڦوڙهه ۽ لائي؛
ڪنديس رهائي، ماروئڙ پاس ملير ۾.

[ڊالو نفر ڌوهيڙو ٻڌي، ٻاهر پيرو ٿئي ٿو ۽ چنيسر ڏانهن گهور ڪري نهاري ٿو. ڌوهيڙي ختم ٿيڻ تي هڪدم چويس ٿو.]

ڊالو— مٿان ٿريو آهين ٿريو؟

چنيسر— (نوڙت سان هٿ ٻڌي) ها ڌڻي سيٺ، غريب ٿري آهيان.

ڊالو— آهين ڪنهن ڌنڌي سان، ڪين وٽين ٿو ٽيشن تي ڳنڍيون ڪڇيندو؟ (ڪلي ٿو)

چنيسر— (ٿورو ڊڄي) نه ڙي سيٺ، مسڪين آهيان، پيٽ گذر پيو نهاريان.

ڊالو— (پنهنجي منهن) ٺلي، سيٺ جي ڪوٺيءَ تي، اوطاق تي، گهر منجهه، اندريون ٻاهريون، مطلب ته سمورو ڪم آهي منهنجي سر تي. روج ٿو ڏانهون ڪريان، ۽ سيٺ ٿو چوي ته ڪو ٿري جٽ ڏورڙي بگهاڙ تي هٿ ڪر، جو ڳائين جي شوا ڪري ته تنهنجي جند ڇٽي پوي. هاڻي ته وجهه آهي: هن ٿريءَ کي ڇو نه وٺي ڪٽي وهاريان! (ٿريءَ کي) اڙي نانءُ ڇا اٿئي؟

چنيسر— سيٺ، چنيسر.

ڏالو— نوڪري ڪندين؟

چنيسر— (مرڪي) سيٺ! دعائون ٿا ڪندو وتان.

ڏالو— پگهار گهڻو وٺندين؟

چنيسر— سيٺ، آءٌ توجي اڪتيار (۱) آهيان، ڪم ڏسي پوءِ قدر ڪج.

ڏالو— تڏهن ته ابا ٻولي چڱي آهي.

چنيسر— سيٺ، ٻيو ڪم ڪهڙو ڪبو؟

ڏالو— ڳائين جي ڪڙ ڪتر، ڏڌ هائي، وٿاڻ جي صفائي، ٻيو وري ڪهڙو ڪم!

چنيسر— راضي شاهه ٻلو ڪندءِ. مال چاري ٻاري متارو ڪري ڏيندو سين. الا جو سونهن!

ڏالو— چڱو ترس ته سيٺ وڏو اچي ته پگهار جي صفائي ڪريون. اچي اندر ويهه.

[چنيسر اندر اچي ٿهي نڪي ويهي ٿو ۽ ڏاڙهيءَ تي هٿ پيو ڦيري. ايتري ۾ سيٺ سچو مل به اندر اچي ٿو، ڏالو نفر سيٺ کي رام رام ڪري ٿو ۽ چنيسر نئڙي سلام ڪريس ٿو. سيٺ هڪ ننڍڙيءَ ڊيسڪ جي پرسان گديءَ تي ويهي ٿو ۽ عينڪ ڪڍي پائي ٿو. پوءِ رڪيل ٻنڊين مان هڪڙي ڊولي لکڻ شروع ڪري ٿو. ذري بعد عينڪ مٿي کڻي، ڏالوءَ کي چوي ٿو.]

---

(۱) تنهنجي اختيار.

سيٺ- اڙي، هيءُ ڪير آهي؟

ڍالو- سائين، هيءُ ٽري آهي، ويچارو غريب اشراف آهي. روجگار ڪپهس. گائين جي شيوا چڱي ڪندو.

سيٺ- (چنيسر کي) ابا، تون ڪاٿي ويٺو آهين؟

چنيسر- (منهن تي مرڪ) سيٺ، پنهنجي گهر ۾ پيا ڏهاڙا ڪاٽيون.

سيٺ- ابا، اهو ته پڇانءِ ته گهر ڪاٿي اٿئي؟

چنيسر- (هٿ سان پٽ اشارو ڪري) سيٺ، ٽر مٿي ووا

سيٺ- (ٿورو خفي ٿي) پر ٽر ۾، ڪهڙي هنڌ؟

چنيسر- او هتان نه ڏري پوندين ٽر کي، ته ڏوهه پارهان پيٽون آکري، ارباٻين واريءَ ٽرائيءَ مٿان، اوڍائي مٿان، ڇيچ مٿان، ڇپهار مٿان آکري، هٽرائيءَ واري سن مٿي، اوپرندينءَ پٽ مٿي جونرڙا نظر ايندءِ، اوءِ آئي ڇپلڙا وڻيو، وڏا ڏينهڙا گهاريون.

سيٺ- (پنهنجي منهن) گوٺلي ٻڪ ته ڪيترو ڪمي آهي! (چنيسر کي) ابا، هتي ڪو سڃاڻيئي ٿو؟

چنيسر- (انڪار ڪري) (١) سيٺ، هي ماڃو ڀوڙو گهورو (٢) آهي، جنهن سنڌ کي ڏري پيو اهيان. هيل سال چنڊون پيون گهٽ، الا جو سونهن! ڏاڍو ڏڪر آهي. ڪڪڪ سور ڪوٺ جڙي، سال پنهه مري ٿو. سيگهو ڪو سائين سانوڻ کي آڻي، ته پوءِ سيٺ کي چوندا: سان واري ڍانيءَ مٿان چاڙهي،

---

(١) مطلب اٿس نه. (٢) منهنجو ڀريون.

توکين ڏيڍلو گهمائي اچان. ڏاڙهي آ مونجي(۱)! (ڏاڙهيءَ تي هٿ گهمائي ٿو.)

سيٺ- اڙي ايتري دير ڇو ٿو ڪرين؟ ٻڌاءِ تہ هتي ڪو سڃائي بہ ٿو؟

چنيسر- سيٺ، سڃائي وري ڪو ڪونہ ٿو؟

سيٺ- پوءِ اسان کي ڪهڙي ڪل تون ڪهڙي چال جو ماڻهو آهين؟ سڀاڻي چوري ڪري وڃين تہ؟

چنيسر- (ڳتڪار ڪري) نہ، اڙي سيٺ، نہ. چوري مونجي ڪٿي جو بہ وڙ نائهہ. اسان مارو ماڙو ٻرائيءَ شي کان پنج ٻري ووا اي ڪم آن منهنجي جو.

سيٺ- (مرڪي بہ ٿو، مڇيان بہ ٿي لڪيس) اڙي، هاڻي گهڻو ٻڪيٺي معتبر! ٻڌاءِ تہ پگهار ڪيترو وٺندين؟

چنيسر- تون پاڻ لائق آهين. آءٌ ڪو چوان؟

سيٺ- چڱو، آٺ رپيا مهينو قبول اٿئي؟

چنيسر- سيٺ، قياس وارو ماڙهو ٿي قدر ڪونہ ڪيٺي. چوڪريا چوڪريا پنج روپيا چنداڻ چاليهہ پيا ڪمائين. مان ڏاڙهيءَ سين مڙس، اٺ روپيا گهنان؟ جي مٿي نہ، تہ بہ چوڪرين جيس تہ ڪريوم. پگهار منهنجي مرضيءَ تي ڏي، پوءِ ڪم نہ وٺي تہ پلين لاهي ڪڍي اٺ ڏج.

(سيٺ ۽ نفر ڪلن ٿا)

---

(۱) منهنجي.

چنيسر – (سيٺ کي) ڪو، سيٺ ڪيئن ٿو؟ گهرواجبي ڇو اٿئين ڪه؟

سيٺ – چڱو ڀلا، رپيا پنج مهينو تنهنجا قبول. ڪم ايمانداريءَ سان ڪجانءِ. (نفر کي) ڏالا، وڃي هن کي وٿاڻ تي ڇڏ ۽ ڪم ڪار سمجهائي اچينس.

ڏالو – حاضر، سيٺ.

(ڏالو ۽ چنيسر ٻئي وڃن ٿا.)

(پردو ڪري ٿو)

## ائڪٽ پهريون [پردو ٻيون]

[سيٺ سڄڻ مل جي ڳائين جي وٿاڻ جو ٻاهريون پاڱو. چنيسر اچي ٿو. سلفي هٿ ۾ اٿس. ڪاڻي ڪلهي ۾ پيئي اٿو ۽ ڏوهيڙا ڏئي ٿو.]

ماڙي چڙهي ماروئڙي، ٿي سارن سوڙا ڏي،
جي، سڪ نه، آنڌم سومرا! آنڌم ايرا ڏي،
تہ ميان موڪل ڏي، هن نماڻيءَ کي نئڻو ڇڏي.

الو الو.

ڪريو مهاڙ ملير ڏي آڻيائي آهي،
جا ستي ڏنيس ماروئين، سا لوئي نہ لاهي،
او سومرا! ساهي، سٽيءَ وجهہ ۾ سنگهرون.

الو الو

ڪيم مهاڙ ملير ڏي متي ڪوٽ چڙهي،
نت نهاري ڏيهہ ڏي، ڳوڙها ٻيم ڳڙي،

نگي ڪوڪ قلب مان، منجهان روح رڙي،
او ويڙهيچن وري، ڪر نه لڏي ڪڏهين.

الو الو.

(سلمئ مان سونا ڀري پنهنجي ڌي منهن) ٻيلي، مٺاڪ تہ ٿي ٻہ اسير آهي! پر هنين ڏينهين تہ ڪوري بڪ، واهہ ڙي سرپور واهہ! جهڙو سڀو مين تهڙوئي ڏٺو مين. شڪر آهي! نوڪري تہ جڙي. ٻکهار بہ ٺاهوڪو. مٺونجون ڪهاڻيون سٺي، سيٺ ويو موهجي! هيٺا تہ ڪمايون ٿا چار ڏوڪڙ، جڏهين نہ چنڊون پيون تڏهن ويندا سين وطن. (وري بہ سلمئ مان ڦوڪ پري ڪنگهي ٿو. ڀوء ڪافي ڳائيندو، وچ وچ ۾ ڏوهيڙا بہ پيو ڏئي.)

١- عمر رات ٻڌيون مون ڪي تاڙن تنوارون،
متي ٿيون ستائن سنگهارن جون سارون.
هن منڌ مارو سنهڙا، ويڙهين وڳ وارين،
چڱان چيڪارئو چيلڙا، متي ٻڌين ٻهرائين.
نيڻ سنهنجا اڻ ڪي جهڄو جر هارين،
تاڙا تنوارين، مينهن وسندا سوٽ تون.

٢- ڪيا ويس وچڙين ڪنوڻ نت ڪيلي تي،
ڪري گوڙ واڄا، سڄڻ تيون ستارون.
ڀري ڪيا ٻڌن ۾، وچڙين وڏاڻا،
سور اُنهين جا سونمرا سنگي اندر اڏاڻا،
آوئي ويڙا آڪري، عمر! اباڻا،
ڪر ڀاڀاڻا، وسان شال ڀر ڪنهين!

٣- آئـا ميٺهن موٽي، ٿيون ماڻهون پڻون سڀ،
ڄڻن چـاهـ مـان چيڪ چيلن قطارون.
جهڙوڙ هٿي مارئين، جيت جيها، ڄاڙ چڪ،
اندر ٿو اُچ مندي، ماه. انهن جـي سڪ،
پيهڻن مان ٻڌڪو پري، تـان ڏيٺي تڪ،
ور پريان سين ٻڪ، پيا پاڻ پرياڻي گهوريا!

٤- وچان سان ملڪ موٽي، وطن ڏي وڇوڙيل،
متان ڏين مارو ڪي مُٺيءَ ڪـي سيارون.
اي نه مارن ريت، جيئن سون متائن موڻ تي،
اڇي عمرڪوٽ ۾، ڪندس ڪاڻ ڪريت،
وڪڻ جي پريت، ماڙي سيون نه، متيان الا الا.
(اني ڊالو نقر اندر لنگهي ٿو اچي.)

ڊالو- چنيسر، ڪيئن؟ ويٺو آهين موڙ ۾؟

چنيسر- ڀائي، شڪر آهي. سيٺ وٽ ۽ پيو چند ٿو ڏسجي! سال مٿي پورهيو ڪري ڪويون(١) پڻ متاريون ڪيون آم(٢)، پوءِ به سيٺ ڏري ڏري ڪري ٿو ڏسي. چوي ته تون آهين صفا چٽ بيوقوف. اسين لسيءَ لپ جي موهنج(٣) تي الڪيا پيا آهيون. مارو ماڙهو تڙپين متان پاڻيءَ پيرن جيا مهنڊ ٿي ملوڪ اهيون.

ڊالو- ڀائي هان چڱ ڪاوڙ، وٺ هيءَ رپيو، ڪڙا ويا آهن ڪوي. جيسين اي ڪوڻ ولون، تيسين

---

(١) ڳئون. (٢) آهر. (٣) موهنج.

پنج سير مورند واڻي جي هٽ تان وٺي اچ. پر اچ سگهو. وئين؟ ڊوڙ ڪر، هان؟

چنيسر- (رپيو هٿ ۾ وٺي) هن سڄي جا پنج سير ڪڪڙا جڙندا ڪ؟

ڏالو- اڙي، ته پوڪ! جيتري پنج سير ملن، اوترا پئسا ڏيئي، باقي ڏوڪڙ موٽائي وٺجانءِ.

چنيسر- (کلي) تون ته چوئين ٿو، پر هو به ته مهندان موٽائي ڏي ڪ. واڻي کن روپيو جڙي ته ماڻڙي مريس جو هيڪڙي کوڏي به واري ڪٿي ڏي. ٽر ين ته ڪيراڙن ڪن پائي وات ۾ وجهي، سڀ منکون ٺوڪي ڪٿي هڻ، جي ڪنهي وات اپڻين، هيڪڙا ڏيند و ڪڪڙا، بيا وري ڏيندو ڏوڪڙ! اي آءُ ته ڪونه ٿو سڃاڻين، تون سڃاڻين ته پلين!

ڏالو- (کلي) اڙي، اهو ٽر چڏي آئين. هتي تو کي پاڻيهي جيڪي پئسا موٽندا، مي واپس ڏيندو. رکو تون سچا ڏسي وٺجانءِ.

چنيسر- (کلي ٿو) سچا ڪ، کوڙا ڪ! ڏوڪڙ به سچ ڪ، کوڙ ڪندا آهن ڪ؟

ڏالو- ڀيلي، هاڻ جند ڇڏ، وڃ وڃ، سر ته ڇٽ.

چنيسر- (هٿ بڌي) حاضر حاضر.

(چنيسر وڃي ٿو. پردو چڙهي ٿو.)

## ائڪٽ پهريون [پردو ڏيون

[مورند واڻيءَ جو هٽ. آن جون ڳوڻيون، پسار جا پارڙا ۽ ڪنا، تيل ۽ گيهه جون دپيون وغيره آسپاس رکيل. مورند آسڻ تي ويٺو آهي. هَرُو ۽ ڪيتو، ٻه گراهڪ اڳ ۾ ئي بيٺا آهن. ستان چنيسر ٻه اچي ٿو.]

چنيسر- (ايندي ئي هڪل سان) اڙي سيٺ! ڪڪڙا ته ڏيجانم، پنج سير پڪا.

مورند- (چڙپ ڏيئي) بيهي ته ملڻي ٿا. تڪڙ ڇڏ.

چنيسر- (آڪڙ سان) ڪو پئسا ڪين ٿو ڏيهين ڪي، جو ڏڙهين ٿو؟

مورند- (ٿڌو ٿي، نرمائيءَ سان) بابا، تو کان اڳ ۾ ڪي بيٺي آهي، تنهن کي ته هلايان. تون به ٿو پٽ پهچين.

چنيسر- (خفي ٿي) سيٺ، اي توهجي منهن مٿي نٿو پوئي، اڪر ڪهڙا ٿو آچار يهين.

(سڀ کلن ٿا.)

مورند- (ٻين بيٺلن گراهڪن کي) ٻيلي، او هين چئو مون ڪهڙو گٿل لقچ ڪيو؟

چنيسر- (مورند کي) اهو تيٺ ڪنجاڙو چئي؟

مورند- (کلي) اي! پٽ چير پٽ، ڪڏهن اهو اڪر ٻڌو ڪين ائي چا؟ پر ٻيلي، تنهنجو ڏوهه ڪونهي،

تون آهين ڌريو، تو کي ڪهڙي خبر پٽن جي؟ اوهين پاڻيءَ سڙڪ کي سيکو، اوهان کي پٽن ۽ ٻڪرين جي ڪهڙي ڪل؟

چنيسر— (آچل مان) هائو، ٻڪرين جي ڪر ته رکو آن منڍرين کي! (کيسي مان ٻڪريون ڪڍي، ڏيکاري) هي ڏسو ٻڪريون نه آهن ته ٻيون جون ٿيليون آهن ڪر؟

(سڀ کلن ٿا)

سورنه— ٻلي اسان تو به ڪٺي، جهل ڪندي، پورين تون وٽ ڪکڙاں لاهه لٽڙ.

(ساهمي ڪٺي ڪکڙا تورڻ وڃي ٿو.)

هرو— (خارن وچان) اسين ٻيا پنڪيون ڪائون، هيءُ چٽ چماڻي، سود و اسان کان اڳ وٺي ٿو وڃي! اسين ڏسون وچون هليا پيو؟

سورنه— (پرپاڻي طور) ابا، پورين توڻ، پورين توڻ.

کيتو— (چوٽ بان) پورين پورين جي ڳالهه ڪانهي، اهڙي پس اڪيائي ڪندين ته دڪان اسان کي پس ڪٽا ڪوه آهن.

(ائين چئي هرو ۽ کيتو ٻئي ڪاوڙجي هليا وڃن ٿا.)

سورنه— (پنهنجي منهن) نوٽ آنه پس جيڪي اوهان واڻين مان وٺيان ٿو، سي گهوريا! اسان کي ڪمائي آهي (چنيسر ڏي اشارو ڪري) هنن جاهلن مان، (اوهان مان) ڪهڙي آبت اٿئون؟ ربي جي سودي نهون پس ڏوڪڙ ڪمايا سون، ته پس وڏو چيهه!

(تنهن وچ ۾ چنيسر ڪمندي پڪڙي آهي، سورنه

ڪڪڙا ٽوڙي، گنديءَ ۾ وجهي ڇڏيو) چئي، هي
برڪت ۾ هي سائين سڀ، (زالن ۾) او، مي ٽيا تسي،
(ٽيون سير سچ پچ ٽوري ڪڍي ٿو) وري هي چار،
مي ٽيا ڀورا پنج (پنجون سير سڀ اندر گهيلي ٽوري،
نڪري ٿو وڃي) ميان چنيسرا هاڻ ڪي ڏيکڙ
تنهنجي ڪري ڏس ۾ گراهڪ وڃايا مين.

چنيسر — (اول ڪڪڙا گنديءَ ۾ سوگها ٻڌي، پوءِ ٻئي جي ور مان رهيو ڇوڙي، سورٺ کي ڏيئي) وٺ وٺ، پڇي مور ڪين ٿو وڃان. باقي ڏوڪڙ واري ڏي، ڪڪڙن جو ڪيترو ٿيو؟

سورٺ — بابا، سوائين ڇهين آني ڪڪڙن جا پنج سير، باقي تنهنجا ٽيا سوا ڏهه آنا، سي پنهنجا وٺ.

[سوا ڏهه آنا چنيسر کي ڏيئي سورٺ هٽ جي
اندرين ڪمري ۾ هليو ٿو وڃي. چنيسر به
هٽ ڪان هيٺ لهي ٿو، سنهن ۾ هڪڙو
جوان گڏجيس ٿو.]

چنيسر — (جوان کي هٿ ڪري) اڙي جوان، هي ڏوڪڙ ته ڏسي ڏيکار ته ڳڻا آهن؟

جوان — (ڏوڪڙ وٺي هڪ هڪ ڳڻي ڪري) سوا ڏهه آنا آهن. (ڏوڪڙ واپس چنيسر کي ڏيئي) اڙي ڇو، تو کي ڏوڪڙ ۾ ڪو شڪ اچي ٿو؟

چنيسر — (ڏوڪڙ واپس وٺي) پنهنجي پٽوئي ڪون پوءِ اي ڪم آن پڙهيل جو. (جوان وڃي ٿو هليو، هي به آهستي سوا ڏهه آنا، سوا ڏهه آنا

چوندو، بہ وکون مس کٽي ٿو تہ وري انگ وسري ٿو وڃيس، سو اتيٺي ويهي ويچار ڪري ٿو) ڇہ ڇہ، ليکو تہ پلجي ويو. هان، سيٺ ڪن ڪهڙو جواب ڪيندس؟ (ٿڏو ساہ ڀري) انڪري ٻڙهيل ماڙهو ڳاٺوا الله وسري وڃيس، ڏوڪڙ نہ وسريس. انهيءَ ڳالهيون شهري ماڙهو ٻنهہ پکتا! (اٿي ٻيو جوان اچي لنگهي ٿو، چنيسر انهيءَ کي سڏي) اڙي يار ڳالهہ تہ سڻ.

جوان – چاٿو چوين؟

چنيسر – وڙهين ڪون تو. ڙڳو ليکو ٿو پڇين. هي ڏوڪڙ تہ ڳڻي سڻائيندم. (ڏوڪڙ ڏئيس ٿو)

جوان – (ڏوڪڙ ڳڻي، آتي جو آني چنيسر کي واپس ڪري) هي مڙئي سوا ڏهہ آنا آهن.

چنيسر – (کلي ٿو) هائوڙي هائوا هئُن هم راهہ ۽ سوا ڏہہ آنا سڻايا هوم. (جوان کان) سوا ڏوهہ آني ۾ ڪامي وارا ڏوڪڙ گهٽا ٿيا؟

جوان – ايڪيتاليهہ پئسا.

چنيسر – (عجب ۾) هڻو ڳازي؟ پلا پايون؟

جوان – سٺو ٽيويهہ.

چنيسر – (تنهان ٿي وڌيڪ عجب ۾) سٺو ٿي ويهون وو!

جوان – (کلي) اڙي، هڪ سٺو ۽ ٽيويهہ، سٺو ٿي ويهون نہ.

چنيسر – ڳالهہ تہ ساڳي ٿيا چوندا ڪين اهن تہ جهڙي سٺ، تهڙيون ٽي ويهون. مون کي پُلائين ڪو ٿو؟

جوان ـ (کلي ٿو) ستان ٿو ـ آهين ٿريو؟

چنيسر ـ اهيان ته بروبر ٿريو. پر سڀ ته سهڻن هو ليکو پلجي ويس، ڏوڪڙ گهٽا ٿيا؟

جوان ـ (کلي) اڙي، سوا ڏهه آنا پورا. (وڃي ٿو)

[چنيسر سوا ڏهه آنا پٽڪي جي پلاند ۾ سوگها ٻڌي، وات سان چوندو وڃي، سوا ڏوهه آنا، سوا ڏوهه آنا.]

(پردو ڪري ٿو)

## ائڪٽ پهريون] [پردو چوٿون

[ميرپور خاص جي هڪ گهٽي، چنيسر وات سان سوا ڏوهه آنا، سوا ڏوهه آنا جهونگاريندو، اچي ٿو اتان لانگهائو ٿئي. اتي ڪن تي هٿ رکي ڪافي ڳائي ٿو ۽ وچ وچ ۾ ڏوهيڙا به ڏئي ٿو.]

عمرا! آءٌ سري ٿيان نه ڇڏينديس، سومرا!
سڀ ماروئڙن جي.

١ ـ سهڻن آئي مارئڙين، لالڻ سان لڏيندي،
سڀ ماروئڙن جي.

واجهائي وطن کي آءٌ جي هٿ مئاس،
گور منهنجي سومرا! ڪج پنوارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي، سنجهان ولڙن واس،
ميائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.

٢- سري منهنجي سومرا! ترن ڪين ٽڪيندي،
مٺي مارُوئڙن جي.
واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهه،
هني سر سانڍيهه ماڻهون، منهنجو نج سيان!
مقاسيائي ماروئڙن، وڃي ٿر ٿيان!
ميائي جيان، جي وڃي مڙهه ملير ۾.
٣- هميراٽا هٿڙا، ميهري ڪين مڃيندي،
مٺي مارُوئڙن جي،
ڪريو سهاڳ ملير ڏي، روءِ آئيي چوءِ،
سهج سوري پانئيان سومرا! سنڌوءِ،
ميلڪ ماروءَ جي آهيان، جور نه ٿيان جوءِ،
سو قلب ڪوڙ نه هوءِ، جو هٿيجن هٿ ڪيو.
(ڪافي ۽ ڏوهيڙا پورا ڪري، وري به وات سان
سوا ڏوهه آنا، سوا ڏوهه آنا چوندو هليو وڃي ٿو.)

(پردو چڙهي ٿو)

## انڪ پهريون] [پردو پنجون

[سيٺ سڄڻ مل جي ڪوٺي. سيٺ صاحب طول
کي ٽيڪ ڏيو گديءَ تي ويٺو آهي. پاسيرو
ڊالو نفر ڏاڪيا ويٺو وٺي. وچ ۾ بلغاري چلم
ٽيڪي رکي آهي، جنهن مان سيٺ ڦوڪون
پيو ڀري. ڪوٺيءَ جي ٻاهران هڪڙو ”قلندر
فقير“، جنهن کي مٿي ۾ لڏندڙ شيشن واري
تاج ڍڪيل آهي، سو مٿن پيو هٽي.]

قلندر- اي سيٺ وڏا، ڏٺي ڪندءِ تنهنجو ڀلو، اسان مشڪين کي پالهو نہ موٽاءِ.

سچن مل- فقير، ڪڏا جي واسطي مٿو نہ کاءُ.

قلندر- او، رب سائين وجهندءِ ٻنيءَ ڪڻيءَ ۾ برڪت! سواليءَ کي در تان خالي نہ ڪڍ.

سچن مل- چيومئين تہ هُل نہ ڪر، مات ڪري هليو وڃ.

قلندر- او تونگر سيٺ، ناليِ نانءَ ڏٺيءَ جي اَڄ تہ ڪو قرب ڪر. روز اسين ٻہ ڪين ٿا اچون.

ٻنجين- اٿين سهڻي آياسين نہ آئي جهڙا.

سچن مل- (هٿڏي ڏيئي) اٿري، هاڻي گهٽي ٻہ ڪيئي. شراق، اشراق جو تکم آهين تہ وڃ ٻاجار ۾، هتي ٻيهي گوڙ نہ ڪر. نہ تہ ٻڌايانءِ ٿو، مان اهڙو ڪراب ماڻهو آهيانءِ جو پوليس کي گهرائي، اتي جو اتي رستي روڪ جي ڏوهہ ۾ ٽنگائي ڇڏيندو سانءِ.

قلندر- (سيٺ جي ڏمڪائڻ تي نہ ڏمڪجي)

مايا اچڻي وڃڻي، کهڙي ڪري پاءُ،
ڪن جي دبي رهي ڌوڙ ۾، ڪن جي راجا کاءُ،
مڦلي ٿيندي ساءُ، جا ڏيندين نانءَ الله جي.

هرڊو دنيا دار جو پاهڻ کان ٻہ پري،
ديا نہ اٿس دل ۾، جو دمڙي ڌرم ڪري.

(اهي بيت سر سان ڳائيندو، پڇاڙيءَ ۾ مست قلندر جو نعرو هڻندو، هليو ٿو وڃي. سيٺ سچن چلم ٻہ پيو چڪي تہ رکي ٻيا تہ، ٻيٺ پيو سهڻي ٻيا تہ،

اوکرائي ڏيئي، وچ وچ ۾ چوي پيو واهگرو! واهگرو! سچا پاتشاهه! ڪئير سک سان نپاهه! ٿوري دير ڪن رکيءَ ڊالي ڪان پڇي ٿو:)

سيٺ ــ اڙي ڊالا، اچا چنيسر ڪونه آيو؟

ڊالو ــ سيٺ وڏا، نه.

سيٺ ــ ڪا مهل ٿي اٿس! وڃي ڪُڙق ٿيو ڇا؟

(اتي چنيسر اچي سهڙي ٿو) اڙي، ڪڪڙا آنده؟

چنيسر ــ آنهه آنهه (۱).

سيٺ ــ (گنديءَ ڏي اشارو ڪري) تڏهن گنديءَ ۾ ڇا اٿئي؟ ڪڪڙا آهن نه؟

چنيسر ــ آنهه آنهه.

سيٺ ــ (چنيسر جي هٿن مان گندي کسي ۽ کولي) اڙي، هي ڪڪڙا نه آهن ته پيو ڇا آهي؟ بيوقوف پوءِ به آنهه آنهه پيو ڪرين!

چنيسر ــ آنهه آنهه نه ڪريان ته ٻيو نهڪار ڪريان ڪر؟

سيٺ ــ آنهه آنهه معنيٰ هائو ڇا؟ (چنيسر ڪنڌ ڏوڻ سان ها ڪري ٿو ۽ سيٺ کلي ٿو.)

سيٺ ــ جهرين ٿورين مان اچي ڪم پيو آهي! اڙي مون کي ڏي باقي ڏوڪڙ.

چنيسر ــ (پڳڙي جي پلاوَ مان ڏوڪڙ ڇوڙي، سيٺ جي هٿن ۾ ڏيئي) هي وٺ پانجا ڏوڪڙ.

---

(۱) مطلب اٿس، هائو.

سيٺ ـ (ڏوڪڙ ڳڻي) اڙي ڪڪڙا پنج سئو ڪوٺي مليا؟

چنيسر ـ سوائين جيئين آنين.

سيٺ ـ ته پوءِ باقي پوڻا ٻارهن آنا ڪٿي. تو سوا ڏهه آنا ڪيئن آندا؟

چنيسر ـ سيٺ اي مشڪري ڇڏ. مون وٽ سڀ ٻن همراهن کنان ڪين پڇو هئڪر؟

سيٺ ـ (ڪاوڙ مان) بيوقوف ڪري ڇا ٿو؟ اڙي! باقي ڇهه پئسا ڪيڏي ڪر ٻاهر......

چنيسر ـ (مرڪي) مون کي مٿان اوڳو لڌو واٺي ڪر؟ آءٌ ليکي جو تسو ڳڻيا بہ پڪتو اهيان. مون کي پٽلا پهين ڪو ٿو؟

سيٺ ـ (وڏيڪ ڪاوڙجي) هڪڙو چسو بيوقوف، پيو وري پاڻ کي سمجهي قابل اسار پوءِ، تو مان ڦاٿو جو اڃي آهيان؟ پگهار ۾ جيڪا ڪفايت ٿئي، سا ته تو ٿوڙا وجهي ڇڏي پوري، هاڻي ڪنهن ٻن ٻاڙهان تو ته ڪار ڪانهي ڪوچ! (خار مان) نہ ڪوي تنهنجي نوڪري، وڃ هاڻو ـ وٺ هي [redacted] جو پگهار (ٻيلي ۽ مان ڪجهه ڪيڏي ٿو).

چنيسر ـ لوڏيهين ڪو ٿيو؟ پگهار ڏي ته رمندو رهان، ناحق ڌاڙهيءَ ڪو ٿو؟

سيٺ ـ (نوٽ، چنيسر کي هٿ ۾ ڏيئي) وٺ پگهار، وڃ، نڪرا

چنيسر- (نوٽ هٿ ۾ وٺي، اتي ئي موٽائي) نوڪريءَ مان ٿو ڪڍين، پوءِ چئين ڪجاڙي جون؟

سيٺ- (واڌڙو ٿي) اڙي، ڇا ٿي چاهين؟ پورڪ، هيءُ نوٽ آهي پنجن رپين جو!

چنيسر- (نوٽ کي ووٽ سمجهي) ووٽ وچي ڏي ارباب توڪاچيءَ کي. امين باهه ڏونس ڪر، ڇرچو گهيو ڦٽو ڪر. اسان کي ڏوڪڙ ڏي ته سوٽي ماڪ وچون.

سيٺ- (بيزار ٿي) آلوءَ مان ڦاٿس مرڪو!

چنيسر- عيدو ڪهڙو؟ سونجي جند ڇڏاءِ، پنهنجي علو چاڻي تون ڄاڻ.

سيٺ- (ڏند ڪرٽي. هيڏيءَ مان پنج رپيا ڪڍي، چنيسر ڏانهن اڇلي) پڪڙ پنهنجي سان، پنج.

چنيسر- اهي ڪيترا؟

سيٺ- پڌ ۽ ڪون؟ پنج.

چنيسر- اهي ته پيلا؟

سيٺ- (ڪاوڙ ۾ پيٺي لڳيس، ڪلهي تي هيو) پيلا! پيلا!

چنيسر- (سيٺ کي هٿرين پٺي موڪلائي) چڱو هائي دعا ڪيج جو پاڻو بشڪ (١) ڪيجان. اسان توجو ليمڪ (٢) ڪاڏو اهي.

سيٺ- چڱو چڱو. ڪٿير هوندءِ.

(چنيسر وڃي ٿو)

---

(١) بخش. (٢) ليمڪ نمڪ لوڻ.

## ائڪٽ پهريون [پردو ڇهون]

[ميرپورخاص جي هڪ حويليءَ جي ٻاهرئون، چنيسر جو ڳولائي 'دودو' ڪانپ ڪڍيو ويٺو آهي ۽ ڏوهيڙا پيو چوي:]

عمرا! اباڻي پار ڏي، اچ ڪڪر ٿيو ڪارو،
منداڻين مينهن جي اچ وسڻ جو وارو،
اوا! ساڄن سوپارو، پيچ پڳي گهر آئيو.

الهو ميان

پر، ڏس ته پلڻ ٿر جا ماڻهو ڏين، سنڌين کي ته انگريز ڪو عقل ئي ڪونهي...... چنيسر جو ڀڄائي ڀڄائي، پيرن ۾ ٿي اڦرڻ پونئي ويون آهن، پر اڃا پٽوئي ڪٿونه ٿو پوي...... آهي ته پڪ ميرپور ۾. پر پڇي، ڪيئن سڌ پونئي؟ جنهن ڪنان ٿو پار پڇان، سو ڪنيو پوٽ پيٺو ڪري (اهل ڪري ٿو). سيٺ ورت ڏس مليو ته اتان به نوڪري ڇڏي ويو. اهاري نهاري سون پوڙهي جي اکين ۾ ٿي پڇون پنجي ويون آهن. هاڻ پڇان سو ڪنهن ڪنان پڇان؟ ڪهڙا ٿڙ ڳولي، ڪهڙا ڳولان؟ ميرپور جي شهر ۾ ٿڙ ٿيا ڪيترين ڪنان وڌيڪ. پر پڇي، يار ڪي ڳولي هٿ ته ضرور ڪرڻو پيو. (ٻنگي مان ٻوڙي ڪڍي، دکائي، ڏيئي ٿو.) آٿ پڇي دودا، ويٺي ڪنان وڃڻدي پيلي (ڏاڙهيءَ تي هٿ گهمائي اٿي وڃي ٿو).

(پردو ڇڙهي ٿو)

اڪٽ پهريون] [پرده ٻيون

[شهر جي دنگ تي ڪکائين جهوپڙي، جنهن ۾ چنيسر رهي ٿو. چنيسر ڄاڻي شهر ۾ ڪاٿي پرڻ جو ڪم ڪندڙ آهي. ڪنواتي ڪلهن تي، جهوپڙي ۾ اندر اچي ٿو. ڪنواتي ۽ ڏنا رکي، ويهي سلفي پيئي ٿو ۽ ان بعد راڳ ڳائي ٿو.]

ڪري ياد دل تي ڏڻ جي ڏنارن ڪي،
پنهنجي پرت پرڻ پنجي بهنوارن ڪي.

سڪندي سال ٿيا،
لنگهي ورهيه ويا،
پلپل پور پيا،
قضا قهر ڪيا،
جدا جاني ٿيا،

وڃين شال ملان پنهنجي پيارن ڪي! پلاو پلاو.

پلاو پلاو! سيٺ جي نوڪريءَ کان ڪاٿي پرڻ جو ٿو رهيو پلاو! گهري گهري سان ڏوڪڙ. ڏس تہ ڪمائيءَ جي لالچ ڪلهائي چڱي چڙيا آهن. پر پيلي، آهت سا لوهہ اهي! (چيلهہ سان نورو چوڙي، پٺما ڪڍي ۽ ڏيکون ٿاهي اکيان رکي ٿو.) ڪاٿي تہ ڏوڪڙن چيلهہ ئي ڇڙي ڪري رکي آهي. (چيلهہ ڇڙي ڪري، چيلهہ تي هٿڙو گهمائي ٿو.) اچا تولي مل وٽ هن سهڻي جي ڪاٿيءَ جو پگهار رهيل آهي. آنهي جو بہ

اڄ اجام (١) اهي، آءُ ملي ويو تہ ڀوءِ موڙ لڳي ويندي. (انهن ڇٽي ٽنگ تي جو ڦٽ اٿس، تنهن تان مکين کي هڪلي، ڏسي ٿو.) پر، سنڌ ڄڻ مکيون ٻہ کي چنبيون اهن. ماس ڇڏڪي ڦٽو ڪيو آن. ڪا اُگهڙي هجي تہ ٻڌڻي ڦٽي ڪريان. ڇهوندا هُن تہ ماهيو ڇيڙو ٻہ ڦٽ کي پيلو اهي. (ڇيٽي لاءِ هيڏي هوڏي نهاري ٿو.) پيلي ڇيٽو تہ ڀيو اهي. (آٿي ڏرو ڪٽي ڦٽ تي رکي ٿو ۽ ڀنڪي مان اُگهڙي ڦاڙي، مٿان ٻڌيس ٿو.) هاٿي جي ڦٽ نہ، ڇتو تہ ڇوڙيو مٽڪ ۾ ٿڌهن دارون ڏيندو ٿي ڪونهي!

(اتي ٻاٿي ٽولومل اندر لنگهي ٿو اچي.)

ٽولومل– (ڏوراهي طور) اڙي چنيسر، ڪرين ڇا ويٺو؟ صبح سان ٻاٿي ڏبو آهي، ڪين شنان ڪاڻ ويڻا سگهون. هاٿي ٽريا، تون ڏاڍو وسيت ٿي پيو آهين.

چنيسر– سيٺ ٽولامل، ٻاٿي جام. هيءَ چنگهڙي پئي آهي ضربجي، سو ڇوسون تہ ڪريونس ڪو ٽيڪڙ.

ٽولومل– اڙي موڙک، پنهنجا ٽيڪڙ ڪهڙا ٿو ڪرين؟ هو ميونسپالٽيءَ جا ڊاڪٽر جي ويٺا آهن، انهن وٽ نٿو لنگهي وڃين؟

چنيسر– ڇنون ٿيا داختر سورگهڙ عضبا ڏسي (٢) وڃيو ڪلين!

ٽولومل– ڇريا ڪونہ ٿيا آهن، جو عجبا وڃيندا. رکو ٿت کي ڌوئي، صفا ڪري، ملم پٽي ڪندا.

---

(١) العام. (٢) عضوا.

چنيسر- سئين! ڏ ونڊا ڦٽ ته ٻاٽي ڪين چورائيند و؟ هاڻي اني تہ ڪي آسينس (١) ٿا هوڪي. ماهيو چيٽو مڪي ڦٽو ڪيو آسينس. هاٽي ڦٽ سکهو ٿي سڪي ويند و.

ٽولومل- سُڪند و تہ ڪونہ، باقي چيڪند و سو سهي، مرڪو ڪهيلا، لنگ نہ وڃائين!

چنيسر- تڏهن اسين ٽرجا ماڙهو ڀوڪ اهيون ڪ؟

ٽولومل- (چٽر طور) نہ نہ، آهيو تہ عقل جا اڪابرا رکيو جڏهن عقل ورهايو ٿي، تڏهن ٻين جهلي هٿي جهول، اوهان ٽرين جهليو هو پرڻ! پر هاٽي ٻڌاءِ تہ هن مهيني ۾ ٻاٽيءَ جا وارا گهٽا ٿيا؟ حساب لاهي ڪر چڪتو.

چنيسر- (هٿن سان صدريءَ کي مناڙي) هٿو، حساب لٿو پيو اهي. تون سيٺ هُٿين ٿو پڇين، سو مون هير حساب ڪري بنديءَ متي چاڙهي ڦٽو ڪيو آم.

ٽولومل- (ڪيلي) تڏهن ڪڏ پنهنجي بندي تہ پٽو ٻوي؟

چنيسر- (صدريءَ جي کيسي مان گدامڙيءَ جون ڪکيون ڪڍي، وائڙو ٿي پيو نهاري) اڙي، هيءُ ڪو ٿيو؟ مون سمد و(٢) هو تہ ڪکيون ڪي کپل هونديون! (کيسي ۾ ڪکين لاءِ وري ڦولهہ وجهي ٿو ۽ کيسي کي اٿلائي ٻاهر ڪڍي ٿو ۽ ڏسي ٿو تہ کيسو ڦاٽو پيو آهي.) هوءِ ڙي ٹولا مل رڻ ٿي ويو!

---

(١) ڪٿي الماس. (٢) سمجهو.

ٽولو مل – ڇسو؟ ڇسو؟ سيٺ جي ٻڌائي ڦٻائيءِ
پيئي ڇا؟ (کِلي ٿو)

ڇنيسر – سڻ! پڙهيا سڌائين ليکي ۽ وڃڻ ٽا ڦريو ۽
تڏهن هيءَ ٽل ڪئي آهي. تہ وري صندري سڄي
ڪٺائي، جنهن منجهہ ڪکيون ڀريون هون!

ٽولو مل – پر ميان، تنهن ۾ منهنجو ڇا؟ مون کي ٽي
دير ٿي. جيترا وارا ڀريا هوندءِ، ڪکيون ۽ اوتريون
نڪرنديون. تنهنجو ڳيندو ڪکيون اوڳار پسندو تہ
ڪونہ؟ هن مهيني ۾ ٿهرا انهن ڪکين جيترا مس
ڀريا هوندءِ.

ڇنيسر – (ٻئي آڱريون ساڄي هٿ جون سڌيون
ڏيکاري) اوهہ روز هيترا گهرا ٽو لاهيان وڃ!

ٽولو مل – (ڪکيون ڳڻي) تہ بس، مهيني ۾ سٺيون
ساريون اوڙهن ڪکيون، سي ليکو ڪري ڏس تہ
برابر آهن، يعني ڇا ڪوٺي؟

ڇنيسر – الا جو مونهن؟ تڏهن پوريون آهن ڪ؟
پورهيتن جو پورهيو دانا ڪونہ وڃائي. (خوش ٿي ٿو)
هاڻي ڏيئي ڏوڪڙ.

ٽولو مل – (کيسي ۾ هٿ وجهي، ڏوڪڙ ٻيو
ڪڍي) ٻنڪ، ٻهرين ڏوڪڙ. ڇنيسر ميان! امانت جا
ٻار ڏاڍا ڏکيا آهن. اسان کي پنهنجي ڳالهہ آهي تہ
پراوا پورهئي جا پيسا ڏيون تہ ڇٽي ڇڏي. پر ٻڌلي،
هاڻي پائيءَ جي پائيءَ جا اڳهہ لٿل آهن. (کيس
ٻيئي پائين واري جي حساب سان پيسا ڏئي ٿو)

چنيسر ـ ٽولامل! ڏيج ڪٽس ته ڪونه ٿو لاهين؟

ٽولومل ـ ڀائي، رام جو نالو وٺ، تون غريب ڀورهيت، تنهنجو ڀاڄن جو ڀورهيو ڪو گهٽ ڪري ڏيو ڇا؟ اهڙي ڪُپت ڪا ڪبي!

چنيسر ـ تڏهن ڀائي، آئين واڻيا ماڻهو قياس وارا اهيو.

ٽولومل ـ (پئسا ڏيئي) هان وٺ، ٻين ڀائين حساب سان ارڙهن وارن جا ٿيا ٻارهن پئسا پورا. (چنيسر پئسا وٺي ڳڻي ٿو.) ڪيئن پورا ٿيا نه؟

چنيسر ـ (ڪنڌ ڌوڻي) هئو هئو، ٽولامل! پورا ٿيا. تون ڪو گهٽ ڏيندين ڪه. (نوري مان ٻيا پئسا ڪڍي، ٽولي مل کي ڏيئي) ڀائي ٽولامل، ڀلائي ڪري هي ميڙ ڏوڪڙ ڳڻي ڏيئم.

ٽولومل ـ (پئسا ڳڻي) مڙئي ڏهه رپيا اٿئي.

چنيسر ـ (خوشيءَ مان) ڏهه روپيا! نه نه، الا جو سونهه! تڏهن ته موز لڳي وئي. (پئسا وٺي نوري ۾ وجهي، نورو جيله مان ٻڌي ٿو.) هاڻي تون هل ته مان ٽڪر گهمو وات ۾ وجهي، هير جو هير، گهر ڀري ٿو اچان. (ٽولومل وڃي ٿو.) سنڌ ۾ لڳي پئي آهي چوري. ماڻهن جا ٿيڙ موڙهين ڪنيو وڃن. هاڻي پئسا پاڻ وٽ رکڻ به چڱا ڪين اهن. ٻچا ٻار به ڪيترو وقت ٿيو ڇڏي آيو اهيان. آن جو ٻه پٽو ڪونهي، ڙ هتان ڪو ماڻهو ئي ڪونه ٿو اچي، جنهن هٿ ڪڻي ڏوڪڙ موڪلجن. ڀلا سنڌ ملڪ ٿيو ولاتن تي. ڪٿي جا ڪير ڪٿي جا ڪوهيارا!

(پريان هڪ ماڻهوءَ تي نظر پوي ٿي ۽ نراڙ تي هٿ رکي جتائي ٿي ته ٿو) ٻيلي، جهڙو دودوا ايئن وري ڪيئن هوندو؟ (دودو ويجهو پيو اچي) هاڻو پر، آهي ته سچي پچي دودو.

[دودو اچي ٿو. ٻاڪر ٻائي سان ٿا ۽ ويهي خبرون چارون ڪن ٿا. دودي جي منهن تي چاپئين ڏاڙهي، هٿ ۾ لٺ ۽ هيٺان گوڏ پٽڪل آهي.]

چنيسر— (دودي کي کينڪاري) دودا ڪيئن؟

دودو— شڪر آهه.

چنيسر— چاق؟

دودو— الله جي مهرباني.

چنيسر— متارا جوڙ؟

دودو— لائق رب جا.

چنيسر— آسودا؟

دودو— سڀئي ڪئين! چنيسر، تون ڪئين؟

چنيسر— ادا شڪر آهه.

دودو— متارو، جوڙ؟

چنيسر— الله جي مهرباني.

دودو— آسودو؟

چنيسر— رب جو فضل.

دودو— ٻيو سڙهي ڪئين؟

چنيسر— سارو ڪٽنب، هر ڪي ڪنهن ڪئين جون ڪيرون چارون.

دودو- (ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيرائي) ڪبرون چارون مڙهي ڪٺيون جون. چائين سچائين ته، ذات نالي جو واڪڻ اهين. پانجي سڪيون مٿان مٿون ڏهاڙو ٿيو آهي نه ڪهي اچي هتي پهچو اهيان. توجو پڇائي اچي هتي لڏو آهيان- پٽوٽي نه ملي. سنهين سنهين ڏس سليو ته ميٺ وٽ وڻان مٿي هوندين. اتان وري ڪٽيو ملي ته نوڪري ڇڏي ويو آهين، تڙ مٿي پاڻي پيو پريئين. تڏهن واري ڍري آيس تو ڏاري. توڪي ڏسي ٿيا اهيون ڪش. پيو مڙهي آهي ڪٺيو.

چنيسر- ادا گهرجي نه ڪٺيو.

دودو- ڏي پانجون ڪبرون چارون؟

چنيسر- اسان جون ڪبرون ڪٺيو جون پانجي ملڪ ۾ پيو ڏکر، جنهن ڪٺي وڏو ڏولائن ۾. لاچار لڙي پيا هين سنڌ پار. پلا واڪيت جڙي ڪانه، پيٽون ڇڏي، سنهين پٽ تي آيا هين ته پنڌ ڪٺي ٿي نه. سنڌ جا ڪپاڻون پلا وڏا، هلندي هلندي پير ڏناسين نئين ڪوٽ مٿي. الا جو موني، اتون پاڻ ويٺو اهين ته ڪاڏي هجي پلا ڏٺل ڪانه. وچ ڙي ريل، توجي هڪل ! دل ۾ ٽڙڪي وڃيو ڇڏي. جهڙو شينهن ڳجندو (١) اچي. سو ٿي؟ آءٌ ته مردائي ٽڪس وٺي دل جهلي، منجهه چڙهيو ته ويهين. واه ڙي واه

---

(١) ميٺو، بهتل.

انگريز! اندر ته محلات(١) لڳا پيا هئا! هر هر
ڪنڊ جو گهوگهٽ وو؟ واڪڙ واڪڙ، شاڪڙ شاڪڙ،
ڇه، ڇه، ڇه ڇه اها ٺي ساٽ (٢) ميڙ هو، آئي سڻيائين،
هاڻي رنس ڏٺو هوندو. تون ڪهڙي وات آئين؟

دودو- (ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيرائي) ماڳي وات آيس.
ته چنيسر، مان سان وري هيڪڙي جنٿ ڏي. تڪڙ
تڪڙ ۾ اهڙي وڃي گاڏي ۾ چڙهيس، جتي منڊل
لڳا پيا هوا، ڪاريون گاڏيون، جهڙيون ڀائين واريون
زير گاڏيون وڙا! سڄو ٺي؟ ان ستي تو چڙهي ويٺين.
سڄو ٺي؟ ڀلين ڙي ٿرسٽڪ! جنهن ۾ جهنگ جي خيال جو
ڀتين ۾ سوهنج! سندت ۾ ڏاڍو اوهنج. سوهنج! اي وري
چنيسر اهڙو سوهنج جو ڪيئن تو ڀانيين؟

چنيسر- واهه واهه! ڳالهئي ڪام پيچ.

دودو- ٻوءِ ادا مونجا، مون ڪي اچي تو ٻوٽي
پيٽ ۾ وڪڙ، سو زيرگاڏين جي هيٺان ٽونڊڙو ٿي،
لاٿير هاج. ڪٿير، گاڏيءَ کي لوچ ٻيچ. لڄائي ڄڄائي
آندائي ڪيڏي ڦڙا ڪيائين! الا جو سونهه! تو واري
ڏاگهي جو ٻوڙون خانو ٻ، ان ڪنان سوهنجو. ڪٿير،
اوچتو هانديءَ ريلي ۾ سار ٻويس هيڪڙو ڪامورو
چوڻ چڙهيو ٿو اچي! بس، ڪٿي وانگر ٻيو ڏاڙهي،
ڇڙي، ٽڪس ڏيکار. هتي ڪو چڙهيين؟ هي ڦس ڪلاس
آهي! ڏوڪڙ ڀري ڏي. (ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيرائي)

---

(١) محلات. (٢) ساعت.

ٻوءِ ادا مون چوماس ته ٻيلي راضي شاهه جو سونهن!
سونهي ھڙ ۾ ڏوڪڙ اٿئي ڪونه. ڪيترين ته ٻلين،
باقي ليئنديءَ ڪوڏي به ڪانه. مون کي ڪبر ڪانه
هئي ته ڪٿي چڙهيو، نيٺ ٻه - چار ٽڪر هٿي، ٻئي
ٽيشن مٿي لاهي وجي هيڪڙن ڪانوڙن مٿي ويهاريائيم.
پٺو ڙي يار، وات مٿي پاٽيءَ (۱) جا رستا لهيا پيا هوا!
پاڻ ته ٽرين سرڪ ڪٽاڻ پيا سکون.

چتيسر — هانو، ملڪ سنڌ جو ٻه امير آهي! دودا
ڪٿا پارن ٻچن جي ڪبر چار؟

دودو — ٻيلي، ڏوڪري جنهن ڪليپهي ٻنهي
ٻيهري ويٺي آهي، ڪاڏي لاءِ ڪٺو ڪونهي. ٻچا ٻار
ٻٽڪر ٽا مون ورا! مال ۾ ماتاں سڀ ڏور لڪن سري
ويا آهن. توجون چار ڳويرن، چار ٻهون اٺون
منجهڙي ڳڏهوڙي به مري ويون. ڳير جي مٿي نه
ڪانهي. نڪا آسي لپ جا ڪانجي، نڪو داڻو ڪڻو.
مال ڏاڍو ٻرو آهي. تون ٻه سنڌ ويهي رهيچين.
وري ته موڪليئي ڪو ٻسو پنجڙ، سنڌ ۾ موڪلو ٿي
ويٺي رهيچين. ڪٿا ورڻ جي وائي يا پوين جو
ويچار نه ڪونه ڪٿيئي.

چتيسر — ٻر، ڏوڪڙ ڳچ ڳول پيڙا ڪيا آهن، ٻر
گهرين ٻچن ڪيئن؟

دودو — انگريج، شينهن ۽ ٻڪري ڳڏي چڙيا آهن،
تون ۽ آءٌ هيڏا سارا مڙس هتي سنڌ ولات کي اچي

(۱) واهن ڏي اشارو.

پنگا اهيون، باقي ڏوڪڙن ۾ بار ڪيترو، جو ڪين پچندا؟ گاڏيءَ منجهيئي ڪٿي موڪل.

چنيسر – مون ۾ سو اهي ته انگريچ کي ۽ – چار ڏوڪڙ ڏيا ته پاڻهي موڪلي ڏيندو.

دودو – ته بس، اهو ڪو ٻلو ڪر، ته ته هاڻ ٻنک ڪڪيون سڪائي ڦٽيون ڪيون اهن.

چنيسر – (هڙ مان ماني چوڙي ۽ ڪُٽڙ جو ذرو ڪڍي ٿو.) پلا دودا، هوندين ير بکارو. بسم الله! آ ته ڪيئيون.

دودو – ادا، يا بسم الله! (ٻئي روئلو کائين ٿا.)

(پردو ڪري ٿو)

ائڪٽ پهريون] [پردو اڏون

[سر پور خاص جي شهر جي هڪ گهٽي ۾ صوفي فقيرن جو هڪ ٽولو جهمر هڻندو، ڪافيون ڳائيندو، اچي ٿو لنگهي.]

(پردو چڙهي ٿو)

ڪافي سر گجري

اوڏاهون آيا مون ڏي عتاب ابائن جا.

۱– هي ڏيهه ويڙني وسري،
تو ڏينهن اتي لايا... مون ڏي

۲– ياد اسان کي چو ڪرين،
منجهايئي مايا... مون ڏي

۳- ڏينهن اسان ريءَ گذري،
ويڙتي اجايا... مون ڏي
۴- گهڻا مينهن ملير ڏي،
واليءَ وسايا... مون ڏي
۵- تنهنجي ڏس لاءِ هين،
سانگي سڪايا... مون ڏي
۶- مائين 'سچو' سيکهڙا،
مون کي مارو ملايا... مون ڏي

(پردو ڪري ٿو)

## ائڪٽ ٻهريون] [پردو ٽائون

[ميرپور خاص ۾ عريضي نويس عبدالله خان جي آفيس. عبدالله پاڻ ۽ ٻه چٽا ٻيا ويجي ڪمپنين جا ايجنٽ ويٺا آهن. هڪ ميز ۽ چار ڪرسيون پيون آهن. مس، قلم، ڪاغذ، ٽائيپ رائيٽر وغيره موجود آهن. عبدالله خان ۽ ايجنٽ پاڻ ۾ ڳالهيون ويٺا ڪن. ايجنٽن کي انگريزي ڊريس پيل آهي. سندن ٽوپلا ميز تي رکيا آهن.]

عبدالله خان- هائي شايد ويمي جو ٻه ڪو چاڙهو ڪونهي؟

ايجنٽ ٻهريون- نڪو، پروپوزل ئي ڪونه ٿو ملي. شروعات ۾سي ڏي هئا. هاڻ ته آهن سڀ جون سڀ،

پينگ جونءِ ڳٽيون! ڇا ڪجي؟... ڪمشنال اسسٽنٽ جي عهدي تان برطرف ڪيو ويس، ته اول سڀجهي ويس ته هاڻي گذر ڪيئن ٿيندو، پر پرماتما جي دعا سان ايجنسي ملي ۽ گنج لڳي ويا.

عبدالله خان- هائو، پتا ياڙا ڊبل ۽ گشت جام!

ايجنٽ ڀهريون- هاڻي اها رونق ڪانهي. ڪمونين به ڪمي آهي سختي. مڙئي پيا گاڏ و گهليون. هينئر زور آهيو اوهين عريضي نويس.

ايجنٽ ٻيو- (همراهه کي سڌ ونائي) هانو، جهيڙن جهڳن جون درخواستون، خط، مني آرڊر، اپيلون، مطلب ته موج لڳي پئي اٿانو. رهيا ٻ-چار سئو مهيني ۾ ڪوڙي ڳالهه آهن! وڏي ڳالهه آزادي. پنهنجي آفيس ۾ ٻهاري ڪيو ويٺا آهيو.

عبدالله- (کلي) نڪو، پر ايڏا ايراسا هينئر آهن ڪٿي! رڳو شڪر آهي ته ڪنهن جي محتاجي ڪانه ٿي ٿوي. ڪوڙ سچ ڪيو، مڙيئي پيٽ ڪليو ويٺا آهيون.

[اتي چنيسر اندر اچي ٿو، ڊچندو ڊچندو نڙي سلام ڪري ٿو.]

عبدالله- ابا، ڪيئن آيو آهين؟

چنيسر- سائين، ڏوڪري کي ٽريڻ سنيهو ڪرڻو آهم. ماڙهو چون ٿا ته تون ئي سنيهو موڪلي ڏيندين؟

عبدالله ـ هائو، اتي ويهه ته ڪم لاهيون ٿا.

(چنيسر هيٺ ويهي ٿو)

ايجنٽ ـ چڱو دوست، (کلي) هاڻي توکي لڳي آهي گراهڪي، اسين اٿون ٿا.

(ٻئي ٻاهر اٿن ٿا ته چنيسر ڏچي وڃي ٿو.)

چنيسر ـ اڇين، هي ڪير ها؟

عبدالله ـ مٿان ٿريو آهين؟

چنيسر ـ هائو جيئين.

عبدالله ـ وڏو ڪماڻي ٻڌو اٿيئي؟

چنيسر ـ هائو سائين.

عبدالله ـ هو جيڪو ٿلهڙو هو، سو ڪماڻي هو.

چنيسر ـ هان، ڪماڻي صاحب! ٻيلا هو ٻاڻ جو لائيرو جوان ڪير هو؟

عبدالله ـ ڊپٽي صاحب.

چنيسر ـ (وات ۾ آڱر وجهي) ڊپٽي؟ پر توجي ته ڏاڍي هلندي آهي. اسان جي ٿر پاسي اچن ته ٿر پکي هڪالجي وڃي! تو وٽ پاڻ هتي هلي ٻيا اچن!

عبدالله ـ اسان جا ته دوست آهن، تنهنجو به ته ڪڏهن ڪو ڪم ٿئي، ته اسان کي چئج ته هڪدم لاهي ڏينداسون. هاڻي ٻڌاءِ خبر چا ڪيئي؟

چنيسر ـ سائين، ٻچڙا ٿا مرن ٻُک. ٻه ـ ٽي چند وهيو اهيان، تڏهن ڪجهه ڏوڪڙ ڪمايا اٿم. گوٺ ڪمان دودو آيو آهي: جي، ڏوڪڙ به موڪل جو حال حوالي ٻه سٽاءِ. هاڻي اهڙو ڪو ٻلو

ڪري ڏي، جو مڙيئي ڪا سُٺي سماءُ پوئي. توکي الله سائين هٿ جس ڏنو اهي. توجي هٿ وس ميڪمن اهي.

عبدالله- (ڪنڌ ڌوڻي) هائو هائو. تون ڪو به خيال نه ڪر. مون کي ڏي ڏوڪڙ.

چنيسر- (نورو چوڙي پئسا ڪڍي ٿو ڏئيس) اچي.

عبدالله- (ڏوڪڙ ڳڻي) هي ته مڙيئي ويه، رپيا آهن؟

چنيسر- ڪيترا؟

عبدالله- ويه.

چنيسر- چڱو، ويه ئي موڪلي ڏي.

عبدالله- ڀلا، حال احوال به موڪلبو نه؟

چنيسر- هئو سائين، آءُ ته سڀ ڪان مهند.

عبدالله- انهيءَ لاءِ خط تي پئسا لڳندا. تون پئسي وارو موڪليندين، ڪي سوا آني وارو؟

چنيسر- سائين، جيڪو مهند پڄي سو موڪل.

عبدالله- (پنهنجي منهن) آهي ته ڪو صفا بيوقوف، ڳنڍ ريل سارو هئتو ڳراهڪ ڪونه آيو آهي. اڄ بيڙائي پيار آهن. (چنيسر کي) چڱو چڱو، رک خدا تي. (ڪاغذ کڻي لکي ويهي ٿو) چا لکان؟

چنيسر- سائين کي چوان، ڏوڪريءَ کي ليک ته چنيسر ٿو چوئي ته دودي کان سنهو ملبو. روئن اچي ويو. (انهن چئي سچ پچائي روئي ٿو) هير اسگريچ هٿ ويه روپيا به نوٰ منجان. نوا به ڏوڪڙ ڪمائي، اچا چنبوڙ پيون ته هليو ايندس.

عبدالله - (خط لکي پورو ڪري) پتو ته پڌاءِ ته خط ڪٿي پهچي؟

چنيسر - منهجي گهر ۽ين پڄي، نيو ڪٿي؟ ڏوڪريءَ کي ملي.

عبدالله - اڙي ڳوٺ جو نالو پڌاءِ؟ (ٿورو ترسي) ۽ ڏوڪريءَ جو نالو وٺ؟

چنيسر - ڳوٺ عميرا پٽهه ۽ ڏوڪريءَ جو نالو جانل.

عبدالله - (لکي ٿو ۽ لفافو بند ڪري، پوءِ مني آرڊر فارم ڀري ٿو) ابا جواب ڪنهن وٺ اچي؟

چنيسر - تو ڪڻ ڏي ڳڻي اچي، نيو سون ڪتن ڪير ٿو سڃاڻي؟

عبدالله - (درڙي لکي ٿو) هان وٺ هيءَ ڊگهو ڪاڳر (مني آرڊر فارم ڏيئي)، سو ڏجانءِ (اشارو ڪري) سامهون وڏي ٽپال پر، دريءَ واري منشيءَ کي. هي پئسا (کيس موٽائي) به ڏجانس ته تو کي هڪڙي ڪاڳر چڪي ڪلي ڏيندو، اها آهي پئسن جي رسيد، سا ڪجانءِ سوگهي.

چنيسر - سائين، ڪو ماڻهو سان گڏي ڏيئينم ته هٿيس هلي ڏيکاريم. آءٌ الله جو سونهن ڏران ٿو.

عبدالله - چگوچگو! (هڪڙي وات و يندڙ ماڻهوءَ کي سڏ ڪري) مسٽر، ڀلائي ڪري هن غريب کي ته پوسٽ آفيس ڏيکارجو. (چنيسر کي) اڙي آٽ، هن مسٽر سان گڏيو وڃ.

(ٻئي روانا ٿين ٿا)

عبدالله - (مرڪي) هاڻي ڪٿي ٿي هميرا ٻچا، ڪٿي رهي جاڻل؟ ڏر ۾ به ٿا سني آرڊر ۽ خط پهچن! ڪير ويٺو جاهلن سان متو هڻي؟ جاهلن جي ڪمائي...

(پردو ڪري ٿو)

## ائڪٽ پهريون] [پردو ڏهون

[ميرپور خاص شهر جي ساڳي گهٽي، صوفي فقيرن جو ٽولو، ڪافيون ڳائيندو ۽ جهمر هڻندو، ورندو اچي ٿو لانگهائو ٿئي.]

## ڪافي

لڙهه لهرين ۾ لڙهيو وڃاڻ ٿي،
مٺيءَ جي مدارت ڪج ڪا، ميهار!
١- سون پاڻيون کو ڪنديس ميلو،
وچ درياءَ ۾ پڙ پريم پيلو،
لهرون لنگهي ويون لک هزار، لڙهه لهرين ۾
٢- مٺي جي سارڻ لاءِ واڳون وري آيا،
قوت ڪرڻ لاءِ سچ مڙي آيا،
سوا لک سنهري آيو سيمار، لڙهه لهرين ۾
٣- عشق اوهان جي آنديس اوڙاهه ۾،
دلو ٻري پيم وچ درياهه ۾،
ڪرم لڪٽي جو، ڪونهه ڏوهه ڪنڀار، لڙهه لهرين ۾
٤- سڄ درياءَ وچ مٺيءَ جون دانهون،
پرت سنجهارون اچج اوراهون،
ساڙيءَ ۾ ٿو چوي "سنڌار"، لڙهه لهرين ۾

هڪڙو فقير- يارو، شاهه صاحب سچ ٿو چوي:
آدمين اخلاص، سڌائي ساڻو ڪيو،
ڪوڙ ڪائي ڪنهن جو سند و ماڻهوءَ ماس،
دلبر هئن دنيا ۾ وڃي رهندو واس،
پئو سيپ لوڪ لباس، ڪو هڪڙل هوندو هيڪڙو.

ٻيون فقير- حق! سائين، حق!
يار سڌائي سيکو، جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پئي تي ڪل پوي.

ٽيون فقير- ياراڻي بہ ڪهڙي وڃي رهي آهي؟
ياراڻي ياراڻ جي پاڻي ٽي پئي،
جهليسون پڪن ۾، وٺين ڪون وئي.

چوٿون فقير- اسان آهي ٽي نوڪر، تنهنجي الانءَ جا.

پهريون فقير- حق! حق!

ٻيون فقير- پوءِ قبلا! زمانو نيٺ سڌرندو، ڪين بنهه بس؟

پهريون فقير- الله گهريو آهي تہ نيٺ سڌرندو.

ٽيون فقير- نيٺ بہ حضور، ڪڏهن؟

پهريون فقير- جڏهن لوڪن ۾ ساڃهہ ايندي.

چوٿون فقير- اها بہ صاحب، ڪيئن ايندي؟

پهريون فقير- ماڻهن جا جڏهن سن گلندا.

ٻيون فقير- انهيءَ جو آپاءُ؟

پهريون فقير- عام لوڪن مان جاهلت نڪري.

ٽيون فقير — بابا سائين، هتي ته ماجرائي اور لڳي پيئي آهي. ڪو چار اکر سکي ٿو ته ابائي ڪرت ڪرڻ کان ڪٽس عار پيو لڳي،

چوٿون فقير — اکر ڪين ٿو سکي، الله ٿو منجهونس اڙي!

پهريون فقير — هائوا هائو! پر هاڻ ڪو مڙبوئي وسوارن کي عقل آيو ٿو ڏسجي. ٻڌجي ٿو ته انهيءَ ڏس ۾ سندن صلاح آهي ته لوڪن کان سندن اباڻا ڏنڌا ڏاڙيون ۽ سڀ ڪاريون ڇڏائجن نه، پر پنهنجيءَ ڪرت ڪار ۾ هئو رڳو ٻه پئل رهن، انهيءَ سان گڏ اکر به پڙهيا سکن.

ٻيا ٽيئي فقير — يارو، حق! حق!

(پردو ڇڙهي ٿو)

## ائڪٽ پهريون] [پردو يارهون

[سيرپور خاص جي پوسٽ آفيس، ڪلارڪ اندر دريءَ وٽ ويٺو آهي. دريءَ جي ٻاهران، آفيس جي آڳنڌ ۾ پنج-ست سنڌي وڻيا آهن. چنيسر ڊچند و ڊچند و، واٽون وانگر اچي ٿو. چنيسر ڪلارڪ جي سامهون بيهي سلام ڪري ٿو.]

چنيسر — (ڪلارڪ کي) هي ڪٿ ڪتي ٿٽو ڪريان؟

ڪلارڪ — بابا، اهو سامهون پيٽ ۾ دبو ڪٽل اٿيئي، ان ۾ وجهه.

چنيسر- (دبي ڏي وجي ٿو ۽ ڪلف لڳل ڏسي وري موٽي ٿو ۽ ڪلارڪ کي چوي ٿو) سائين، هن کي ته ڪڙف لڳو پيو آهي، ڪنجي ڏيو ته کوليان؟ (پيٺل ماڻهو کلن ٿا)

ڪلارڪ- (مرڪي) اڙي بيوقوف، مٿان ڌريو آهين؟

چنيسر- آنهه، آنهه.

ڪلارڪ- اڙي، آنهه، آنهه، ڇا؟

چنيسر- سائين، ڇوڪرن تو ته برو بر ڌريو اهيان.

ڪلارڪ- بابا، اهو کولبو ڪونه، مٿان چير مان ئي خط لنگهائي ڇڏ.

هڪ ماڻهو- اڙي، مون کي ڏي ڇريا! (چنيسر کان خط وٺي ۽ دبي ۾ وجهي ٿو، چنيسر حيران ٿي عجب ۾ پوي ٿو.)

ڪلارڪ- پيو ڇا ڪهڻي؟

چنيسر- سائين، هي ڏوڪڙ پيجاڻان اهن.

ڪلارڪ- مون کي ڏي اهو فارم ۽ پئسا.

چنيسر- (پئسا ۽ فارم ڏئي ٿو) سائين، هي وٺ. الله جو مونهه! موڪليئون اهڙو سگهو، جو پنهه، اڄ ئي وڃي پڄن. پڇا ٿا پڪ مرن!

ڪلارڪ- پڇا ڪنهن جا؟

چنيسر- مونجا، پيو ڪنهن جا؟

ڪلارڪ- پر هي پئسا ته عبدالله عريضي نويس ڏي ٿا وڃن؟

چنيسر- (ڪنڪار ڪري) انهيءَ ته لکي ڏنو آم.

ڪلارڪ - پئسا به ته انهيءَ کي ملندا نه؟

چنيسر - سائين، ڳالهه کي سمجهڻ وري ڏاڍو ڏکيو آهي؛ جو ته انهيءَ ته لکي ڏنو آهي، پئسا ويندا ڇوڪريءَ ڏي.

ڪلارڪ - اڙي ٻوڙا، ڇوڪري ته لاڙڪاڻي ضلعي ۾، هي ته اوڪل مني آرڊر آهي. چوين نادان ڇا پيو؟

چنيسر - ڇوڪري مانجهي ڳوٺ گهرڻ ويئي آهي. تون وري ڪهڙي ٿو چوين!

ڪلارڪ - (تيسين رسيد لکي ونئي ٿو ۽ مهر هڻي ڏئيس ٿو.) هائي وٺ رسيد، سو نه ڪاڻ جنهن جا هوندا تنهن کي پائيهي ملندا.

چنيسر - (رسيد وٺي) هائي پئسا سگها پهچائيج، اي ڪيج ڀلائي.

ڪلارڪ - پئسن ڪان تون چئين، وڃي ڀيا ڪماءِ.

(چنيسر رسيد کي ذري ذري پيو ڏسي، ٿوريءَ دير بعد اها پڳڪي جي پلاند ۾ ٻڌي ٿو. اتي وري ٻيو ٿو پور پوريس، سو رسيد پڳڪي مان ڇوڙي، اتي بيٺلن مان هڪ کان ٿو پڙهائي.)

چنيسر - (رسيد هٿ ۾) سائين، هي ڏسي مٺاءِ ته ڇا لکيل آهي؟

ماڻهو - (رسيد وٺي) ويهه رپيا عبدالله عرضي نويس کي ميرپورخاص ۾ پهچن.

چنيسر – (ڪلي ڪري) شاباس هوندي وبچاري کي! آءُ نہ لکي ڏني ها تہ ڪم ٿي ڪونہ ٿئي ها. (ماڻهوءَ کي) پلا ٻيو ڪو ڏوڪريءَ جو نالو بہ لکيل اهي؟

ماڻهو – ٻيو ڪجهہ بہ لکيل ڪونہ آهي، پر ميان اتي جو اتي پئسا ڏيڻا هوءَ تہ روبرو نٿي ڏنئي! مني آرڊر ڪميشن وبهي ٻري انئي؟

چنيسر – (آهستو سمجهي) هئو مائين، اتي جو اتي ويچاري ڪم ڪري ڏنو. ويرم ٿي ڪانہ لڳي.

ماڻهو – مان ڇا ٻيو چوان، تون ڇا پيو بڪين؟

چنيسر – نہ تہ، الله جو سونهن! سچ ٿو چئو ڻان، ڏاڍو ناهوڪو ماڻهو اٿئي. اڻين وڏن شوهرن ۾ ڪئير ٿو ڪنهن سان پلائي ڪري!

ماڻهو – چگو، نٿو سمجهين تہ جلد چڏ. وٺ پنهنجي رسيد، پتہ پڪي سان.

(چنيسر رسيد وٺي وري پڪي سان پڌي ٿو. هوءَ آفيس جي ٻاهران رستي تي ويهي ملفي بہ ناهي پيئي ٿو ۽ ڳائي بہ ٿو.)

عمرا اڇا ڪپڙا ڪاڻيارونہ ڪيئن ڪن!
جنهين جا ترن ۾ ور تا، ويٺ سهن،
هوءَ جي حق ٻچن، مي ڪيئن مٽيون سومرا!
الو، الو.

عمرا اباڻي ڏيهہ ڏي، اندر تي آڪير،
مون کي مارن ميڙيهن، سومرا مڏير،

ساڙيھ، ۾ سترتين سان، شل ڪيليو پيان ڪير،
الله لڳ امير، ڪڍ بندياڻي بند سان،
الو، الو.

چنيسر- (ڪلي) واھ ٻيلي، ڏوڪريءَ ڪي ٻ، ويھ،
روپيا وچي ھٿ ۾ جڙندا ته، پوءِ پلو پلوا حال ته،
ڪنشيءَ مان اٿي جهمر هڻندي. پنسو ٻ، گهر ٽار آهي وو،
ڏُڪ سئور ٻ، هيڪر ته ويندس وسري. ٻاقي ٻيلي،
مان ڪي سو يساد ڪيندي هوندي. اڙي راضي شاھ
ڪا وطن تي واڪ وارا

(وري ڏوھيڙو ڏئي ٿو)

واجهائي وطن ڪي، ساري ساھ ڏيان،
هيءُ ميرُ ساڙيھ، ساهون، منهنجو نج ميان!
مقاميائي ماروين، وچي ٿر ٿيان،
متيائي جيئان، جي وچي مڙھ ملير ڏي. الو ميان.

[ڊراپ سين]

اڪٽ پهريون] [پردو پهريون

[ ٿر ملڪ ۾ چنيسر جو ڪکائون جهونپڙو، چنيسر جي ڏوکري جاڙل، چمار جي وڏڙي، وار اڇا، متي تي ڦاٽل سليرو، ڪلهن ۾ چيٿل ڪتل کنج، هيٺان ڀراٽو پٽڙو. ڏوڏ ڀي ويٺي ولوڙي ته ڪاڻي ڀي پئي. ٿي ننڍڙا گدلا ٻار، انگ اگهاڙا، پيٽ ٻکيا، هڪ ٿي رليءَ ۾ ويڙهيا، منهن سندن ٻاهر، سُتا پيا آهن. ]

## راڳ

(۱) سارو ڙي، سارو، مون گنديءَ ۾ گذاريو،
مون کي تان رليءَ جي رولاڪي ماريو، ڙي!
ڏاڏيڙا! هيلو ڪو وري آ.

(۲) ڀت جي ساميائي، ڏيٽ جو ڏاڏيڙو،
مون کي آڏيءَ ڙي کوڏيڙو وٺيو، ڙي!
چورا! هيلو ڪو وري آ.

(۳) ٻکو تن ڏکو، سو مولهيءَ تان ماڻهيءَ جو،
سو تان موڙي منجهه، مرندو ڏمان، ڙي!
جاني! هيلو ڪو وري آ.

(۴) ست تان ساميائون، ٻاٽيءَ تي هليون ڙي!
سمل تان ساميائي ڪوڙها ٿي ڪاڙي، ڙي!
ميا! هيلو ڪو وري آ.

(۵) هيرڻي گهوڙي تان هارون پلئه جي،
نِنو نِرِيون ٿي ڪنڍي، ڙي!
چوڙا! هيلو ڪو وري آ.

(۶) سايون ڙي ڪانچون، سان سامين جون ساروان ڙي،
مون کي تان ڪنيرو گوڏيڙو ونيو، ڙي!
ڏائيڙا! هيلو ڪو وري آ.

جانل – (ساهي پٽي) ادي، ڏودي کي وٺي به
ڪِچ ڏهاڙا ٿيا. ڪيرڻي ڪانهي ته حاجيءَ جو ٻيءَ
همٿ آيس جان ڪونه؟ ائيا تائين ته امان ڏي ڪوڏي به
ڪونه ملائين. هائي ته ٻاجهري به ڪمي ويئي آهي.
رڳي سڪي ساني به ٿئي ٿي بند. ٻچڙا ٻڪن ۾ پاهه
پيا ٿين. سال رهي مرندو. الاجي ڪهڙو حال ٿيندو؟
وري به الله سائين! ڪو حال ڏسي ٻال ڪجان، ٻيو
امان مشڪين جو تو بگر نه ڪو اجهو نه ڪو آسرو!

(ٻئي ٻار ننڍ مان روئي اٿن ٿا ۽ ماءُ کي
تيئي چنبڙي کيس پلئه تي ڏسڪ پيا هڻن.)
هڪڙو – امان، ٻُک! روٽلو ڏي.
ٻيو – امان، ٻُک! اسي ڏي.
ٽيو – امان، ٻُک! مکڻ ڏي.

جانل – (ٻارڙن کان پاڻ ڇڏائي) مٺيءَ کي
ڪٽيو ڪيم. جهجهيون مائيون جون کي، آءٌ قربان وڃان!
اجها ٿي دانگي چاڙهي، پوءِ کي روٽلو پچائي ڏيان.
(اتي عالم اندر اچي ٿو)

جانل - (عالم کي) ادا، ڪٿي، چگو ڀلو؟
عالم- ادي، تون ته ڪٿي آهين؟
جانل - ادا، شڪرانا.
عالم- ادي، ميٺي هو ڪارن ۾؟
جانل - ادا عالم، مون توکي اڳهوئي پنهنجي پاد ڪيو. ڪٿي ڪٿي ڪوٽ چڙهيا پيا آهن. ٻچا ٻڪن ۾ پاڻ پيا ٿين. نه حاجيءَ پنهنجو آيو ۽ نه وري ڪا ڪبر چار منڪائين. دودو پڦانس ويو، آو ٻه وچي ويهي رهيو. منڌ ئي ڪانهي ته ڪهڙو حال ٿيو؟
عالم - مڪيو اڄ منڌ ڪان آيو آهي. دودو گڏيو هوس. چويٿو ته چنيسر ڪٺ ٻه لڪائي مڪو آهي ۽ ڏوڪڙ ٻه انگريز هٿ ٻلڻي ڪري مڪا آنس. آن ڪين ڪين مليا آهن ڪر؟
جانل - امان کي ڪون مليا آهن. ڪير آئي ڏيندو؟
عالم- انگريز جا ماڙهو آئي ڏيندا، ٻيو ڪير؟
ٽيڻي ٻار - (ماءُ کي گنديءَ ڪان ڇڪي) امان بک! امان بک! امان بک!

جانل - ابا، الله ٻڪون لاهيندو. (آٽي ٻائوڙي مان ٻاجهريءَ جي مانيءَ جو ٻاروٿو ٽڪرو آئي ڏئين ٿي.) هان ٻچا، هيءُ ولو کائو. اڄهي ته ڏوڪڙ آيا، ٻوءِ داڻا گهرائي پٽن کي ڍير روٽلا پچائي ڏيندي س. (عالم کي) هتي ته نڪو آيو انگريز جو ماڙهو،

نڪا آئي ڪا ني پهر. اسين ته پڻسن کي چنڊ وانگر پيا نهاريون. اهڙو مٺائو واءُ ته الاجي ڪڏهن لڳندو؟ دعا ڪيو.

عالم– الله جي دعا ٿيندي. چاڪر ٿو وڃي سنڌ کي. انهيءَ کي چوئي ٿا چڏيون ته دودي کي ڳولي، چنيسر کي نياپو ڪري ته پڻسا امان کي ڪونه مليا اهن. ڪو سگهو گس ڪيو، نه ته هاڻ هيٺن جو حال ڪونهي!

جانل– ادا، الله توجن اچن ۽ سگهه وجهندو! ڪو اهڙو پلو ڪيو. چاڪر کي وڃي نياپو ڏيو، متان نڪري نه وڃي.

عالم– نه نه، چاڪر ڏينهن لڙئي نڪرندو، پر آءٌ هير ڏي وڃي ٿو سمجهائي اچانس.

(عالم جو هڪڙو پير اندر هڪڙو ٻاهر آهي ته متان چاڪر پاڻ اچي ٿو سهڙي.)

چاڪر– ادا، سلام ماليڪم.

(هڪٻئي کي ڀاڪر پائي گڏجن ٿا ۽ چاڪر ۽ ٻئي هڪٻئي کان حبرچار پڇن ٿا.)

عالم– ادا، ڪهڙي؟

چاڪر– شڪر آهي.

عالم– چاق؟

چاڪر– الله جي مهرباني.

عالم– مٺارا جوڙ؟

چاڪر– لکن لائق رب جا.

عالم_ آسودا؟
چاڪر_ سيئي ڪئيرا عالم، تون ڪٿهن؟
عالم_ ادا، مڙئي شڪر.
چاڪر_ ستارو، جوڙ؟
عالم_ الله جي مهرباني.
چاڪر_ آسود و؟
عالم_ رب جو فضل.
چاڪر_ ٻيو مڙوئي ڪئير؟
عالم_ ادا، سارو ڪئير.

(تنهن وچ ۾ هڪڙي جي ڀاڪر ڪان نڪتا آهن ۽ ڇانپ ڪلهي تڏي تي ويٺا آهن.)

چاڪر_ ادا عالم، ڏي ڪبرون چارون.

عالم_ ڪبرون مڙئي ڪئير. ويٺڙا الله الله ڪريون. اڄ آيس هتي چنيسر جي گهرين. ڏوڪري ويچاري ٻئي، مري ٿي. سو اهيس ته تون وڃين ڏو سڌ ڪي، سو مون کي ڪيٿهين ميڙ منٿ ته چاڪر کي وڃي سنيهو ڏيج ته چنيسر کي ڇوئي ته توجو نڪو اسان کي مليو ٻيو، نڪو پنجڙ. اسان کي ٻڪي پهال ڪري ڇڏيو اهي. ڇگو جو ياد ڪيندي، تو ٻاڻ اچي هتي نڪتين، ته آءٌ ٻاڻ توکي ٻي آيس.

چاڪر_ عالم، مون ته ٻڌو اهي ته چنيسر مير ٻور جي شوهر مان ڏاڍو ڏن ڪمايو اهي، سو گهرين ڪو ڪين تو موڪلي؟

عالم- انگريچ هٿ ڪي ڏوڪڙ مڙڪا اهنس، پر ڏوڪريءَ کي ڪو ملياڻي ڪيئن؟

چاڪر- ادا، ملي ويندا. انگريچ جي گهران پاڻي پڻ وچي، انگريچ شيئهن پڪري گڏي ڦٽو ڪيو اهي.

ڏوڪري- پر تون ادا، ويندڙي سرط حاجيءَ ايه کي وچي تاڪيد ڪيچ.

چاڪر- حاضر، ادي حاضر، آءٌ ويندڙي ئي لياپو مڻائيندو وميئس، تون ڪاطري ڪيچ. هاڻ پلا موڪلايون؟

(عالم ۽ چاڪر پاڪر پاڻي موڪلائين ٿا.)

عالم- ادا، پلي ڪرين آئين. (ٿورڙيءَ دير بعد) ادي، آءٌ پڻ موڪلايان ٿو.

جانل- ادا، شل ڪٺهن هٿجين!

[عالم وچي ٿو ته وري پڻ پارڙا "بک بک" ڪري اچي ماه کي لڳن ٿا. هيءَ ويچاري ٻچڪاڙون ڏيئي پارڙن کي مرچائي پڻ پيٺي ۽ راڳ پڻ پيٺي ڳائي.]

جمال شاهه جوڏائو ڏهونئو جوان ڙي،
جوڏائو ڏهونئو جوان ڙي.

۱- ڏينهن ڙي اوهونئو تتوڙي، ميڙنئو مٺو ڙي،
ميڙي جو مانجهيڙو ڪونس، تي ڏسان ڙي.
جمال شاهه جوڏائو ڏهونئو جوان ڙي.

۲- سرخي توجي ڙي هي ڙي گهوڙي ڙي،
اتر ڙي هي گاڏي مان گڏيو پيٺي اچي ڙي.
جمال شاهه جوڏائو ڏهونئو جوان ڙي.

٣- ناري ڙي ھي ڍوري جو ڀاوڙو ڏنجي ڙي،
سندريان نڪيسان ڪليان ڙي.
جمال شاھ جو ڏاٿو ڏھوئوئو جوان ڙي.
٤- ڪارڙي ھي ڪاٻڙيان، آئان جو ھي ڪاٻڙلو،
ھيڪل ڙي ھي پيرونشڙا پٽيان ڙي.
جمال شاھ جو ڏاٿو ڏھوئوئو جوان ڙي.

(پردو ڪري ٿو.)

## ائڪٽ ٻيون] [پردو پهريون

[ميرپور خاص جو هڪ شاهي رستو، دودو ۽ چنيسر ڳالهيون ڪندا اچي لنگهن ٿا.]

دودو- چنيسر، تو ڏوڪڙ ڪٿي گهرين ستڪا ڪين؟

چنيسر- (نڪي مان رسيد ڪڍي) هيءَ، ڏوڪڙ ڏنم هٿيس پر هي ڪاٻر نڪر ڏنو اٿئين. ڪٿ ڀڻ نڪي موڪليو اٿم. ڏوڪڙ انهي ئي ڏهاڙي ڏيڪري کي پهچي ويا هوندا.

دودو- نڪو، ڳالهه مون کي چاڪر ڪڏيو ٿو. ان ڳالهه ڪئي ته نڪو مليو اهي ڏوڪڙ ۽ نڪو رسيو ڪو ڪٿ، ٻارڇا هاڻي ٻنگن ٻيران ڪري ڇڏيا اٿن.

چنيسر- الله جو مونهن، مون کي منشيءَ ويچاري ڪٽ ٻ لکي ڏنو ۽ پيو ٻه ڪاٻر ڪري ڏنائين. ڏوڪڙ پنهنجي هٿين، انگريج جي گهرين ٻمتا ڪري آيو اهيان. انگريج پشما ڪائي ويندو ڪ؟ منشي صحاب

ڏاڍي هلندي وارو اهنشي. ڪماني، اسپيڊر ۽ ڊپٽي به ساڻس سلامي اهن. آءُ ٿو وڃي چٽونانس ته ڏوڪڙن جو ڪس ڪري، ڏوڪڙ مون ني واري ڏي.

دودو- تڏهين وارو ڪر، متان ٻاڻ گريب مارو مارڙهو، ٻانجي ٻرن جي پيٽ، موهين چٽ نه ٿي وڃي! ٻيو ڪم ٿئو ڪري پهرين منشيءَ وٽ وڃج وڃ.

چنيسر- هائو، پئسا ائين چاڻ، جيئن مانجي گينڊي پيا اهن ووا منشيءَ جا مون ٿي ازمودا اکين ڏٺا اهن. منهنجي حق حلال جي پورهئي جا ڏوڪڙ، دودا، ڪو ٿا وڃن؟

(دودو هڪڙي پاسي ڪان، چنيسر ٻئي ڪان نڪري ٿا وڃن.)

(پردو چڙهي ٿو.)

## ائڪٽ پيون [پردو ڏيون]

[عريضي نويس عبدالله جي آفيس، عبدالله ويٺو آهي. پوسٽمئن مني آرڊر ڪٽي اچي پيو، اچا پري آهي ته، عبدالله ڪيس ايندو ڏسي، چوي ٿو.]

عبدالله- آيو، پيلي آيو. ڪراچيءَ جي آل انڊيا نمائش ڏسڻ لاءِ هڙ ۾ ڏوڪڙ ئي ڪونه هو. ها، ها، ها. (کلي ٿو.) حال ته انهن ڏوڪڙن مان گهمي ٿا اچون ڪراچي، چٽ داهين آيو ته انهيءَ مان.........

(اپٽري ۾ پوسٽمئن اچي ٿو ۽ عبدالله کي ڏيئي ٿو)

پوسٽمئن - سائين، اوهان جو مني آرڊر آهي.

عبدالله - ڪيترن جو آهي؟

پوسٽمئن - ويهن رپين جو.

عبدالله - هائو، جنيسر موڪليا هوندا. پنجاهه رپيا اڌارا ورتي ويو هو، جن سان هي پهرين قسط موڪلي اٿس.

پوسٽمئن - ته هي ته لوڪل مني آرڊر آهي؟

عبدالله - ها ها، جنت جي هٽ کي روبرو ڏيندي ڏٺو ته ٿي ته متان سڀ پئسا نه کڻانس.

پوسٽمئن - خير، صحيح ڪري ڏيو.

(عبدالله مني آرڊر صحيح ڪري پوسٽمئن کي ڏئي ٿو ۽ پوسٽمئن ويهه رپيا عبدالله کي ڏيئي وڃي ٿو.)

عبدالله - پاڪين جا پاندا سڏائين پرهور! جيستائين جاهل جيئرا آهن، تيستائين ته بک ڪانهي، پوءِ به ڏٺو ويندو. خدا رزق آهي. (ٿورو رکي) پر سنڌ جي تعليمي وزير ۾ ماهه ٻاري ڏلي آهيا جي، جنن کي زوري پاڙهيو. اهو خيال ڪونه ٿو پوي ته "اڄ ۾ رئيس، ٿون ۾ رئيس ته گڏهه ڪير هڪليندوا" ڪيس ته پرواهه ڪانهي، پر اسان غريبن جي روزگار جو ته ڪو ويچار ڪريا جي اهي جت پڙهيا ته اسان ٻارن جو گذر ڪيئن ٿيندو؟ مطلب ته وزير صاحب

اڃا مشڪل پوڻين جي پڄاڻان پيو آهي. (وري ٽورڙو ڏيئي ٻڌاءِ) خير، رکي خدا تي. اسين پنهنجي مانيءَ ۾ پاڻهي ڪونه ويهي زهر وجهنداسين. وزير صاحب ته پنهنجي پير تي پاڻهي ئي ڪهاڙو هڻي.

(کلي ٿو ته مٿان سوزند واڻيو اندر اچي ٿو.)

سوزند — ڪامڻاب، سلام.

عبدالله — ڀائي صاحب، رام رام. ڀلي آئين! ويهه.

سوزند — سائين، پنهنجي مٿون ڀلا ڪياءُ؟

عبدالله — ڀائي، زماني جي حال تي ٿو ڪيلائون.

سوزند — هائو سائين، جهانو هيٺر آهي ته، عجيب! (ٽورڙو ترسي) سائين، اسان جي ٽورڙي رقم رهيل آهي سيڌي واري.

عبدالله — (ڏاهن وانگر) هائو، ڪيتري آهي؟

سوزند — سائين، فقط چار رپيا ٻوٽا ڪي آنا.

عبدالله — حاضر، هان ونءُ پنهنجي رقم. (پئسا ڏئيس ٿو). پيو ته ڪو ڪم؟ پر اوهين واڻيا ڏاڍو ٿا اسان ڪامورن کي ڦريو. اسين حق حلال جو پورهيو ڪري پئسا ڪمايون، تم اسان جا ڪلها ئي ڇڄي ڇڏيا آهن. اسين آئيون ڇڄيءَ ڇڪيءَ ۾ اوهين واڻيا ڪٺي وڃو ڪڇ ۾ ٻڪيءَ. ها، ها، ها. (ٽهڪ ڏيئي کلي ٿو.)

سوزند — سائين، اسان کي ڦرڻ لاءِ جاهل ڪيئا آهن، جو اوهان عقلمند کي ڦريندا سين؟ اوهين وڏا ماڻهو اسان کي ڇوڙين ڦرڻ ڏيو ڇو ٿا؟ اکه، تي اکه.

هارين جو اچي پاڪ ورندو آهي. هريجن جا اسڪول پيا کولين، جاهل هارين کي پيا پاڙهين. ڪن الاجي ڇا پيا!

مورند ـ (چٽر طور) انهيءَ ۾ منهنجي نيڪي ٿا پائين! ماٺي چپيندا ۽ ڇاشون لهندا. اسان جي ماٺ ماڻهي هٽي هند ڪندي. ۽ر سائين، هيءَ مزي جهڙي ڳالهه ٻڌو؟

عبدالله ـ ٻڌاءِ، ٻڌاءِ!

مورند ـ سائين، ڪالهه پن ديوانن کي ڏٺم. پاڻ ۾ پئي سور اوريائون. چون پيا ته اسين زور ڪري ٽيندا سين والنٽيئر، پوءِ ڳوٺن ۾ وڃي ڇنن کي چوندا سين ته اوهان کي پڙهائي جنگ ۾ موڪليندا.

عبدالله ـ (کلي ٿو.) واهه جي ڳالهه ڳولهي اٿن! ڇنن اها ڳالهه ٻڌي ته پوءِ ماستر ته موچڙا کائي مونندا!

مورند ـ ها ها، ها، اچي پاڻ ۾ لڳي اٿن. ڇگو پلا، هاڻي رام رام. آئون دير ٿي ٿئي.

عبدالله ـ ڇگو، پلي آئين.

(مورند وڃي ٿو ته چنيسر اندر اچي سلام ڪري ٿو.)

عبدالله ـ ميان چنيسر ڪهڙي خبر؟

چنيسر ـ سائين، ٽران ماڙهو آيو اهي. پنسا ڏوڪريءَ کي سور ڪين مليا اهن. پچڙا ٿا ٻڪ سرن. (پنهنجي مان رسيد چوڙي ڏئيس ٿو.)

تو نہ مون کي چئو هو تہ ڪاڳر چٽڪي ملندءِ، سا سوکهي رکج، سا مون سوکهي ڪي اهي. ڏس تہ ڪچاڙو لکيل اهي؟

عبدالله– ويهہ رپيا لکيل آهن تہ جانل کي سان، هميرا بہ پہ چوڻ ڪولڻ مليا اٿس؟

چنيسر– (گهڪار ڪري) دودي ڳالهہ ڪيي تہ سڌيهو آيو اهي، اجا تہ هڪڙو ٽامي جو ٽڪو بہ ڪونہ جڙيو اهي.

عبدالله– چگو، فکر نہ ڪر. پئسا ڪين ويندا. هيءَ رسيد رکان ٿو پاڻ وٽ. اها موڪلبي متي. درخواست لکبي اماٺبي سپريڊنٽ کي، هوءَ پئسا ملي ويندا. گهر ڪين ٿيندا. خاطري ڪر.

چنيسر– سائين، شل پچن مسلن لک ٿيندءِ! آءٌ توجو ٿورو ڪين ڀلبس. مان ڪڏهن نيبار گيهہ جون ڏوهہ-پارهن نيوريون آڻي ڏيهين.

عبدالله– ها ها، رک خدا تي، مڙيئي چگي ٿيندي، (ٽڪلي لڳل ڪاڳر تي ڪجهہ لکي ٿو.) هاڻي ويجهو اچ، کبو آڱوٺو ڪلڍ. (لکيل ڪاڳر تي آڱوٺو هڻائيس ٿو.) آڱوٺو ٽڪليءَ جي مٿان هڻ. (صحيح ٿيل ڪاڳرو پڙهي، سنڀال سان کيسي ۾ وجهي) هاڻ تون چئين، وڃي پنهنجي ڪم ڪاج کي لڳ، پئسا پاڻيهي وڃي جانل کي ملندا.

چنيسر– هيڻا ٻيلا ڪثير هوندءِ، گريبن جو مڙني گور ڪيج! آهيين بيشڪ مڙس ملوڪ.

ڏئو ويندو. (پنهنجي نوڪر، امين کي سڏ ڪري ٿو.)

عبدالله ـ وڃ، ٿاڻي تي جمعدار کي منهنجا وڃي سلام ڏي ۽ چوينس ته آفيس مان پئسن سوڌو منهنجو ڪوٽ چوري ٿي ويو آهي، چور هٿيڪو آهي، جلد اچو نه ته چور ڀڄي ويندو.

امين ـ حاضر سائين. (وڃي ٿو.)

عبدالله ـ خير، هاڻي ڪم ٺيڪ ٿي ويندو. ر کو جمعدار اچي سو سهي، پوءِ پوليس آهي پئسن مان پڌل، ويهن رپين مان جي پنج رپيا ويا پوليس جي کيسي ۾ ته حرڪت ڪانهي.

(اتي قلندر فقير سٽين هڻندو، اچي عبدالله جي آفيس جي ٻنيءِ وٽ بيهي ٿو.)

قلندر ـ يلا، دستگير وڌ ڪريئي، ٻنيءَ ڪڻڪ ۾ برڪت وجهي ٿي، (عبدالله خان کي) او خانصاحب، پرئي گنج مان ڪو جوڙو ڏوڪڙن جو اسان کي به ڏيار، وڃي ڪو وڙم پاڻي ڪريون.

عبدالله ـ (شوڪي نهاري) اڙي! ڪا موڻ وٽ ملڪيت ڇڏي ويو هئين ڇا، جنهن جي طلب ڪرڻ آيو آهين؟

قلندر ـ خانصاحب، امين لال شهباز قلندر جا ملنگ، ملڪيتون ڇا جون! لهڻو ليکو ڪونهي، الله جي وات ٿا گهرون.

عبدالله ـ وڃ وڃ، رت نه پيءُ، پيا در وڃي ڏور.

ملنگ - اي خانصاحب، الله ڪندو تنهنجو ڀلو، ڀلي، مومن آهين، رسول ڪريم جي نانءِ هڪڙو ڏوڪڙ ڪٿي پٽ ۽ اڇل.

عبدالله - (زور سان) ڏسجين ته پنهنجو ڪو وڏو ٻڪبڪيو ٿو.

ملنگ - ان ۾ نه ايمان، جو ڪلمي گو ڪوڙا ٿيڻ،
دغا تنهنجي دل ۾ شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آزر آهين.

(ملنگ اهي ڏوهيڙا ڏيندو هليو ٿو وڃي. مٿان اسين، جمعدار ۽ هڪ سوار ڪي ولٽي اندر اچي ٿو. عبدالله اٿي، پنهنجي سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي ملي ٿو.)

عبدالله - ڀلي آيو، ڀلي آيو. ويهو ويهو.

(جمعدار ۽ پوليس سوار ڪرسين تي ويهن ٿا، عبدالله پنهنجي ڪي هڪ-هڪ سگريٽ ٿو آڇي، پاڻ به هڪ سگريٽ ڪڍي دکائي ٿو.)

جمعدار - (سگريٽ جو ٻيو پيئي) سائين، ڪريو خبر؟

عبدالله - جمعدار صاحب، آفيس سان منهنجو ڪوٽ بٽڻن سوڌو گم ٿي ويو آهي. بٽڻن ۾ سوا سو جا نوٽ پيل هئا، سان فقط انهي پيشاب تي نڪتو آهيان ته پٺيان ڪوٽ ڪيلي سان ڪو لاهي هليو ويو آهي.

جمعدار - ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ڪو شڪ شبهو به اٿو؟

عبدالله - هائو، هڪڙو جت ٻاهران ڏٺو پئي. اسين ڀلا عريضي نويس، سمجهوسين خير، شايد هن ڪي ڪا

درخواست يا خط پٺ لڪائڻو هوندو، آڳي ٻه هڪ دفعو خط پٺ لکايو اٿس. شڪ ته پوين ته انهيءَ چورايو آهي. ها سائين، ڪريو جلدي، جي چور شهر ڇڏي ويو ته پوءِ هٿ اچڻ مشڪل ٿيندو.

جمعدار- روبرو ايندو ته سڃاڻندؤس؟

عبدالله- ها، سائين، شڪل ڏسندوسانس ته يڪدم سڃاڻندوسانس.

جمعدار- ڪم ڪهڙو ڪندو آهي؟

عبدالله- ٻانيان ٿو ته شهر ۾ پاڻي ڀريندو آهي.

سوار- نالو ستان ڇنيسر آهيس؟

عبدالله- او... اهو، اهو، مون کي ته نالو وسري ويو هو. (پنج رپيا ڪڍي جمعدار جي کيسي ۾ وجهي ٿو.) هيءَ اسان غريبن جي ٿاڌل پاڻي قبول پوي.

جمعدار- (کلي) زوراور، اوهين اسان کي پنهنجا آهيو. رڳو دعا ڪريو ته هٿ اچي وڃي، پوءِ پڻ وهين کان گهڻ ٽيپ نه ڏياريندوسانس. (سوار کي) تون ڙي، وڃ کوهه تي، ڳولا ڪري، انهي چڻ جي پٺ کي ڏاڙهيءَ کان جهلي وٺي اچ.

سوار- حاضر سائين، اجهو ٿو حاضر ڪريانس. (وڃي ٿو.)

جمعدار- منشي صاحب، توهين ڪو خيال نه ڪريو، اسان وڏن ڏينگن جا ٻه ٽڪ سان ور لاهي ڇڏيا، هي چڻ ڪير آهي، جو ٻاڻ کان پڇي جان بچائيندو!

دلاور خان جمعدار منهنجو نالو آهي. چور، چور جي ذات اسان کان ڪنبندي ٿي وتسي. (سچ وٺي ٿو.)

عبدالله— اهو اوهان جو ناماچار ٿو بارڪري ڪهڙي چور ته ٻڌو هوندو؟

جمعدار— سائين، اسان ته عمر پوليس ۾ آندي آهي. چور، چور جو پٽ، اسان کان لڪل ڪونهي ڪو.

عبدالله— پوءِ جمعدار صاحب، هيتريون ٽيون چوريون ٿين ٿيون هيترا ٿا ڌاڙا لڳن، ته پتو نڪاريندا انهيءَ جو ڪارڻ؟

جمعدار— اوهين سياڻا آهيو، ڪارڻ مان اوهان کي ٻڌايان؟ زر بسيار ته عشق ٿي پيو. اڳلا ڏيندا هڙ کي ڳنڍيون، ته اسان پوليس جو هٿ ڪٿان وڃندو؟

عبدالله— اهو ته برابر آهي.

(ايتري ۾ سوار چنيسر کي اندر وٺي اچي ٿو. چنيسر کي عبدالله وارو ڪوٽ پيو آهي.)

سوار— سائين، چور منهن ۾ ئي ڳڌجي ويو، ڪوهه تائين نه وڃڻو ڪونه پيو.

جمعدار— اڙي، هيڏي اچ چٽ جا پٽ. (چنيسر ڏڄندو، ويجهو اچي ٿو. ته ڪوٽ کان چڪي) اڙي، هي ڪوٽ ڪٿان آندو اٿئي؟ (چنيسر جواب ڏئي ٿي ڏئي تهان اڳ عبدالله کان) هي آهي اوهان وارو ڪوٽ؟

عبدالله— هائو سائين، اهو ساڳيو.

چنيسر- (هٿ جوڙي ڏڪندي) هئو، جيئين! الله سائين ڪهڙو ڪريس، ويچاري ڪيرات ڏنو آهه.

جمعدار- خيرات جا پٽ، ڀڳون ۽ سوا سؤ جا نوٽ ڪاڻي؟ جلدي ڪڍ ٻاهر، نه ته انهيءَ ڀڳڪي سان ٻڌي، ڄيل ۾ هلي ڇڏيندوسانءِ. (چنيسر ويچارو ورڪ ڏڪي ٿو.)

چنيسر- سائين جماندار صاب، سوا سؤ جا ووٽ ڪٿا جا ۽ ڀڳون ڪهڙي جو؟

جمعدار- چور، چور جو پٽ! (سندس ڀڳڪو لاهي ٻڌيس ٿو.)

چنيسر- (آزي ليزاري سان) سائين، آءٌ مسڪين ماڻهو، چوريءَ سان آءٌ ڪيئن چاڙهان؟

جمعدار- هي ڪوٽ تنهن ڪٿون آندءِ؟

چنيسر- سائين، هي ڪوٽ مون کي انهي منشيءَ ڪيرات ڏنو آهي.

جمعدار- (منهن وارا ۾ ڦٽڙ وجائي) هڪڙي چوري ٻي سينا زوري؟ تي آکيان! سڀ موڙ ويڪڙيو آهين، جيسين ڀڳون نه ڏيندين، تيسين هڏا هڏا ڪري ڀڃيندوسانءِ. ڏاڍي تي هل ته اکاڙو ڪري، ڏس ته اس ۾ ڪيئن ٿو نچايانءِ.

(وٺي وڃيس ٿو.)

(پردو ڪري ٿو)

## ائڪٽ ٻيون] [پردو چوٿون

[ميرپور خاص جي هڪڙي گهٽي. چاڪر ۽ عالم ڳالهيون ڪندا اچي ٿا لنگهن.]

چاڪر— ٻيلي، هيڏو انڌير ڪٿي ڏٺو ني سو، حقون به رکي ته ناحقون به رکي، ڏوڪڙ به ويچاري چنيسر جا ويا ۽ مار به هاڻ آنس تي پوني.

عالم— يار، غضب ته ڏس، الٽو چور ڪوتوال کي ڏانٽي!

چاڪر— جالل ويچاريءَ کي ٽرين مهاڻ پوندو، اوڻ ته مري ويندي.

عالم— ٻيلي، همراهه هٿين اڙجي ويجي ۽ اسين ماٺ ڪريو ويٺا ڏسون، اها ڳالهه ٿي ته ڪين؟

چاڪر— پوءِ ڪجي ڪڇاڙو؟ ڏودو به هتي ڪونهي، جنهن سان ڪٿي صلاح ڪريون.

عالم— اسين پنهنجي هلي ڪو ڏس پنڌ ته پڇايون، ڪو وڪيل وڏو ته ڪريون. نه ته حياتي همراهه جي ننهه هجي ويندي وو!

چاڪر— يرا! وڪيلن جي وروري ڪهڙو چڙهون! باڻ ماڙهئين ڪو ايتري بشارت ڪٿي؟ وڪيلن وٽ هيڪر ڦاٿاسين ته چوڙ وانگر پيا رت چوسيندا، سو رت به هجي ته چوسن. تون آءٌ اهڙون هڏا ۽ چمڙي.

عالم— سو ته برو برا به پوءِ ڪو ٻلو پيٽي ڪبو ٿي ڪين ڪي؟

چاڪر- پر، اسان جي وس جي ڳالهه هجي ته ڪٿي تنگ ٻانهن ڇوڙيون. ڪٺنس نصيب! سن مولا ڪي مهر ٿي.

عالم- رک رب تي، اهوئي او ڪيون سو ڪيون ڪندو.

چاڪر- ادا، هڪڙو ڪم ڪر.

عالم- تون چئو.

چاڪر- تون موني وچ ٿر مٿي. جانل ڪي سماهه ڏجئين، باقي دودي ڪي وچي تاڪيد ڪج ته، سٽت ئي واپس وري، آءٌ هتان جو وڏيڪ واڪب اهي. آءٌ آيو ته، ڪٿير ٿي ويندو.

عالم- ادا، ميرپور ۾ آءٌ آيو ته، هوس ڪم سانگي، پر ٿيو. اهو ڪم ڪه ٿئي، وڃي تو همراه ڪي هڪل ڪريان ته واري ڏري پوئي سنڌ ڪي.

چاڪر- چڱو ادا، هاڻ موڪلايون ٿا.

عالم- ادا، ڀلي ڪري آئين!

(ٻئي ڀاڪر پائي موڪلائين ٿا.)

## ائڪٽ ٻيون] [پردو پنجون

[فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ جي ڪورٽ. ماجسٽريٽ صاحب ۽ سنڌس سرشتيدار، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويٺا آهن. ڇنيسر ڪي چيلهه ۾ رسو ٻڌل ۽ هٿڪڙيون لڳل، جوابدار ٿيو بيٺو آهي. فريادي عريضي نويس ٻئي موجود آهي. بي ٻه خلق حاضر آهي.]

ماجسٽريٽ - (اتري ڏئي تو، جا سرشتيدار لکندو وڃي ٿو.) اسان ڪيس هلائي پورو ڪيو آهي. جوابدار جو بيان اعتبار جوڳو آهي. هيٺين ڳالهين مان اسين صاف سمجهي سگهون ٿا ته جوابدار بيڏوهي آهي، فقط جاهلت سببان هن ڪي اهي مصيبتون سهڻيون پيون آهن:

(۱) ته جوابدار اڳي ٻي عريضي نويس ڪي سچائي، هن وٽ خط پٽ لکائڻ لاءِ ويندڙ آهي ۽ هڪ دفعو مني آرڊر به لکايو اٿس.

(۲) پوسٽ آفيس جو رڪارڊ ۽ عملو گواهه آهي ته هن جو مني آرڊر عريضي نويس پنهنجي نالي لکي، پئسا کڻي ڇڪيا آهن.

(۳) اها حقيقت آهي ته، ڪورٽ ۾ پيش ڪيل ڪوٽ، عريضي نويس جوابدار کي خيرات جي بهاني سان ڏنو هو ۽ ارادتاً هن غريب کي هن ڪيس ۾ مبتلا ڪري، پنهنجي ڪپت کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس.

(۴) جوابدار هڪ ٽري، اڻ پڙهيل ۽ بلڪل اپوجهه آهي. هن اهي پئسا ٻائيءَ پرڻ ۽ ميٺ وٽ ڏنار ٽي ڪم ڪرڻ مان ڪمايا هئا.

(۵) اها پڻ خاطري آهي ته جوابدار چوري ڪيل ڪوٽ ڪڍهن ۾ اهڙيءَ طرح ظاهر ظهور بدن تي ڍڪي ڪين هلي ها.

جنهنڪري جوابدار کي بيڏوهي سمجهي آزاد ڪيو وڃي، (پوليس وارو چنيسر جون هٿڪڙيون ۽ رسو ڇڏي، ماٺ ڪري ٿو.) ۽ جوابدار کي اجازت ٿئي ڏجي ته هو فريادي تي ڪوڙي ڪيس جي ڏوهه ۾ قلم ١٠- الف. پ. ڪ هيٺ ڪيس ڪرڻ لاءِ اسان وٽ درخواست ڪري ۽ فريادي کان سبب وٺڻ ۾ اچي ته قلم ٥٠- الف. پ. ڪ هيٺ جوابدار کي سيڙپ ۽ تڪليف جو عيوضو ڪانئس وٺي ڇو نه ڏيڻ ۾ اچي. پوسٽل اٿارٽيز کي پڻ هن معاملي ۾ نهايت سرجوشي سان تحقيقات ڪري، هڪ مسڪين انوجهه جي جلد حق رسي ڪرڻ گهرجي.

(ڪورٽ برخواست ٿئي ٿي ۽ سڀئي اٿن ٿا. چنيسر آزاد ٿي ڪورٽ جي ڪمپائونڊ ۾ ٿي ٿو ته بريان ميرپور خاص گورنمينٽ مدرسه هاءِ اسڪول جي شاگردن جو هجوم ۽ عام ماڻهو گڏجنس ٿا، جي تعليمي پوسٽر هٿن ۾، "بيعلمي برباد" جا نعرا هڻندا پيا اچن.)

چنيسر- (هڪڙي شاگرد کان، جو پڻ همراهن کان ٿورو اڳيرو وڌي آيو آهي) ڀائو، هي ڇا جو گوڙ آهي؟

شاگرد- ادا، هيءُ گوڙ نه آهي، پر هي اوهان اڻ پڙهيل ڀائرن کي اکرن سيکارڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن.

چنيسر- ابا، اکر پڙهي ڪبو ڪو؟ اکرن پڙهيهن جا ڪرتوت توهان ڪٿان پڇ ته مانجي کهڙي

ڳنت ڪئي آن، ڌريس به آهه، ڌرم ۽ به ٻيس آهه. هاڻي ڪاڏي لاءِ ڪوڏي ٿي، ڪانئيس ٻچا به الاجي مٺا ڪر ٻچيا؟

شاگرد — پاڻو، جي تون به اڪر پڙهيل هجين ها ته ڪير توکي هٿ لائي سگهي ها؟ پڙهيلن کي ته ڪو ڌري! باقي جاهل ته هر ڪنهن جو شڪار آهن.

چنيسر — سو ته ڪاشو، پر ادا، سگهيا اڪر چاڙها ته ڪين؟ اسين ڳريب ماڻهو، اسان کي پيٽ پرڻ جي لاءِ ڪپي آن.

شاگرد — ڏس، اوهين اڻ پڙهيا پورهيو ڪري، آن ۽ اڻي لاءِ ڏوڪڙ ڪمايو، پيا اوهان کي دلبا ڏيو اوهان کان هڙ ڌريو وڃن!

چنيسر — اي، آهه به ته اٿين پر چٺوڻان نه!

شاگرد — هاڻ، جي اٿهيءَ ڪمائيءَ جي برڪت سان ڳڏ، اوهان کي اڪر به ايندا هجن ته ڪير جيڪر اوهان کي ڌري سگهي؟

چنيسر — ادا، تون چوڻين پر وير ٿو. اڳي ته هوس واريءَ جي وچ ۾. ڪير ٿي ڪاڻ همر، پر جڏهانڪر هتي شوهر ۾ آيو اهيان، تڏهانڪر اک آهڻي آم ته هٿ جيسين چار اڪر نه سگها، تيسين ماڻهو اهي انڌي جي آچار. اڻ پڙهيل جي چمار آهي سرونهن واري.

شاگرد — او! هاڻي ڳالهه کي سمجهو اٿئي. پر ڪي پڙهندين به، ڪين ڙڳو ڳالهيون ڪندين؟

چنيسر- الله جو سونهن! هيرئي پاڙهه ته پڙهان. مون سين اهڙيون تاديون (تعديون) ٿيون اهن، جو هاڻ يا ته پڙهندس يا ته مرندس. بس! هيڪڙي ڳالهه ٿيندي.

شاگرد- چڱو، ته ڪريون تنهنجو نالو داخل؟

چنيسر- ڀلين ڀلين.

شاگرد- (شاگرد هٿند بنگ مان فارم ڪڍي نالو داخل ڪريس ٿو) نالو ڇا اٿئي؟

چنيسر- نالو چنيسر.

شاگرد- پٽ ڪنهن جو آهين؟

چنيسر- (ڀلجي پوي ٿو.)

شاگرد- ڇو، پيءُ جو نالو ياد ڪونهه اٿئي ڇا؟

چنيسر- وسري ويو آهي. هڪڙو ڪٿي لک.

شاگرد- (ڪلي ٿو) چڱو، پڙهندي ساڃهه جو ڪي؟

چنيسر- سائين، ساڃهه جو پريان ٿو پائي وو. پڙهندس ويرانئي جو.

شاگرد- چڱو، اڄ کان وٺي روز بنپهرن جو ڪوهه ٿي ٿي پڙهڻ لاءِ ويٺو رهج. ڪتاب وغيره سڀ توکي مفت ۾ ملندا.

چنيسر- ابا، داتا توجو ڀلو ڪيندو. آءٌ به ڏيهاڙي ويٺو پڙهندس.

(تيتري ۽ هجوم ڪورٽ جي ڪمپائونڊ جي پاهران اچي پهتو آهي. شاگرد نعرا هڻندا هلندا وڃن.)

هڪڙو- بي علمي.

ٻيا سڀ- برباد.

هڪڙو- تعليم.

ٻيا سڀ- زنده باد.

(اٿين نعرا هڻندا، سڀ نڪري ٿا وڃن.)

[ڊراپ سين]

---

[مير پور خاص جي شهر جي دنگ تي، ڪوهه جي پرسان، جتان چنيسر ٽريو پاڻي پرينده و آهي، هڪڙو ماستر بالغن کي ويٺو پڙهائي. چنيسر ۽ پيا ڪيترا هندو، مسلمان، سک ۽ هريجن وغيره پنج شاگرد ويٺا آهن، ماستر بورڊ جي اڳيان بيٺو آهي.]

ماستر- شاباس چنيسر، ٻڌاءِ ته ڏندڻ نه ڪرڻ ڪري ڪهڙا نقصان آهن؟

چنيسر- جي تو ڪالهه سٺايا هوا، مي. ته مانجو پيءُ ٻ ڪونه چنوئي مگهندو، باقي نشقانن جي ٻي ٻهر نسي ڪٽي ڦٽي ڪر ووا! تو ڪين چئو هو ته ڏندن جي چمار سٽ سڙندن ٿيندي اهي؟ جي انهن جي صفائي نه ڪبي ته پيريءَ کان مهند ني پيجي پٽري پئوندا؟ اي‌ءَ بس تسي ڏاڍي جمٽ نه! ڏند ڀڳا ته مڙس چئو، ٽيو ليو. ٻو ڪهڙي ڪاڏي جي موز، وتندو سيرو ۽ ٻڙو پيٽ ٻچائيندو. هٿو مانئين، تو جو ڪالهه ڦارميءَ وارو ڏوهيڙو سٺايو هو ته ڏندن کان بڪر مزوئي ڪونهي، آو ته وري سٺائج.

پيا ڪرد- هائو سائين، اهو ڏاڍو سٺو هو، وري ٻڌايو.

ماستر— حظ دنيا بـا زن و دندان بود
بي زن و دندان جهان زندان بود

چنيسر— سائين، انهيءَ جو مطلب ته وري سمجهايو.

ماستر— دنيا جو مزو آهي زال ۽ ڏندن سان، زال ۽ ڏندن بغير جهان قيدخانو آهي.

چنيسر— پلو پلو! فارسيءَ واري به مٺند جون مٺائي ڇڏيون اٿن. زال ۽ ڏندن سوا اٿن به نسورا سور. (ماڻو منگهو، ڪني) ماڻو منگهو، ڪهڙيون ٿو پائين؟

(سڀ کلن ٿا.)

ماستر— چڱو، مان اوهان کان هڪڙو سوال ٿو پڇان؟

چنيسر— سائين، ڀلين پڇو، ڀلا پڇو.

ماستر— گرمي ٿيندي آهي يا سخت پورهيو ڪبو آهي ته اسان جي بدن مان پگهر نڪرندو آهي، اها ڳالهه سمجهي سگهو ٿا؟

چنيسر— سڌو، اهي ڪير ڪين وسهندو؟

ماستر— چڱو، هاڻي اسان کي ويچار ڪرڻو آهي ته اهو پگهر اچي ڪٿان ٿو؟

علودو— سائين، اندران بُت مان ٿو نڪري، پيو ڪٿان؟

ماستر— بدن جي مٿان ته کل جو ووڙهيل چڙهيو پيو آهي، پوءِ ڪٿان ٿو نڪري؟

هيمن— سائين، منهنجي ڏيان ۾ ته ڪي جهڙيءَ ۾ سنها سنها سور آهن ته شڪ ڪونهي.

(سڀ کلن ٿا. هيمن ٿورو ڦڪو ٿئي ٿو.)

ماستر— بابا، ڪلن جي ڳالهہ ڪانهي. هيمن، تون لڄي ڇو ٿو ٿين؟ سچ پچ، انسان جي چمڙيءَ ۾ تمام باريڪ سوراخ آهن، جي اسان کي ظاهر ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن. پگهر انهن جي وسيلي نڪرندو آ.

چنيسر— (ڪلي) هيمن جي ڳالهہ هروڀرو مٿي ڪرڻ ٻن تہ پلين، استاد آهيو، جيڪي چئونديو سو مڃيندا سين، باقي ٽنگ ۾ ڪٿان آيا؟ ٽنگ ڪٽر هجن ها تہ رت ڪوه ڪين نڪري اچي ها؟

(سڀ کلن ٿا.)

ماستر— ڇگو ڀلا چنيسر، ڀلا پندراهن ڏامي جي کها گهر ۾ پاڻي وجهي بند ڪري رکنديون تہ مٿان آلي ٿيندي؟

چنيسر— ڪہ ڪہ (ڳنڪار ڪري).

ماستر— ڀلا، ٺڪر جي ڪوري دلي ۾ پاڻي وجهي رکنديون تہ ٿوري ويرم ۾ سڄو آلو ٿي ويندو يا نہ؟

چنيسر— (ڪنڌ جي ڏوڻ سان) آنهہ آنهہ.

ماستر— ڀلا ڇو، ٺڪر ۾ ٽنگ آهي ڇا، جتان پاڻي نڪري اچيو مٿاڇري کي آلو ڪري؟

چنيسر— سائين، ڪٽر ٿي ڪانہ ٿي پوئي، ظاهريءَ تہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي.

ماستر— هان، شاباس! ساڳيءَ طرح انسان جي چمڙيءَ ۾ بہ بيشمار سوراخ آهن، جي ظاهري نظر ڪونہ ٿا اچن، مگر انهن مان پگهر نڪري اچي ٿو،

رت رڳـن جي نالين ۾ بند آهي، تنهنڪري اهن سوراخن مان نڪري. رڳن جون سنهيون سنهيون ناليون پُٽ ۾ ڏسين ٿو نہ؟

چنيسر- (ٻانهن ڏسي) آنهہ آنهہ، هي ايئيون اهن، پـر سائين، سوراخ بہ وارن جي پاڙن ۾ ٿورا ٿورا ڏسجن ٿہ پيا!

ماستر- هان! شاباس، هاڻ پگهر آهي هڪ قاتل زهر.

چنيسر- هائو سائين، ڪينو تہ برو بر اهي. ڏپ بہ ڏاڍي ٿيندي اهيس.

ماستر- هائي بابا، ويچار ڪريو تہ اهڙي بدبوءِ واري زهري شيءِ جيڪڏهن انسان جي بدن مان خدا تعاليٰ پگهر جي رستي نہ ڪڍي تہ هوند ڇا ٿئي؟

سڀ- سائين، ماڻهو هوند ضرور اگهو ٿئي.

ماستر- تڏهين ڇڱو تہ خدا تعاليٰ بلڪل سيانپ ڪري انسان جي چمڙيءَ ۾ اهي سنها سوراخ رکيا آهن، جن جي بند ٿيڻ ڪري، انسان هوند بيمار ٿي پوي. توهين روز ٻنين ۾ پٽـنـا آگهاڙا ڪري، ڪم ڪاج ڪريو ٿـا، اوهان جي بـدن تـي مٽي لـڳندي، جـا اوهان جي بدن جي سوراخن کي بند ڪري ڇڏيندي، اوهين سمجهي سگهو ٿا تہ جيڪڏهن سوراخ بند ٿيا تہ پگهر ٻاهر نہ نڪرندو، اهو پگهر وارو زهـر اندر ئي رهجي ويندو ۽ وڃـي ٻين عضون تـي ڪـرندو، جنهنڪري انسان بيمار ٿي پوندو. هائي اهي سوراخ بند نہ ٿين، بلڪ سدائين صاف رهن، تنهن لاءِ ڇا ڪرڻ کهرجي؟

چنيسر - سائين، جت مينهن لڳي، اُتي هٿ هڻي، ڀِٽ مٿي ڦٽي ڪجي. (مٿي ڏيکاري ٿو.)

ماستر - شاباس، پر وڌيڪ چڱي ڳالهه اها آهي ته روز غسل ڪجي، يعني ميٽ تيل ڪري وهنججي ته اهي سوراخ پاڻهي صفا رهندا ۽ ماڻهو ڪڏهين به بيمار ڪين ٿيندو.

چنيسر - هئو ڙي! هٿ سان مهنڊ ڪان وهنجڻ ڀلو. بت ۾ فرات به ٿيندي، چوڪڙو به لهي پوندو. شوهرن جا ماڙهو ڏاڍا ملوڪ پيا ڏسبا اهن، سدائين ڳاڙها جهڙا انب لڳا پيا اهن، سو بس رکيو انڪري جو ڏهاڙي وهنچن ٿا. (ڪلهن تي هٿ لائي سور ڪان) هوءِ ڙي! سونجا تنهن پاڻي پري پري، ڪلها ئي پيا سور ڪن.

ماستر - هن مان ڪهڙو نتيجو نڪتو ته اسان کي هر روز ڪهڙو نيم ڪرڻ گهرجي، جنهنڪري بدن تندرست رهي؟

سڀ - سائين، روز وهنجڻ گهرجي.

ماستر - شاباس، هاڻي روز وهنجڻ جو انجام ڪهڙا ٿا ڪن؟

پيا سڀ - سائين، اسان جو مڙدانو سخن آهي! روز وهنجنداسين.

چنيسر - (تنگ واري ڦٽ کي، جتي اکڙي پدل اٿس، هٿ لائي) سائين، پوءِ آءٌ ڪيچا ڪريان؟ هي مانجو جکم پاڻي ته ڪونه چورائيندو؟

ماستر- انهيءَ جاءِ تي صاف اگهڙي ٻڌي ڇڏ ۽ غسل مهل سنڀال ڪندو ڪر، جيئن انهيءَ جاءِ تي پاڻي نه لڳي، باقي سمورو بدن روزانو صفا ڪندو ڪر. اهو ڦٽ وڃي ڊاڪٽر کي ڏيکار ۽ روزانو علاج ڪراءِ. اميد ته جلد ڇٽي پوندو. (واچ ڏسي ٿو.) چڱو، هاڻي ڪافي دير ٿي چڪي آهي. وڌيڪ صفائيءَ بابت سڀاڻي احوال ڪبو ۽ اوهان کي فوٽو به وڃائي ڏيکاربو. هينئر ڪتاب بند ڪريو. مان موڪلايان ٿو.

(ماستر وڃي ٿو.)

ڇنيسر- اڄ ته يار، ماستر پڙهائڻ سان حيلا ڪري ڇڏيا. اڄا ڪاله، ڪالهوڻيءَ ڦڏو ليکو به ڪيڻ ڪين ٿي آيو. اڄ ته شغر اهي، ڪيترا اکر سکيا اهيون. پڙهڻ ۾ به اهي سوز. هي پڙهيا جي پانجون ڇمارون گاريو ڦٽيون ڪن، سو ڪين ته اهي؟

سڀ- ڙي ڇريا ڇوري! ملين واريون ڳالهيون خواب ۾ به ڪونه ٻڌنديون. (ڪلن ٿا) ٻيلي، هلو ته پاڻ ته هلون. ڪوهه چاڙي ڇنيسر چاٽي.

(ٻيا وڃن ٿا ته ڇنيسر اول اٿي سلفي ٺاهي پيئي ٿو ۽ پوءِ بالغن وارو ڪتاب کڻي ويهي پڙهي ٿو.)

ڇنيسر- (عجيب ڍنگ سان) مال جا واڙا، ڳاهه جا گندا. (پڙهڻ روڪي، سليٽ تي ٻه-چار اکر لکي ٿو.) مٿهند پانيم ٿي ته پڙهڻ سور ڪين ايندم، پر هاڻ ته شغر اهي، سيکين پيو اچي. اکر سي اچا

ڪپڙا آهن، مڃان ٿو. باقي صورتڪتيءَ ۾ ڏين ڪان
ويل آءٌ ته ڪين آهيان. حسابين ۾ ته، هوريان هوريان
پکو ٿي ويندس. (پيشانيءَ تي هٿ رکي، غور سان
نهاري) مٿان پير، دودو پيو اچي. ڀلي واهه! من ڪا
ڏر جي ڪبر چار آندي هوئيس.

(دودو اچي ٿو ۽ آڻي پاڪر پائي ملن ٿا.)

چنيسر— دودا، ڀلين آئين! توکي ته هاڻي دل ٻنهه،
ياد ٻئي ڪيو. تو وٺين، وري موڪلائي ته ڪونه؟
ڪٿي آهيو؟

دودو— شيخو آهي.

چنيسر— آسودا؟

دودو— رحم.

چنيسر— جوڙ؟

دودو— ڪرم.

چنيسر— مٿارا؟

دودو— فضل.

چنيسر— مال وٿاڻ؟

دودو— مهر.

چنيسر— کير پٽ؟

دودو— دعائون.

چنيسر— ڍا کين ڀائين؟

دودو— مڙوئي ڪٺيرا.

چنيسر— آهيو ته هوڪارن ۾ نه؟

دودو— شيخو آهي. ادا، تون ڪيئن؟

چنيسر— شڪر.

دودو— چانور، چڱو پلاءُ؟

چنيسر— رحم.

دودو— ٻڙ مٺارو؟

چنيسر— فضل.

دودو— جوڙ آسودو؟

چنيسر— ڪٿير ئي ڪٿير.

دودو— ادا، ڪهڙي به ڪٿير.

چنيسر— دودا، ڏي ڪيرون ڇارون؟

دودو— ڪيرون ڇارون پانجون مڙيئي ڪٿير.

چانهين ڇيانهين تو. ذات ٽاليءَ جو واڪ اهين. وينڌڙا الا الا ڪريون. مهندا ڪيهري اتي مٿ ٻورڪاش ۾ ٻيمڙا هواسون. ٻر ٻيلي چنيسر، ٻشڪ ڪيچ. ويندڙي ٽاليءَ موڪلائڻ تو ڪنان واجب هو، ٻر ڪهڙيون تو ڳالهيون پڇهين؟ ويٺر جا اهي گهوڙا. (ڏاڙهيءَ کي هٿ گهمائي) هيٺا چنيسر ٻيلي، ٻيلڙا ٻه ته ٽيا اهيون.

(ڪلان ٽا.)

چنيسر— نه ڙي دودا، هيٺا تسون ٻه ڪنوات تو لهين وو! اڄ ڪالهه جا جوان، هوور ٻه توجي اڳئون ڪونه اڀهي سگهندا.

دودو— (ڏاڙهيءَ تي هٿ گهمائي) هئو، اهي ته ٻرو ٻر ايڏهين، ٻر اها ڳالهه به ڪو تو ٻارو سالڪ سمجهي، ڪٿير، ٻوءِ ادي کي چئونان، اڪير اڇي ڪنهو ۽ سڏو

ويندو رهيس ٽرڻين. (ٽڏو ساهه ڀري) گهرڻين ڀڳس ته بس، تو واري ڏوکري کير سٽندڙي ٿي پئي آئي. ٻلي چنيسر، ڏاڍا آهنجا اهيون. الله جو سونهن، نه ٻڌسو نه پنجڙا ٻيلي، تو جهڙي به ڪري ٿي ڪوم.

چنيسر- دودا، تو ڪن ستڏ ٿي ڪانهي ته. ٻيون ٻچارون چڏي ڏي. وجي انگريچ جي گهرڻين ڀياهواسون ووا قسمت ۾ ترم ڏٺا هوا، سي به ناحقهين پيوکيي آياسون. ڏوڪڙ موڪلي مورهين ڦاسي رهيس. نه ٻڌسا گهرڻين ڀڳيا، نه واري واپس مليا. هڙ ٿي هاري ويهي رهياسون.

دودو- (عجب ۾) الله جو؟

چنيسر- سونهن.

دودو- اي وري ڪيئن ٿيو؟

چنيسر- گهاٽيي ڀونهي منشيءَ کي، سو ڦارم کو ايهڙو ڀريائين، جو ٻڌسا وجي جڙيا ڪٽس، سورکو ڪيئهن وجي معاملو، ته مانجو ڪوٽ چنيسر چورائي ويو اهي. پوءِ سڙڪ تان پي ويس تہ پوليس نيئي سوکهو جهليم ۽ گيهلي وجي هنيائون ترم ۾. پوءِ ته هٿندين هٿندين سسين مسين ڪلهر ويچاري، ٻچا ٻچنس چڏيو آم. هاڻي وري اهو تڙ، اهي چڙهيون. ڪجهه ڏوڪڙ ٿيا اهن ۽ ڪجهه ٻيا ٿين ته پوءِ تون ٿي ڪٽيو وجج. هير ٻلا، توجو ڪيئين اچڻ ٿيو اهي؟

دودو- اچڻ جي ڳالهه ته پوءِ ٿا ڪريون. چنيسر مانجا ته سچ پڇئين ته پيرٿي آکيڙي ڦنا ڪيا ٿئي.

ڀيلي، آءٌ چئونديس اهيان ته ٽر جو رڳو ٽڪر پڻ پلوا پلي ٻڪيءَ پنهنجي شال ۾ وجهي ٿان. سالڪن اڳي ٿي چوٿي ڦٽو ڪيو اهي. ڪيڏو اپهڙو سنڌ ملڪ، جتي جا ماڻهو بنهه اهيئي اهن.

چنيسر — ٻر دودا، جو لڪيل هوندو پاڳ ۾، سو ته آءٌ س وهي ٻُوندو پاڳ ۾. (ڪتاب ۽ سليٽ هٿ ۾ ڪٽي) هاڻ مون ڪيو اهي مٿين وٽ پڙهڻ شروع.

دودو — (ڪلي ٿهڪ ڏيئي) الله جو؟

چنيسر — سونهن.

دودو — ڇوڪرين پيڙو ڪي؟

چنيسر — (ٽڪارسان) ٺ، ٺ. ڇوڪريا ڪجاڙي جا، انگريچ وري ٻوڙهيون جا اشڪول ڪي آهيا اهن؟ جتي ڪوڙ ماڙهو پيا پڙهن. هن ميدور جي شوهر ۾ ڏهاڪو ڳن اشڪول ته هوندا ٿي هوندا. هڪڙو اشڪول هتي تڙ مٿي پڻ ڏيهاڙي لڳي ٿو.

دودو — (عجب ۾ ٻُجي) چنيسر، ڪي پڙهيو ٿو اهين؟

چنيسر — هائو، ڪوڙ ڪوم ڪريان. هي ڪتاب ۽ سليٽ ته سرڪار مان جڙي آءُ. (پڙهي ٻڌائيس ٿو.) مال جا واڙا، ڳاهه جا ڳنڍا (سليٽ ڏيکاري) هي اکر ۽ ٻنڊ لکيا آنم. (نالو لکي ڏيکاريس ٿو.) هي اٿئي مانجو نالو: چنيسر. (وري لکي) هيءَ لکيو آءُ تو جو نالو: دودو. ڪئين ٿو ڀائين؟

دودو– (عجب ۾ پئجي) چنيسر ڀلي، توکي شاباس هجي! مون کي ڪر ته اهي انگڙا ڪر جيمار ڪيو اچي.

چنيسر– دودا، ڀلو اهين ڀلو. مون به مهندا ائين تي چوءِ ۾ ڏس، هيرُ ڪين پيا اچن، بگر پڙهڻ جي. دودا، شوهرن ۾ ماڙهو ڏور جيان ڀوڙي، ڪا ڪم ني ڪانه ٿي پوڻي.

دودو– ڀلي، تون نئڙو نينڌو اهين. اسان جي اچي ڏاڙهي ٿي ويئي. وهي وڃائي ويئا اهيون. هير چا پڙهبو!

چنيسر– (کِلي) دودا ڀلي، پڙهندين ڪيال سين، ڪو ڏاڙهيءَ سين ڪونه پڙهندين. جي مهان ساڄهر جو اچهن تان مٿين ڀيڙو ڪري ڇڏيهن.

دودو– چڱو ادا، ٿئي مهانو!

چنيسر– ڀلا ڪي تر ۾ چنڊ ون ڀيون اهن ڪ نه؟ هتي سنڌ ۾ ته رڳو دوقان متا پيا اهن. اهي ريل جي دونهين جهڙيون پيچون، جن ۾ نه آمرو نه آميه، ڦيريو وريو پيون ڦيرن.

دودو– ڀلي چنيسر، تر سٿي هيل سالُ ٻه جنسي قيام اهي ووا ڪک مورهين ڪونه لهي. مال مري فنا ٿي ويو اهي. لسيءَ لپ لاءِ مشڪين سڪي مٺا اهن. جي هنين چنڊ جي تاريخن ۾ چنڊ ون ڀيون نه گهوري! نه نه ڏڪار ۾ ڏڪارين جهيڙو هوندو، ڏور تونئي ماڙهو ميڙئي مري ويندا وڃا

قياس ته ڪر، جوڙي رهڻ جي مزوريءَ جي ٻه يان پنجاهه ڪوهه ڪري اچ هتي پهتو آهيان. راڻليءَ وارن رِندن جا ڪي ڏاڳها، آليهن ٻه يان لڳي ٻٽال ٿي سنڌ کي اچي ڍريا آهن، تنهن جا پڳ ڪٽي، ٽيو ڏينهن چيلهه واري ڏڪ ۾ اچي هٿ ڪيا آهم. هيٺا، پاڳيءِ کي ساهه ڏيو، تڏهن جڙندو جوڙو رهڻ جو.
ڪجي سو ڇا ڪجي؟

چنيسر- (ٿڌو ساهه ڀري) هئو دودا، آهي ٻنهه، لاچار. (ٽنگ جي سور کان دانهن ڪري ٿو.) اڙي، گهوڙا ڙي! (ڀنيءَ کي هٿ لائي ٿو.)

دودو- چنيسر، هي ڦٽ هيٺا ڪين ڇٽو آهن ڪر؟

چنيسر- ڪيم ڪيم (ڪنڪار ڪري) هيٺرا ڏينهن ڪياسون ٻنڊ جا ٽيڪڙ. هير ته سورکو رمجي پيو آهي. سڀ ٿا چون ته وڃ داختر ڪن. هيٺا لاچار وڃبو، نه ته ڦٽ وڃي ٿو وڌندو.

دودو- ڀلي چنيسر، مٿان داختر ڪن ويو آهيان. سو آهم ته ولات ۾ ماڻهن جا هينئان ٿا کپن ۽ ان مان چربي لاهي، تيل ٿا ڪڍن. انهيءَ ڪري، داختر ويچارن اگهن کي مٿيون هٿيو ماريو ڦٽو ڪن. جان ته ڍري عضبا ٿي وڍيو ڪڍينن. ٻه جو تير جي ڪٽي ۽ چونون ڪاٺي واري ڳالهه ٿي! پاڻ مشڪين ماڙهو هٿ شوهرن ۾ نه ڪو اوهيي نه ڪو واهيي. سخت ۾ سرون يا منڊا ٿيون. اي ڪم سورکهن جو.

چنيسر— دودا، اي ڳالهيون مون به سڻيون آهن، پر ڪين ڪجهه وڌاءُ به اٿئي. ٻلا، جي داخترکي نه وڃان ته پوءِ ڪيئن ڪريان؟ ڦٽ ته مورهين نٿو ڇٽي.

دودو— آءٌ تو تو ڳڻ ڏس ڏيان. ڦٽ ڪير ڇٽندو جو ملڪ ٻيهي ويو آهي. وڃي ڪنهن پير جي قبر مٿان ڪاڪ ڇوڙي ڪٽي ڦٽ مٿان رک ته ويرم ۾ ڇٽي وڃين، ڪَنَ ڪوڙ تي ڪيتي ديا واري ڪنهن سيد کان وڃي تاثيث لڳائي مٿئي مٿان ڀنڊي ڦٽو ڪر، پوءِ ٻي آلڪو تي پيو تڙپين مٿي موزون ڪر، مون ڳڻ ٿيو هو ڪڇيءَ ۾ ڪوڙهو. سائين صاحب شاهه پاشا، (نڪ تي احترام کان آڱر رکي ٿو.) پيٽ ڏنيءَ جي گاديءَ واري، ست ڳنڍيون ڏني، آڪاري مان سڳو وٺي ڏنم. ڪاڏي ويا ڪوڙها، ڪاڏي ويا درد سورا هي سڳو اڃا مانجي ڪڇيءَ ۾ ٻڌو آهي. (ڏيکاريس ٿو.)

چنيسر— سائين پاشا ڪي منت گهڻي نذر رکيئي؟

دودو— روڪڙ مون ڪن ٽڪو به ڪونه هو، باقي ڳئون مون واري ڪَڪري، سائينءَ جي اڳين ڪٺي نذرانو رکيم. (چنيسر عجب ٿو کائي.) ڪو عجب ۾ ٿو پوئين؟ ڳئون ڏنيم پر چمار ته پچي! سائينءَ جو ڪلهو ڦٽل فقير به مارڻو اٿئي ڏاڍو ملوڪ. پهتل شخص. ان مون سين ڳالهه ڪئي ته اي جيڪو نه منڪي ڪڇيءَ ۾ ڳڙهه نڪتو هو، آهو بنهه موت جو

مٺو ٽڙ ڪري ڏنو! اهو ٻاٽي هير ٻيي آيو اهيان، ٻس، ڪهڙي ٿو ڳالهه پڇين؟ جهيڙو سنڌ جو ٻاٽي وو!

دودو- هئو، اي ڳالهه مون ٻن سُٺي هئي، جو مائين ۾ ٻاڻ سان اتان هڪڙي چوڪري ٻه ٻانهي ڪري پيڙي نيٺي هئي. ٻلي چنيسرا ڇٺون ٿا ته ان مائي جو ٻه تانيث ڦل ڏاڍو ٿو هلي!

چنيسر- هئو دودا، ٻارس لوهه سان لڳي ته مون ٿي ٻوٽي (ٽنگ جي سور جي وري ٻه دانهن ڪري ٿو.) پير ته هڪڙو هتي ميرپور ۾ ٻه سنڌي ٿو ته مڙد مڙئي ٻهتل اهي. سپاٽي ٿي وجي ٻڪين لڳندو سانس. هاڻي آهه ته روئلو ڪينئون. هوڏين ٻه پر ٻڌڪارو؟ (ماني هڙ مان چوڙي، ڳندي وڃائي ٿو.) آ پلا بسم الله.

(پيئي ماني کائين ٿا ۽ ٻاٽي ٻئين ٿا. کائيندي گفتگو ڪن ٿا.)

دودو- چنيسر ٻلو ٻلو، ڪڙ ته سنڌ جوا

چنيسر- سنڌ ۾ اجهي اي ته مزا اهن نه؟ ٻو ٻلنجي ٽر جا لهاٽا ۽ ڪيراڙ ته ماڳهين ابهڙا ليا ڳا، جهڙا ڏيهي جا ميمڻ. ورهين جڏهن چار ي ڪاڏل شيون ڪڏي ڏين ٻاڻ مشڪين ڪي.

(وري ٻصر کائين ٿا.)

دودو- چنيسر، ٻصر ڪيئين مليئي؟ مٺو سو واهه جو اهي! منجهانس ڪير ٻيو وهي ووا (هٿ سان لهوڙي ٿو.)

چنيسر– اسر جي ٻي پهار چڙهي ڏي. هيڪڙو ڀاتي مون کي آيو مزمان ٿي. ڏڙي ٻسرڻ جي ويرم ۾ ڪائي ويو وو!

(ڪلن ٿا ۽ ماني ڪائي ٻس ڪن ٿا ته هڪڙو واڻيو اچي ٿو.)

واڻيو– چنيسرا!

چنيسر– او جيءَ.

واڻيو– ڀيلي، تون و يڻو اتي رهائيون ڪرين ۽ امان وٽ ڀائيءَ ستي ۽ ڪانهي. ڪر جلدي، وارو ته پري هل.

چنيسر– ڀائي، ۾ ڀايون واري جون ڳنهندس، جي قبول هونهي ته هلان، نه ته ٻيو ڪو گس ڪر.

واڻيو– چنيسر، اڳي ته اهڙا ليکا ڪون ڪندو هئين، هاڻي ڏاڍي پڪائي سکيو آهين!

چنيسر– ڀائي، ڪريب اهيان. هڏين جو ٻورهيو آهي، پڪائي چو نه ڪندس؟

واڻيو– چڱو چڱو، ڀائي ته آڻ، ٻوءِ ڏهي ويندا سين.

چنيسر– (ڪنڌ لوڏي) ڀائي نه. صفائي ڪرڻ موچاري اهي.

واڻيو– چڱو، ست وارا لاهي وڃ. ٻه ڀايون گهري جون، ست ڏون ڀارهن. ٿي پئسا ٿيا روڪڙا، مي ڀنهنجا وٺي وڃان. ٻس، ڪالهه ۽ ايتري. سگهو اچجان، مان هلان ٿو.

چنيسر- پاڻي، ايڪ ڏون ڏون، ٻه ڏون چار، ٽ ڏون ڇهه، چار ڏون اٺ، پنج ڏون ڏهه، ڇهه ڏون ٻارهن، اوست ڏون چوڏهن. (چوڏهن تي زور ڏئي ٿو.) چوڏهن ٻايون ٽيون چوڏهن. (واڻيو عجب ۾ پئي ٿو.) ٻارهن ٻايون آني ۾، مٿان وري ٻيون ٻه ٻايون. هڪ آنو-ٻه ٻايون هتي رک ته هلان وڃان! جي هلهين اڳيون ليکو ته هوندءِ ڪٿير. گهٽائي ڏهاڙا اسان مشڪين جو رت پيتو اٿئو.

واڻيو- (شرم کي وندرائي) مارا چنيسر، ڏاڍو ڏاهو ٿي پيو آهين! مون ته رڳو آزمودو ٿي ڪيو ته ڏسان ته چنيسر ڇا ٿو چوي.

چنيسر- هئو پاڻي، آزمودا گهڻا ورتئو. هاڻي اسين ٻه اکر پيا سکون وڃ!

واڻيو- ڇڱو ڇڱو، هاڻ ڇڏ ڪاوڙ، سکهو اڇجانءِ. (پنهنجي منهن) بس، وڏيرن جلم ڪري ڇڏيو.

چنيسر- حاضر، آيو. آنو ٻه ٻايون ٻاهر ڪڍي رکجان.

دودو- (عجب ۾) وچ چنيسرا اي ڪهڙو ڪتاب پڙهي وئين؟ واڻئي کي ٻه منجهائي ڦٽو ڪيئي. اي سڀ ليکو اسڪول مان سکئين ڪ؟

چنيسر- هئو دودا، اسان جو مٿلو ليکي ۾ ڏاڍو پڪو اٿئي. اي سڀ اٿان سيکاريو آهي.

دودو- واه ٽري واه! واڻيو ڏوتيو چندي وٺي پکوا ۾ اسان کي ٻه ٽرين هلي ڪي واڻيا سڌا ڪري ڏيج، اسان جو ته ڇوڙن جيان رت ٻه چوسي ڦٽو ڪيو آن.

چنيسر — حاضر حاضر، سون کي رکو هڪواريءَ
پڙ ٽيو سو ڏيو! (اُٿين چٽي، اٿي ڏول سان ڪوهه
مان پاڻي ڪڍي ٿو، ۽ دٻا ڀري ڪنواڻيءَ ۾ ڪٿي ٿو.)
هيءَ دودا، الله واهي! واٽي ڪن پاڻي ڏئي، وڃي
ڪي چار ڏڪڙ ڪمايون. توهان وري سيکڙو پيرو
ڪريچ. ته سڀئين سان واڪب ڪري ڇڏيون.

دودو — ادا، اول ڪيئن، مان ته سکيو ٿو وڃان.

(دودو ۽ چنيسر وڃن ٿا ته مٿان هڪ پنجابي
دوا فروش، ٿيلهو دوائن جو هٿ ۾، پنهنجي
سنڌي پاڙيوار سان ڳالهيون ڪندو، اچي ڪوهه
وٽان ٿو لنگهائو ٿئي.)

پنجابي — سوچيم ٿي روزگار جو حال ڪونهي.
اڳي اسان جا پنجابي ڀائر پنهنجي چالاڪيءَ سان
سنڌين کي ڦري ريهن جون پڙيون ڀڏي پنجاب واپس
ٿيندا هئا، هاڻي زمانو سجاڳ آهي. پيسو هن وقت
شير جي ڪن ۾ آهي.

سنڌي — سائين سنهنجا، ڪن ۾ هجي ته اسان
سولو ڪڍي به سگهجي. هيئر پيسو آهي شينهن جي
پيٽ ۾. سنڌ ۾ تعليم ڏينهون ڏينهن وڌندي ٿي وڃي،
هن کان اڳ ماڻهو اڪثري جاهل هئا، خلق پيٽي
ڦري هئي، هتو ڪونه هو.

پنجابي — (کلي) برابر، برابر. پنجاب لاءِ ته سنڌ
سون جي کاڻ هئي! نيم خوانده ملا، نيم طبيب، ڀيا ته

ڪئين ڍونگي ۽ فقير، معمولي ڳالهيون وارا، هتي اچي پاڻ کي اعليٰ درجي جا عالم، ڊاڪٽر، جادوگر، ولي الله ۽ ڇا نه سڏائي، سنڌين جي جيب تي خوب ڌاڙا هڻندا هئا. مگر اڄ هتي هڪ عجيب انقلاب اچي ويو آهي!

سنڌي ـ حقيقت ائين آهي ته مائين منهنجا، ڪجهه عرصي کان سنڌ ۾ بالغن جي تعليم، ڳوٺ سڌار هلچل ۽ ٻيون اهڙيون تحريڪون برپا ٿي چڪيون آهن، ڇاڪاڻ عنقريب وقت اچڻ وارو آهي، جڏهن اسان جي لاءِ روزگار جي ڪابه ڳلي ڪانه رهندي. وقت نهايت نازڪ اچي سهڙيو آهي.

پنجابي ـ ماشاءَ الله! اسان کي به خدا جادو بياني عطا فرمائي آهي. پنهنجي تقرير ۾ ڪافي اعتماد آهي. فقط اوهان جي سچائي جي ضرورت درپيش آهي. اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا ته جيتري پيدائش وڌندي، اوترو ئي اوهان جي حصي ۾ اضافو ٿيندو.

سنڌي ـ خدا تي رکو. هن موسم ۾ هڪ خاص ڳالهه، جا اسان جي فائدي ۾ آهي سا هيءَ ته، مير پور خاص جي شهر ۾ اڄڪلهه ٿر جا ماڻهو نهايت گهڻي تعداد ۾ آيل آهن. جنهن جو سبب اهو آهي ته ٿر ملڪ ۾ بارش جي نه پوڻ ڪري هو روزگار جي تلاش ۾ هتي پورهيو ڪري رهيا آهن. ماڻهو پورهيت، ايماندار ۽ بخيل آهن، مگر خوش نصيباً جاهل

۽ لالچي ٻه آهن. اوهان پنهنجي سحرگوئيءَ کان خوب ڪم وٺجو.

[ ٻيئي ڪلن ٿا. ]

پنجابي- اوهان جي گفتگو مان ٿي مون کي معلوم ٿو ٿئي ته اوهان بلڪل ڪارآمد ثابت ٿيندؤ. انشاءالله تعاليٰ انهن ٽرين جي ٻوريءَ طرح حجامت ڪئي ويندي.

سنڌي- اوهان بفضل خدا سنڌي زبان جا بخوبي ماهر آهيو. ٽري جاهل جڏهن اوهان جي چٽر زباني ٻڌندا، تڏهن وات ٿي ڦاڙي ٿي پوندن ۽ اهڙي وقت اوهان سمجهو ٿا... (وڏيڪ ڪجهه چوي ڪين ٿو، پر پنجابي سندس مطلب سمجهي ٿو وڃي.]

پنجابي- مان سنڌ ۾ سترهن سالن کان ايندو ٿو رهان. اڃا ٻه سنڌي زبان تي قبضو نه ٿيو ته باقي اسان جي جهان گرديءَ جا ڪيو؟ مبالغو ۽ مغالطو ته اسان جي ذاتي همت جو ڪرشمو آهي. ٻُڌو ڪونه اٿو ته:

جهان ديده بسيار گويند دروغ
دو پيمانہ آب است يک چمچہ دوغ

[ٻيئي ڪلن ٿا.]

سنڌي- خدا ۾ ايمان ۽ پنهنجي ڪارستانين ۾ اميد رکو. اوهان کي اڄ شام جو هتي ڪوه، جي اڳيان تقرير ڪندو ڏسڻ گهران ٿو، اهوئي سڀ هنڌ آهي، جتي شام جو ماڻهو جمع ٿي سگهندا.

پنجابي- ۽ مير هور خاص جي عام ماڻهن جي ذهنيت کان توهان کي آگاهه ڪريوم ته بهتر. ڪم از ڪم اها ڳالهه اڳ ۾ ئي چائي گهرجي ته هتي جي ماڻهن جو خاص طرح ميلان شوق ۽ رجحان طبع ڪهڙين دوائن ڏي ٿيندو ته انهن بابت خاص انداز ۾ بيان شروع ڪجي.

سنڌي- (ڪلي ٿو) برابر، اهو سوال پڇڻ بلڪل ضروري آهي.

پنجابي- (ڪلي) هن ڪري جو هرهڪ سمجهڻو حڪيم يا مقرر جو ڪم آهي ته سڀ کان اول پاڻ کي عام راهه کان واقف رکي، ۽ ٻڌندڙن جي نفسيات چائي تنهن کان پوءِ پنهنجو جادو هلائي، ورنه ناڪامياپي يقيني آهي.

سنڌي- مير هور خاص ۾ ڪوهن جو پاڻي نهايت بد هاضم آهي. اڪثر ماڻهن کي بدهاضمي جي شڪايت هوندي آهي. لهاذا هاضمي جي دوا بلڪل موثر الفاظن ۾ بيان ڪجو.

پنجابي- مقويات ۽ معجونات جو استعمال هتي ڪهڙ آهي چا؟

سنڌي- مان ان نڪتي تي پڻ اچي رهيو آهيان. هتي ڪي حڪيم اهڙا آهن، جن ورهين کان وٺي عام زميندارن کي ياقوتين تي هيرايو آهي، ۽ ڪين موتين جي عيوض فقط سڀ ڪرڙي ڪارائي آهي.

[ڪلن ڏا.]

پنجابي – شڪر آهي جو سڀ ٻه نصيب ٿي اٿن، انهن وٽان ته (ڪن ۾ ڪجهه پئسڪيس ٿو ۽ هو ٻه چون ۽ مرڪي ڪنڌ ڌوڻي ٿو.) سرمي جو ڪو شائق هجي ته پهرو ڇو ته سرمي جي ٻاري ۾ مون کي اهڙي ته تقرير ياد آهي، جو خود مان پاڻ ٿي پاڻ واه واه چوندو آهيان.

سنڌي – ڏاڍو ۽ ڀلي وارن جي ٻه ڪهڙي ڪار آهي. ڊاڪٽر سچانند هتي ايندو آهي ته اڪ تي مائين اڳين بدل ماڻهن جا لشڪر نظر ايندا آهن. جيڪڏهن اوهان جي تقرير اثرائتي ٿي ته سرمي جي وڪري ۾ ٻه پوڻي ڪونه پوندا سين.

پنجابي – سائين ۽ ڌم ٿي جا تقرير مون کي استاد سيکاري آهي، سا ٻه ٻڌڻ جي قابل آهي، سوين شيشيون زبان درازيءَ جي زور تي فروخت ٿي چڪيون آهن.

سنڌي – واه صاحب! اها تمام ضروري ڳالهه آهي، جا مون کي وسري وئي هئي. سو پورخاص ۽ ڪوٽ جي انجڻن جي دز غريب آباد جي رهاڪن جي ڦڦڙن ۾ اهڙيقدر ته وڃي آستانو اڏيو آهي، جو سوين ماڻهو ۾ مبتلا آهن. هن طرف جيڪا ٻه خوش پاڻي ڪندا، سا فائدي کان خالي نه ويندي.

پنجابي – تڏهن ته دوست پوڙائي پار آهن! سچ ڪري پڇو ته اوهان جي ملاقات ڪري مون کي

ازحد مشهور ٿي آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته ميرپورخاص منهنجي لاءِ نيڪ فال ثابت ٿيندي.

سنڌي — انشاءالله تعاليٰ! هي به اهو سنڌ جو شهر آهي، جنهن ۾ هر ڪا شيءِ مهانگي ملندي آهي. هن ضلعي جا جاهل زميندار پئسي کي ٺڪر ڀڃڻ وانگر اڏائڻ ۾ شهرت حاصل ڪري چڪا آهن. جيئل ۽ فضول خرچيءَ جي بازار گرم آهي.

پنجابي — پوءِ ته نصف لک نصف ليءِ هاڏا ڦورجا هلون.

(پيئي تاڙي ملائي کلن ٿا.)

سنڌي — ڀائو، اڌ تنهنجو، اڌ منهنجو، هي جئي ٿيا جاهل! چڱو، السلام عليڪم. اڄ شام جو، هن ٿي هنڌ. (سنڌي پاڻيوار هٿ، هٿ ۾ ملائي موڪلائي وڃي ٿو.)

پنجابي — ملڪ ۾ ملت جو خيرخواه چڱو ملي ويو اٿم. آخر اسان پرديسين کي به جيستائين اهڙا محب وطن سنڌي نه ملندا، تيستائين اسان جي رهبري به ڪير ڪندي؟ خير هيترو وقت ته خيالي پلاءُ پچايا ويا آهن، ڏسجي خدا مسبب الاسباب آهي (سٽي وڄاري ٿو).

(پنجابي دوا فروش وڃي ٿو ته مٺان چنيسر ڪوهه جي پرسان ۾ اچي ڪلهن تان پنهنجي ڪنوارڻي لاهي پٽ تي رکي ٿو. مٿلفي دڪاني پيئي ڏو ۽ ڪجهه جهونسڪاري به ڏو. مٺان ڏودو به اچي ٿو سهڙي.)

ڏودو — سلاماليڪم.

چنيسر- سالئڪم سلام دودا، ڀاڳين آئين ڀلين! سون ٻه ويٺي توجي واٽ نهاري. جوڻان ٻيو سج به ڏو آڀري، همراهه جو پتو ئي ڪونهي.

دودو- (کلي) سج آڀري ڏو ڪي، آلهي ڏو؟

چنيسر- (ورنهه و کلي) پر دودا، انسان ويچارو آهي ماڻهوءَ جي آچار. ڪڏهن ڪڏهن زبان مان ڀُل به ٿيو وڃي.

دودو- ڪنير، آئو ته ڦڪر ڪونهي، پر هي تو جو جکم (چنيسر جي ٽنگ واري زخم ڏي اشارو ڪري) ار...ر...ر ٻنهه ڪيم ٿو وٺيم. تون به هير ٿيو آهين شوهري. مرسدن مان ويساهه ويو اٿئي نڪري، داخترن جي تات ته شل ڪوم پوئي، هي جيڪو سرپور وارو پير اٿئي، ان جو نالو به ٻڌي آيو آهيان، ڪانسي ڪرامت جي ٻي ٻچار چڏي ڏاري ٻنهه مٿا ويٺو جياري.

چنيسر- الله جو؟

دودو- سونهه.

چنيسر- دودا، مرسدن کان آءٌ ڦريو ڪين آهيان، اهو چوندو هو ته، مرسدن کان جيڪو ڦريو، سو ڦٽريو، پر ڳالهيون امان وارو مٿلو به، عقل جون ڏو ڪري.

دودو- آو چا ڏو چٽوئي؟

چنيسر- چٽوندو آهي ته ابا، ٻراڻي وخت وارا مرسد ئي سري ويا، هاڻي آهن ٺڳ. رڳو ٻڳو مريدن کان ڏوڪڙ ڦري، ڪٽن پينگيو.

دودو- ائين برابر آهي، پر چنيسر ڏس، تون مالڪ مڙس آهين، هي ڏسج (آڱريون ڏيکاريس ٿو).
پنج آڱريون آهن، ڪي پنج ئي برابر آهن؟ ڪي ڇڳا، ڪي سڌا، هي مانڊائون جو منڊيو آهيس، سو ته ڪين جي ڪري ته پيو هلي!

چنيسر- سو هر ويرون پيرن جي ڪري پيو هلي ڪر؟

دودو- چه چه، آءٌ ائين ڪونه ٿو چئوان، پر پيرن جو اولاد آهن نه؟ ڪنو پاڻي هوندو، ته به پاهه وسائي ڦٽي ڪيندو. چريا ڪريا هوندا ته به هنن جي پٺ زور ٿي نه؟

چنيسر- ڪنو پاڻي پاهه برابر وسائيندو، پر ڏپ ته منجهانس ڪاڏ ويندي نه؟ (کلي ٿو.)

دودو- ڀلي، تون آهين هيمر پڙهيو ٿسي پيو، توسان ڀيڻش ڪري آءٌ ڪو پڄندس ڪر؟ مرضيءَ جو آهين مالڪ.

چنيسر- ڀلا، سائينءَ جو نالو ڇا آهي؟

دودو- سائين شمشير علي شاهه.

چنيسر- دودا ڀلي، نالو ئي برڪت وارو آهيس.

دودو- مات نه ڪرئين؟ زاد نه پيهي، سارو ڏينهن پڪو ڪيو آهي، تڏهن مسين مسين ڳالهه مڪڙ ۾ ويٺي آهي. هير آءٌ به ويو هوس ڪا چيٽين جي ڀري ڪرڻ، ڪاڙهي ۾ ڪڙهي ڪڙهي ڀري ڪيم هيڪڙي، سا ڪٽي ٿي آيس شوهر ۾ نه وڪڻان ته من ڪي ٻه-چار ڏوڪڙ ٿي پئون.

چنيسر— (ڳلي ٿو.) دودا، هي انهيءَ ڳالهين سنڌ زور!
راضي شاهه جو سونهن هاڻي پاڻ ڇڏي ٿو متي چيٽين ڳي
اچي ڪيو؟ هتي سنڌ ۾ ڇيڙو ٻ، ڏوڪڙ ڪري وڃي وڃ،
مهتا ته سور ٿو چيٽي پتر تي سرن پيا مرن وڙا
روز صبح جو ڪولهيون ڏسندين ته چيٽا پتر
وڪڻنديون وتن. واهه ڙي سنڌ ملڪ واهه!

دودو— هتو چنيسر، آپاڻي ۾ سنڌ، وري
ڪپاٿي ٻ سنڌ!

چنيسر— هتو، پتين مين ماڙهوڻ جو ماهه ۾
بيتر و ڪپيٽي اوتر و ڳنهه. (لنگ تي هٿ لائي سور ڪان
دانهن ڪري ٿو.)

دودو— پو آومين تي ڳالهه ڪير چيٽا ڪٺي
اچان جو ڏوهه منجهه نيس ته سائين شمشير جو ڪليڦو
صالح فقير منهن پنجي ٿو وڃيم.

چنيسر— سچائند و هئين ڪ؟

دودو— ڳهه ڳهه (ڳنڪار ڪري) مون ڪان پڇائين:
ڏري فقير، چيٽين جو ڪيتر ومٺله؟ مون چيو مانس: سائين،
توجي اکتيار. پو ته آءٌ نين آني تي، هو ٿڪي تي.
نيٺ چيائين: ابا، پلي پامي چيٽا وينداء ٻاڙن ۾
پونڊئي سگهه، آءٌ ۽ اهيان ڪليڦو سائين شمشير علي شاهه جو،
صالح فقير منهنجو نالو اٿي. سائينءَ جي ٻڪي لاءِ
ڪپن چيٽا، جتي هرڪو اوي سوي اچيو تيل تڪل ڪري،
اهو تڪو امين مٿاءِ ڪون ٿا ڏيون، پر دعا جو ٿڏيونءِ.

تون ڳالهه ڏي ڪٿي هل، پوءِ تہ توجي مرضي هوئي تہ لاهيج، نہ تہ توکي ڀڏندو ڪونہ.

چنيسر- پوءِ لاهي آئين ڪر؟

دودو- ڪهڙيون ته ڳالهيون ڪريان؟ سائين بادشاهہ جي ڳالهہ ڏسي، اڄ تہ ڏري ويس، سوين سوالي ويٺا هئا، ڪارن شيدين جو تہ ڇيهہ ئي ڪونہ هوا يو تہ ڪليٽن سون ڪسي سائينءَ جي ڪرامتن جون آهي آهي ڪيرون ٿنائون، جو الله جو سونهه سون ٿنکي تان ٻہ هٿ ڪٿي ڦٽو ڪيو، سائين ڏيئن مان پٽ ڪريو ڏيا ٻي ٻچارڪوڙي تو ڪريون؟

چنيسر- تو زيارت ڪئي؟

دودو- ڪہ ڪيا (گنهگار ڪري ٿو) سون پاڻ توجي ٻہ ڳالهہ ٿنائي ڏني تہ مانجو سيٽ آهي چنيسر، او پاڻ وبچارو جڪمجي پيو اهي، ڪليٽي صالح فقير جو تہ مارا هيترو وقت ٻي سور سنا ائس، سائين جي سچ جي ڳالهہ ۽ ستيءَ جو هاٿي ڪر انهيءَ ڳالهہ ڇڏائي ڇڏيس هاء

چنيسر- تڏهن دودا، ڪٿي سائينءَ پيءَ ڙو تجي؟ هير سورڳو سو ڪان هاٿي ٻہ ڪين ٿو پري سگهان.

دودو- سون ڪي تہ ڪليٽي چو تہ مريد تي، پر سون چو تہ چنيسر سان صلاح ڪريان پو، تنهن تي چوئين تہ چنيسر کي پيڙو وٺي آءُ، پاڪ ٿا اوهان ٿوين جا ڪلن، جو هڪڙو مرشد پلو ٿہ سلناوَ.

چنيسر ـ ڀلي دودا، مرشد کونه ولنداسين، اي ڪهوڙو ڀاڻ ڳڻان در مٿي ڀڏو ڪونه ايندو. ڀوٽان پيڙهيون پيون ڏن پريئن، اهڙو ڪم ڪنهن ڪونه ڪيو. باقي دعا ڏئي، ڪو ڦيٽو چنڊو ڪرائي، منت ڏيئي موٽي ايندا سون.

دودو ـ جيڪا توهان جي مرضي. پر چنيسر، هيڪواري هاڻ ضرور ڪري، ڏاهن چيو آهي: ڪک هيٺ لک لڪو پيو آهي. ماڻهن مڙهجي انهي ڪرامت وارو هو. هلي زيارت به ڪري ايندا سون، دعا به گهري ايندا سون، سڀاڻي هلڻ ڪري. ماڻهن ملي ٿو صبح جو چنيسر، ڪلاڪ تي اچي ڏاڏي، توهان ماڻهي اتي ٻچار ٿي ڪاڻهي.

چنيسر ـ اول ڪٿير، صبح جو هلنداسين.

(پردو ڪري ٿو.)

## ايڪٽ ٽيون [پردو ٻيون]

(شاهي سڙڪ تي، ڪنڌ پاسرو، ٽي ڀٽيباز پنهنجو چار پکيڙيو ويٺا آهن.)

پهريون ـ (سگريٽ مان سوٽو ڀري) مولا سيلاء ڪو مٿين جو موڙهو، ڳڻلي ڳوڙهو.

ٻيون ـ (ساڳي سگريٽ مان همراه، ڳاڻ وارو ولي) يا علي! ته هتي ڏڪ حرفت جو ڪيموس اتي ٻورو.

ٽيون ـ ٻيران ٻرا ڪٿي ڪمائي مان اسين به ورهايون ڪو اڄ تنهنجي پارهين جو چيورو.

(اتي پاهران پن چڻن جي ڳالهائڻ جو آواز پڇي ٿو.)

ھڪڙو- سڙڪ ھي اھي؟

ٻيو- آنھ، آنھ.

ھڪڙو- مٿان پل ته ڪيم ٿو ڪريھين؟

ٻيو- ڳي ڳي (ڳيڪار ڪري).

پھريون ٽپٽائي- (ڪن ڦرڙائي) دوستو، ھاڻي ڪا ڏيکاريو مڙسي. آھن ٻيئي ٽريا پٺوڪ.

ٻيا پٽيباز- سولائي، وک مشڪلڪشا تي ڪي وکيا ھونداڻون چيلا ٻيا ٻکر تي نورو چيلھ وارو ڪريون ٿا خالي.

(ھڪڙو ٻيا ھلائي ٿو، ٻيا پٺسا رکن ٿا. ايتري ۾ دودو ۽ چنيسر اچن ٿا.)

دودو- چنيسر، ھي جوان ڇا تي ٻيڙا ٽيا اھن؟

چنيسر- شوھرن ۾ ميدائين ميلا لڳا پيا اھن.

پٽيباز- (ھنن ڏي نھاري.) يارو! قسمت، نصيب وارو ڪائي! بخت پاڪ وارو ڪائي!

(دودو ۽ چنيسر ٻيئي رڙھي ويجھا ٿين ٿا ۽ ڏسن ٿا. ٻين ڪي ڪنڌ وڌسي دودو ھرڪي ٿو.)

دودو- (چنيسر ڪي ھامي تي ولي) چنيسر، ڪھڙي صلاح؟ آزمائينديون پاڪ ڪر؟

چنيسر- دودا، سون وٽ ڏوڪڙ ڪوٺھي، نه ته ڪيڏ سون سمجھي ورتسي اھي. رونيا ٻه-چار ڪٽي ھاٿجو ميدان ۾.

پتيباز- قسمت، نصيب وارو ڪمائي! پاڪ، بخت وارو ڪائي! رکي رکي رهيو، جنهن جي دل چاهي.
(سندس ماڻهو راڻيءَ تي رهيو رکن ٿا، ڪن پيا.)

دودو- (چنيسر کي) توجي صلاح هوئي ته روپيا ٻه-چار ڪٽي ڏينڪيون. جي ڏنو پاڪ پيڙو ته دال مان سيرو، جي ڏني بخت دب ته سيري مان رب!
(ڪلن ٿا.)

چنيسر- هئو، پاڪ جو ڪم اهي، يا ته پٽ ٿهون يا ته ڪُپو ڪچ ۾!

دودو- هنن همراهن کان پڇون ته سهي؟

چنيسر- هئو پڇهين. (هنن مان هڪڙي کي مخاطب ڪري ٿو.) اڙي منگتي، اوراهون ته اچ. (هو اچي ٿو.) ٻيلي، ڪير ڏي گهڻو هارايو اٿي؟

همراهه- هارائي منهنجو جوتو. چار رپيا ڪٽيا اهن، ٻيلي جي ويرم ۾. (هوريان ڪن ۾) رانديگر ڪو آهي لٽون پوڪ، خبر پويس ٿي ڪانه ٿي. مان ۽ منهنجو هڪو پيو دوست راڻيءَ وارڻي هتي جي ڪنڌ ٿوري پڇيو چڙيون، پوءِ ڪنيو انهيءَ تي رهيو رکون ته رهي جا ٻه ٽيو ملن، پن جا چار ٽيو اچن. هتي ته اب گهوڙيءَ جو ڪيل لکو پيو آهي، جڳهه هاڻ سون کي چڙيو ته ٻه-چار رپيا ته ڪمائي وڃان. (وڃي ٿو ته دودو ڇڪي جهليس ٿو.)

دودو- يار، ٻڌي ته سهي، اسان مان ٻڌيءَ ۾ ڏينديون؟

همراهه- هائو يار، چوڻ ٿيندس؟ پر هوريان ته ڳالهه ڪر، ٻڌي وٺندو ته ڏهي ويندو.

چنيسر- (هوريان) پلا امان ڪي ؟ ٿي جي ڪنڌ پڇي ڏيکار ته اسين به ڪٿون.

همراهه- سو به رپيا ته ڪلهه، سڪهو ٿي، اچا ته رکبو پيو ڳالهيون ڪرين! هاڻي به ويو ٿي هليو، جنهن کي مس مس ريجهائي ويهاريو اٿون.

(وڃي ٿو ۽ وڃي رهيو رکي ٿو.)

دودو- چنيسر بيلي، اڄ ته اٺي پهڙا ٿي بهار. رهن کي کول ته موج لڳي.

چنيسر- دودا، پنڌ ٿورو ۽ آجورو گهڻو، ڳالهه ۾ اهي مڙني ڪا شڪ!

دودو- بيلي، اڪثر پيو ڏسين، پيو توجي مرضي، تون هاڻي به ڇاڙ اکر پڙهيو اهين، سو ضد ٻنهه ڪون ڇڏيندين.

چنيسر- ڌ ٿ دودا، هيئي سين اولڙائي ڪرڻي اهي.

پتيباز- قسمت، نصيب وارو ڪائي! بخت، ياڳ وارو ڪائي، والي‏ع تي رهيو. اچو، اچو يارو، قسمت آزمايو! رپيا ڪمايو!

چنيسر- ڏسان ته سهي ڪهڙي ٿي تي بازي اهي؟

پتيباز- (والي‏ع تان رهيو ڪٽي) بابا، بيشڪ ڏس، لڳي ڪانهي، ڪپت ڪانهي، دغا نه آهي، دولاب نه آهي، هڪڙو پتو آهي، ٻه نه آهن. رهيو، رهيو، اچو، اچو.

(همراهه راڻيءَ جو پٽو چنيسر جي هٿن مان وٺي
ڪڍڻ پڇي ڇڏي ٿو ۽ ٻوءِ اک مان اشارو
ڪريس ٿو ۽ ڀتيباز ڀتا هلائي ٿو.)

چنيسر- (ڀتي تسي ڍڪيو رکي) منهنجو هن ڀتي تي آهي. آڇلاءِ ته ڪير ڀٽوئي؟

(راڻي نڪري ٿي ۽ ڪٿي ٿو.)

همراهه- رک ٻيو ڍڪيو. نه نه، آءٌ ٿو رکان. منهنجو وارو آهي.

چنيسر- آءٌ ٿو رکان. (ڍڪيو رکي ٿو ۽ ورري ٻه ڪڍي ٿو.)

همراهه- (ڀتيباز کي) اسين هاڻي ٻه ڍيا رکنداسون.

ڀتيباز- (مڪر ڪري) يار، بازي ڍيي ڍيي جي آهي. ٻه-ٻه ڍيا رکڻ ڪونه ڏيندس؟

همراهه- واه، يار، اهڙو جي ڪنگال آهين ته ٻوءِ زالد چاجي ٿو ڪرين؟ واه، راڻديگرا بازي هاڻي ٻن ڍين جي ٿيندي؟

ڀتيباز- ٺيڪ، اڄ سون ڪان ڪيترو ڪٽيو اٿو! اڄ ڪا منهنجي براڻي آهي، رکو هارايو اٿم. ٻه-ٻه ڍيا پلائي ڪري نه رکو.

چنيسر- ڪو يار، رکنداسين ته جوڙو ڍين جو، نه ته بس.

دودو- (ڪلي) ٺڳو، ميلو چوندا اهن ته متو پلو، ۽ بال کتو پلو.

پتيباز — چڱو يار رکو. سڀڪو ٻا~ا، قسمت پنهنجي ٿو ڪائي! (پتا هلائي ٿو.)

چنيسر — منهنجو جوڙو روپين جو هن پتي تي آهي، ڪرل! (پتيباز کولي ٿو تہ راڻي نہ آهي ۽ چنيسر هارائي ٿو.)

دودو — چنيسر، هيڪ هجني، پتو پڌري پٽ پيو آهي، تہ بہ ٻلجي وڃين!

همراهه — سون ڏي نهارين ها اشارو بہ ڏنو هاڻ (دودي کي اشاري سان ڪنڌ ٻڳل ڏيکاري) تڏهن بہ پتو ڪونہ پيئي!

چنيسر — مڙيئي ڪشير آهي، وڙهوم ڪين انسان ويچارو آهي مالڪ جي آڌار. تڪڙ ۾ پل ٿي ويئي، پڙ ڪونهي، ٻئي دفي ڏسجوم. اڃا پنڌ جي هڙ جو ڏوڪڙ ڪونہ ويو آهي.

پتيباز — قسمت وارو ڪائي! بخت ٻاڪ وارو ڪائي! نصيب وارو ڪمائي! رکو رکو. (پتا هلائي ٿو.)

همراهه — هن دفعي مان رکندس.

چنيسر — ٻلهين ٻلهين.

همراهه — (بہ رپيا رکي ٿو ۽ ڪني ٿو) ڏٽڪ؟ (هٿ ڪٺي ڪنڌ ڇپي ڪري ٿو.) هاڻي سنڀالي رکج.

چنيسر — (پتيباز کي) جهٽ ڪري پتا هلاءِ.

پتيباز — اڇو، اڇو، ٻاڪ وارو ڪائي! نصيب وارو ڪائي! (پتا هلائي ٿو.)

(چنيسر بہ رپيا رکي ٿو ۽ هارائي ٿو.)

چنيسر- (ڪياڙي ڪنهي ٿو پڇ دودي کي) دودا، اي وري ڪيئن ٿيو؟

همراهه- (چهرو ڏئي) هي وري ڪيئن ٿيو! منهنجي چوڻ تي هل نه، ٻوءِ ڏس ته، ڪيئن ٿو، ڪين هارائين ٿو.

چنيسر- (همراهه کي) ادا، واڌ ڪر هير چار روپيا وڃائي ويٺو آهيان، الاجي اڄ ته ڪيئن وڃي، الاجي ڪو نٿو ٿئي!

همراهه- ٿورو هائي فڪر نه ڪر، جتي مال چوان اتي رکج. ٻوءِ ڏس رنگ.

چنيسر- ڀلي، راضي شاهه ڀلو ڪري، چار روپيا واري ڏينم، ان تي مري ويندس.

دودو- هاڻو منگتي، هي مڙس گريب اٿئي.

همراهه- (ٺڳباز کي) اڙي، هلاءِ ڀتا- گهڻن مان چرچا ڪيا اٿئي.

ٺڳباز- (ڀتا هلائي ٿو،) نصيب نارو ڪانئي! قسمت وارو ڪانئي!

همراهه- چنيسر، رکم هي ٻه روپيا.

(چنيسر ٻه روپيا رکي ٿو، ٺڳباز ڀتو اٿلائي ٿو ته چنيسر هارائي ٿو.)

چنيسر- دودا، هيسر سوڙهو ڦرجي رهياسين. چئوسين ته مائٽن جا سنت جا ڪي پئسا مليل هون ته سوڙهو پنهنجي هڙ ۾ چٽ!

دودو- هئو، چوندا آهن ته آئي مڱڻ کي، وئي ڪڻ ۾ ڪهائي.

چنيسر- ڀلا هيئا؟

(اني جواري ٽڪي وڃن ٿا)

دودو- (جوارين ڏي نهاري) چنيسر، هي تہ ڀڄي ويا. مارا هي تہ ڪي ڀاڻ ۾ صلاحي هئا.

چنيسر- ۽ .. (نصيب تي هٿ هڻي) مون تہ مهنڊ ٿي چو ٿي تہ پنڌ ٿورو اجورو گهڻو، ان ۾ ڪو خيال اهي. پهر بس، هوء تہ الاجي ڪير هئا، ڪيڏانهون ويا؟

دودو- چنيسر، هير چڱي اهي مور ٻوء روندا سون. هن ٿاٽي هل تہ مائين ۽ گنؤن ٿي اچون. مائين دعا ڪيندو تہ رزق ۾ برڪت ٿيندي.

چنيسر- ادا، مائين ڏي هلندي ٿي رات تي هي چگو سون ٿيو اهي! هير جي هلي اتي ٻچؤن تہ الاجي ڪهڙو حال ٿيندو؟

دودو- مڙئي الله موچاري ڪيندو. (وڃن ٿا.)

[پردو چڙهي ٿو]

ائڪٽ ٽيون] [پردو ٽيون

[پير جو مڪان. پيرصاحب اندر ويٺو مراقبو ڪيو، چادر اوڍيو ويٺو آهي، انهيءَ هنڌ کي مٿان سنهي ململ جو پردو ڏنل آهي. ٻاهر تي ٽي خليفا: هڪ صالح فقير ۽ ٻيون مڪار فقير، منجهين تي ويٺل ٻاڻ ۾ ڳالهيون پيا ڪن.]

منٺار فقير— صالح فقير، هاڻي زمانو ٻيو اچي ويو آهي، دادا ۽ ويسهه ڪندين ته اڳي مائين جن سان گڏ مسافرين ۾ نڪرندا هئاسين ته، ٻن ۾ بازاريون لڳي وينديون هيون! گهوڙن جا گاهه، دانا، رهايون رڙيون، منزلن جا بندوبست، مريد قلبان پيا ڏيندا هئا.

صالح فقير— منٺار فقير، اهي مزيداريون ئي مون کان پڇ. اهي زمانا توکان وڌيڪ مون ڏٺا. تن ڏينهن هڪ ناري جو ٻڪ سڄو هڪ ڳاديءَ جو مريد هوندو هو. زميندار، زميندار جي ذات سڄا پيا ڪندا هئا، پر ٻاهي، اڳين مائين جا عقيدا زور هئا.

منٺار فقير— عقيدا هميشه ۾ ساڳيا آهن. پر هيءَ جا ٻڙهه پڙهان لڳي پئي آهي، حڪم خراب انهيءَ ڪيو آهي ته! جيڪو ٿو چار اکر پڙهي، تنهن جو قلب ئي ڦري وڃي، پير فقير کان منهن موڙيو ڇڏي.

صالح فقير— مطلب ڳالهه جو ته سڄي حڪومت کي گهرو اچي ويو آهي. هاڻ جيڪو اسڪولن جو وزير، جيڪو اڳي هتي ميرپور ۾ آيو هو، سو آهي ته پاڻ به پير، پر تڏهن به چئن ٻاڙهن تي آئي زور رکيو اٿس. پنهنجي پيريءَ ڏانهن ته هڪ هٿ ڪنهائين پر هاڻ اچي پيو آهي ٻين جي روز ٻڌان.

منٺار فقير— هائو، سچ پيو! مريد ڪاري ڇڏيندا، جو ته جيڪو ٿو پڙهندو، پڙهندو، سو ويندو ڳرندو.

صالح فقير- بس، ڀاڳيهي ٿا پاڻ سان ڪن!

مختار فقير- ڀلي صالح فقير، ڏکيو ڳالهه لڳندي ٿي ڀاڳي سچ ته ائين آهي، جو هنن پيرن ڪٿي پاڻ سان ڀاڳيهي آهي. ڀلا، نسوري نڪي ۽ ڪيترو وقت هلندي؟ ابوجهل جا ته جهڳا ٿي جهڙ ٿي ويا آهن. خدا ڏاڍو آهي!

صالح فقير- پيرن جو ڪهڙو ڏوهه؟ پاڻ کي ڏوهه لڳو ڏين؟ پير ڀاڳيهي ته ڪين ٿا اڏامن؟ انهن کي ۽ اسين ٿا اڏايو. ڀڏايو ماڻهن کي ۽ سوڙهيون ڪرامتون، ڏيو ڏنا، وتون غريبن کي ڊرائيندا. اسان جا سائين نماز کي ويجها ۽ ڪونه وڃن، ته اسين چئون ته مڪه مديني ۾ روز ٿا نماز پڙهن! هو پيٺا پنگ ته اسين چئون ته ڪير ٿا پيئن. اها ٿي ڏوڙ اسان کي پئي آهي نه.

مختار- پير فقير وڏا، ڪيئن ڪجي؟ ورهيه انهيءَ در تي پڪندي ٿيا آهن. حرام جي هڏي پيٽ ۾ پئجي وئي آهي. هاڻ تم پاڻ کان ڪوڏر ڪنئي ڪانه ٿيندي؟

صالح فقير- ادا، ڪوڏر نه ڪنئي ٿيندي ته هينئر آهن ۽ پک جا چڪا ڪالهه هڪڙو ٽريو ڳڏجي ويو تنهن کي ريجي ريجي آلدم درگاهه تي، چيٺن جي ٻري ۾ چڙائي ماڻس، ۽ ڏنا ڏيئي ڪرياڻس ٽو مريد. انجام اهو جو اٿس، جي آيو ته هن گهڙيءَ ٽو اچي.

(ٿورو رڪي) مولا ٿو ڄاڻي ته ڪاسي جي ڪاڻي ڪانهيسون. الله آئيس ته ڪريون ڪا هڙ ڪوسي! پيو هيٺر ته جنهن مريد ڏي نا وڃون ته سوچڙي جيڏو سونُ چڙهيو پيو اٿس. اڳي اسين آڪرا هوندا هئاسين، هاڻي ويچارا ٿيو وڃيو پيئون ته ڪو پڇي به ڪونه ٿو.

منٺار فقير— فقير وڏا، سچ ٿو چوين. هي ته وقت ڏاڍو نازڪ آهي. ٽري پئي ٿي ته ساهه ڏيندا ٿا رهون، ڪهڙي اميد رکون اڳائي آهي.

صالح فقير— زورآور، جيئي مولا ٿو مٺي، ته اڃا ٿو نڪري ته پوءِ ڏسج منهنجا ڪم، ٿڌهن ايترهه ورهيه خلافت ٿي ڪا، هلائي اٿم، اهڙيون رٿون رٿي ڇڏيون اٿم، جو هڙ ڪو جهڪي هوندس، سو اتي نه رکبانيون ته منهنجو نالو صالح لاهي ڪتن کي ٿي رکيان.

منٺار فقير— (ڪلمي) مون کي آهي ته خاطري. اسين سڀ تنهنجا ٻالڪا آهيون. تون ڏاڍو ڏاهو وارو آهين. بس خدا ڪري، هجي ڪو مت جو موڙهو، ڪنڌي جو ڪوڙهو!

صالح فقير— ها، تنهنجا پٽ ٻچا! رڳو هڙ ڪوسي هجيس، پوءِ ڏاڙهي منٿو نٿي چوڻ ڏيندينس. هو ته ماڻهو ڏني اٿئي، جا ٻار ڪٿو، درگاهه جي هڙ ڪا وڻي آهي؟

منٺار فقير— هائو.

صالح فقير— ته ٻس، رک رب تي. سائين بادشاهه کي اڳيئي مٿو ڏيئي ڇڏيو اٿم. مڙيا ويٺا آهيون. جيئڻ آئيون الله ۾ ۽ انهيءَ ٿريءَ ۾ آهن.

[چنيسر ۽ دودو اچن ٿا.]

دودو— سلاماليڪم.

صالح فقير— عليڪم سلام. ابا، ڀلي آئيا. (دودو هٿ ونئي چُميس ٿو ۽ چنيسر به ائين ڪري ٿو.) ابا، اوهان جو پاڪ سپاڪ ته ڪو مٺائو آهي. سائين مريدن ڪرڻ کان هاڻ بس، ونئون ٿو وڃي. ڏهه لک مريدن جا اڳيئي اٿس. هاڻي فرمائين ٿا ته ڪيترن کي اسين بهشت ۾ وٺي وينداسين؟ تنهنجي ياران حيلا حوالا، منٿون معذرتون ڪيون اٿم، تڏهن مسين مسين قبول ڪيو اٿن. سو به فرمايائون ته تون وڏو خليفو آهين متان دل ۾ ڏبيڻي. تڏهن ٿا سڏيون.

چنيسر— هئو ڳازي! ڏهه لک مريد ووا!

صالح فقير— تڏهن ابا، ٻيو ڇا؟ فيض جا دريا جاري آهن. لکين لعل ٿيو وڃن. جنهن کي ٿا پاڻ اک کڻن، سو مالامال ٿيو وڃي.

دودو— چنيسر، هڻ.

صالح فقير— (دودي کي) ابا، هي درويش ڪير آهي؟

دودو— سائين، سانجو ست تُئي ويچاري کي ڏنگ مٿي ڦٽ ٿي پيو اهي. سو ڪنان بس، مڙي ٿو ووا

صالح فقیر- (چنیسر جي ٽنگ ڏسي) مارا ابا چڱو ڀلو اچي وئين. اس هاڻ هرمشڪل آسان. علي نگهبان!

چنيسر- ڪليڪا، سوال ٻه- تي دل ۾ ساڳيي آهي اهيان.

صالح فقير- دل ۾ نه رک، چئي ڏي. هي جاءِ اميد جي آهي. ڊپ نه ڪر.

چنيسر- هڪڙو ته درد ڪنان چئان. ٻيو ته واڻ مٿي ايندڙي ٽپتاين ڦريو آهي. برڪت ٻنهي ڦلل آهي آو ٻه پلو ٿئي. ٽيون وري ڏوڪري ٻه سنيها ٻئي وڪٽلي ته هڪڙو تريبن ڏڪار، ٻيو سال ۾ موڙو، مڪڻ جڙئي ڪونه. ڏهه ٻنڌرهن جيڪي ڳوٺون اهين، ان ۾ ٻه برڪت ٿوئي جهجهي! مکڻ جام ٿئي، جنهن منجهون ڪو اوراسو ٿئي.

صالح فقير- (ڪلي) ابا، سون ڀانيو ته ڪنو وڏو سوال ڪندين. اهي ڪم ته سمجهه سڀ ٿي ويا. هاڻ توکي سائينءَ سان ملاقات ڪرايون ٿا. ادب سان پيرين پئي ٻري تني ويهه توکي دعا دقا، ڦيٽو چنڊ و ٻه ٿا ڪرايون. تعويذ ٻه لکائي ٿا ڏيون. پوءِ سڀ سهنج. اسان جو قدر پوءِ ڀالهي ڪيج. سائينءَ سهندان جيڪي ڏرانو رکنديں، سو ڪنديں، جيتر و گهڻو رکنديں، اوتري گهڻي برڪت ٿوندي، (منڌار فقير کي) منڌار فقير، سائينءَ کي اطلاع ڪر ته قبلا! ٻه سائل آيا آهن.

[منڱار سنهي چادر جي وچ مان اندر وڃي ٿو،
ٽيٺو صالح فقير، جوٽون پيچي هٿ کولي،
الله هو! الله هو! الله هو، پڙو ڪري،
ڪن پلڪ پڄاڻان منڱار فقير ٻاهر تي پڌرو ٿئي ٿو.]

منڱار فقير— (ٻاهر اچي) پاڻ مالڪن گهرايو آهي ته سائلن کي ولي اچو.

صالح فقير— (سائلن مان ڪڏ اندر پڙو تي) بابا، قبلہ عالم کي ٻڌرڻ ٿيو.

[پير مراقبو ڪيو ويٺو آهي، دودو ۽ چنيسر
پيرين پون ٿا، هٿ چمن ٿا ۽ پرپرو گوڏا
پيچي ڏيهن ٿا. پيرصاحب اوچتو رڙ ڪري ٿو.]

پيرصاحب— ابا خليفا، جهٽ ڪريو مٽيءَ مان پاڻيءَ جي چلي ته ڀري ڏيو. جلدي ڪريو، جلدي ڪريو.

خليفو صالح— حاضر قبلا! (جهٽ ۾ چلي ڀري ڏئي ٿو.)

پير صاحب— (پاڻيءَ جون ٻه ٽريون ڀري آنر طرف اڇلي ٿو ۽ چوي ٿو) سبحان الله و بحمده، سبحان الله و بحمده.

[ويٺل حيران ٿين ٿا. خاص ڪري خليفو صالح.]

خليفو صالح— جيئندا قبلا! هيءَ ڪهڙو اسرار هو؟

پير صاحب— ابا، پنهنجي شهر جي بازار کي اتر طرف کان اچي باهه لڳي، ۽ وڪوڙي ويئي. پنهنجي مريد حاجي خالقڏني سيمڻ امان کي سڏ ڪيو.

امالڪ مريد سان اوکيءَ ويل وڃي حاضي ٿياسين .
پائيءَ جون ۽ لٿيون اڇليونسين ۽ الله پاڪ جي
فضل سان پاھ وسامي ويئي! شهر ۾ هراس گهٽ آهي،
نہ تہ سڄي بازار خاڪ ٿي وڃي ها.

صالح فقير– قلبان وڃان سائين جي ناانوَ تان!
صدق! صدق! منهنجا سهڻا پيرا! اهي تنهنجون مريدڻ
سان پلايون نہ هجن تہ هوند ڪهڙو حال ٿئي؟

چنيسر– (دودي کي) سڄو هڪين دودا! ڏٺءِ ۽
پير مريد ڪتن ڪنان ٿي گهڻا. پر واھ ڙي سائين
توجي ڪرامت!

پيرصاحب– بابا، ادب ڪريو، اسان کي ظاهر
نہ ڪريو، اسين گنهگار آهيون، اسان ۾ ڇا آهي.

دودو– چنيسر سڻين ٿو؟ وري اِيءَ نهڻائي!
[اوچتو هڪ مائي اندر داخل ٿيون ڪندي اچي
ٿي. بار، جو ڪڇ ۾ اٿس، سو لاهي پير جي
پيرن وٽ رکي ٿي، ۽ روئي ٿي، اوڇنگارون
ڏئي ٿي.]

پيرصاحب– صبرا صبرا! صبر جو ڦل پلو آهي.
ڳالھ تہ ڪر تو سان ڪهڙي ويڌن آهي؟ اميد تہ
مشڪل آسان ٿي پوندو.

مائي– (روئڻ بند ڪري) سچا مرشدا! تو هن
بانهيءَ کي ستن ڏيهن سڻان دعا ڪئي هئي تہ هاڻ
پٽ ڄڻندو. هن بانديءَ کي هڪڙو ڦوٽو ۽ ڏنو
هوئي تہ ڳالھ ڇڏ، ۽ پٽ ڄڻي تہ نالو ڦوٽو رکجانس.

پر آءٌ مٺي آهيان، وري بہ مون کي آڏين نياڻي ڄائي آهي، مون وٽ الله جو ڏنو مال رزق گهڻو آهي پر پٽ ڪونہ اٿم. سڀ ملڪيت تو سهڻي جي ڦالي تان قلبان آهي، لکي ٿي ڏيان، پر منهنجي هيءَ نياڻي ڦري پٽ ٿئي.

پير صاحب— بابا مائي! اها تہ قدرت الاهي آهي. انسان جي وس ۾ ڇا آهي؟ جو ڌيءَ مان پٽ ڪري سگهون!

مائي— (اوڇنگارون ڏئي روئي ٿي) بس، نہ تہ آءٌ تنهنجو در ڪونہ ڇڏينديس. (وري روئي ٿي.)

صالح فقير— قبلا! ويچاري مسڪين تي رحم ڪريو. ڏهن هزارن جي ملڪيت اٿس. ڪير سنڀالڻ وارو ڪونهيس. ڏين جو ڏڻ اٿس. تنهنجو در ڇڏي ڪيڏانهن وڃي؟ ڪٿي نياڻيءَ تي رحم جو هٿڙو گهمايو. جي دعا ڪريو تہ مطلب پورا ٿي وينديس.

پير صاحب— چڱو، مائي بابا، روءُ نہ. (پار مٿان هٿ ڦيرائي) هيءَ تہ ڇوڪر آهي. نياڻي ڪٿي آهي؟ تون ڀلي آهين.

مائي— (پار ڏي نهارڻ ڏاران) جيئين اچون، آءٌ انڌي ڪانہ ٿي آهيان.

صالح فقير— هون هون، اکيون پٽي ڏس. پاڻ رحم جو هٿ ڪين ڦيرايائونہ؟

(ماڻي اڳ جي سيکاريل، کوڙ کوڙ
ڪري، ٻار کي جاڳي ڏسي ٿي ۽ خوش ٿي
کلي ٿي.)

ماڻي- صدقي وڃان منهنجا سچا مرشد! مون سڀ پنهنجي ملڪيت توتان قربان ڪئي. آءُ در جي ٻانهي ٿي گذاريندس. مون کي الله سائين ۾ پٽ ڪري ڏنو! مرشد سائين ۾ پٽ ڪري ڏنو!
(ٻار کي کوڏائيندي وڃي ٿي.)

(دودو ۽ چنيسر حيران ٿي وڃن ٿا.)

چنيسر- دودا، ڪجهه ڏٺءِ؟

دودو- چنيسر، تون ڏسي ٻڌي بيٺو آهين، ڪين ٿي سمجهين نه!

چنيسر- ماڻهو ٻيو ڇا سمجهندو. اکين ڏٺي ڪير نه مڃي؟ هيءُ ٻهلي، ڪرامتون ايڏيون، ٻلو ٻلو! قبلا، هير ڪا مون مشڪلن کي به جوڳي دعا ڪر.

پير صاحب- (جهنڊ مان اندران ڳالهائي ٿو.) ابا، تنهنجو نالو چنيسر آهي ۽ ٻئي جو دودو. ٻئي ڀائر ڀا آهيو. تنهنجا سوال ٿي آهن، هڪ تہ لاٽ جهڙي، ٻيو ٻخت ڪشي ۽ ٽيون مکڻ جام ٿئي. ڇڱو هالي...

چنيسر- (ڏاڍو خوش ٿي) دودا، ڪيئن ٿو ڀانئين؟ سائينءَ کي ڪيئن ڪئن پيئي تہ ساڄي دل ۾ ڪهڙو اهي؟

دودو- اڙي چريا، سائين تہ دلين جو مالڪ ولي ٿو آهي نہ!

چنيسر — هئو، هئوا

پير صاحب — صالح فقيرا درگاهہ جي دڙ جي خاڪ ڪڻي، هن جي ڦٽ تي رک. مٿس جو پاڻي پيار يئس. پوءِ تعويذ لکي ڏيندا سونس. هڪڙو ساڄي ٻانهن جي ڏوري ۾ ٻڌي ته ٻخت ٿيس ۽ ٻيو پلي ڳوٺ موڪلي ته منڊيءَ جي ڳن ۾ ٻڌن ته مکڻ جا دڙا لڳي ويندا، وڏن جي دعا سان.

صالح فقير — حاضر قبلا، ٻر ڪا دل سان دعا ڪجوس.

پير صاحب — بابا، پير پلو، ڪين ويساهہ پلو؟ جهڙي هوندي نيت، تهڙي مراد ملندي. جيڪو مالهو جيترو يقين ڌاريندو، اوترو ڪٽندو.

(منٺار اندر اچي ٿو.)

منٺار فقير — قبلا، حاجي خالقڏنو ميمڻ ٻيلو آهي، حضور ۾ اچڻ جو طالب آهي.

پير صاحب — ابا، پلي اچي.

(منٺار وڃي خالقڏني کي پاڻ سان وٺي اچي ٿو.)

خالقڏنو — (پير کي پيرين پئي) قبلا، تاسي تان قربان وڃان! اج پاهہ اهڙي لڳي هئي، جو سڄو شهر ناس ٿي وڃي ها. تو سهڻي کي ٺالو وٺي هڪل ڪيم، اوچتو نڪو ڪڪر، نہ ڪا وڄ، نہ ڪا ڪنوڻ ۽ نہ ڪا گوڙ، اچي جا برسات وٺي ته ڪاڏي وٺي ڪاڏي وٺي چرا بچاءُ ٿي ويو. منهنجا مرشد، هي سڀ تنهنجون پلايون آهن. (ڳوٺڙي ڪڍي) هي ڪا نذرانو سوا سئو روپيا قبول پوڻ.

پير صاحب — بابا، اسين ته هن دنيا کان لاطمع ٿيا آهيون، پئسن کي ڌوڙ وجهون. مولائي ڪٿي وڃ، اسان جي پنيان ڌن ـ ـ اڄڪلهه هيڏن پيو ڏڪا کائي!
(صالح فقير کي) صالح فقير، اهو ڳالهه جو پاڙ ته مٿي ڪري ته حاجي خالقڏنو لقاءُ ته ڏسي!

(صالح فقير پٺ مٿي ڏئي ٿو ڪڍي ته خالقڏنو سيمڙو اڳيان ٿئي ميڪاريل، عجب ڏيکاري جوي ٿو؛ هيترا روپيا! صالح فقير وري ڳم جو پاڙ هيٺ ٿو ڪري.)

پير صاحب — ابا، حاجي خالقڏنا! ڏٺءِ؟ اسان وٽ ته دولت ڏڪا پئي کائي، ۽ اسان ڪنهن آهي فقيري.

خالقڏنو — قبلا، هي چار ڪوڏيون فقط سائينجن جي ڀَلي لاءِ نذرانو ٿو ڏيان، جڏهن غريب غرار پيو کائي، ٻيهه سائينجن کي خداوند ڪريم محتاج ڪونه ڪيو آهي.

پير صاحب — چڱو، ابا صالح فقير، حاجي خالقڏني کان وٺي، مٿان دل ۾ ڪري.

(صالح فقير ڳوٿري وٺي ٿو.)

صالح فقير — (دودي کي) ابا، هي فقير جو لنگر آهي، تنهن ۾ جيڪو نذر نياز ڪٿو شي، اهو رکو ته آئون — هاڻي قبلي جي وڃي ورندا مٿي مدينو نماز ادا ڪرڻ، ميڳها ٿو.

خالقڏنو — ڀلا فقير، هت ڪي ڪشادو ڪريو، مٿي ڦلو اٿو ٻٺو.

چنيسر– (ڊودي ڏي نهاري ٿو) ڊودا، هيئا؟

ڊودو– ادا، سائينءَ کي توجي ان- ٿن ڏوڪڙن جي پرواهه ڪانهي، توجي مرضي.

چنيسر– مرضي وري ڪهڙي ٿي! وڃڻ ڪڻ ڏيا موڪلائين اهن ڏوهه.

صالح فقير– فڪر نه ڪر، جيڪي آهي سو ڪٽي رکندو دل نه هڻ، يقين سان رک ته ڪٽنديون.

(چنيسر ويچارو نهئي ربيا رکي پيرين ٻئي موڪلائي ٿو.)

ڊودو ۽ چنيسر– هيرڏانهن لکيءَ ڪا دعا ڪجو.

(پيرصاحب ٻئي لورين ٿو.)

صالح فقير– ابا، هاڻ اٿو ته درگاهه تي هلي اوهان کي خاڪ شفا ۽ آب حيات ڏيون ۽ تعويذ به لکائي ڏيون.

(سڀ نڪرن ٿا، باقي خالقڏنو ۽ پير سائين رهن ٿا.)

خالقڏنو– قبلا، ڏهه ربيا به چڱا اچڪلهه ماڻهن ۾ ڏيڻ ڪٿي آهي!

پير صاحب– (مراقبو لاهي) حاجي خالقڏنا، ڏاڍو مشڪل سان آئين، ٽرين جا طاق لڳي ويا، ڪوٺڙيءَ ۾ ڇا وڃهي آيو هئين؟

خالقڏنو– سائين، وڃهي آيو هوس جيئي جا ٽڪر، پيو سون ڦٽ الله جو ناءُ، تنهنجو نالو آهي، ٻيو ڇا آهي. (ڪلهن ٿا.)

پير صاحب — مائيءَ واري ڪرامت ۾، عقل چرخ ڪري ڇڏين. اها ڳيڙ خليفي صالح فقير جي هٿن ۾ هي ڳالهه هيئڙو ڀيا، تنهن ۾ ۽ وري تونئي مٿو وڏا ڏوا في الحال سوچ لڳي ويئي. حال ته ڪريونس ٿلهه پنهنجون ڳالهيون، پوءِ وري ۽ ڏيندو مولا.

خالقڏنو — هاڻو قبلا مولا ڪو ڇڏيندو ڪيئن؟ وهابين جو ٽيو آهي منهن ڪارو، ڇو ته پيونڪن، جيسين ماڻهو جاهل آهن، تيسين پنهنجي ماني ڪتا به ڪونه کائيندا. (ڳالهه ٽا ۽ ڏاڙهيون ملائين ٿا.)

(پردو ڪري ٿو)

انڪت ٽيون] [پردو چوٿون

[ڪوهه جي اڳيان، ميدان تي پنجابي دوا فروش تقرير ڪري رهيو آهي، ڪيترا ماڻهو اردگرد بيٺا آهن، دوا فروش جو منڊي پائيوار، جنهن مان ڳڌ ٻيڙي نظر اچي ٿو، ماڻس ڳالهائي پيو.]

پنجابي کهتا هي:

سچائي چهپ نهين سکتي
بناوٹ کي اصولون سي
که خوشبو آ نهين سکتي
کبهي کاغذ کي پهولون سي

مهربان دوستو، سرپورخاص جي باشندن کي اڪثر بدهضمي جي شڪايت آهي، پاڻي خراب آهي،

بدهضمي آهي، گوهن ۾ ڪي اهڙيون معدنيات آهن، جنهنڪري کاڌو هضم ٿيو ٿئي، اهڙي هڪڙي شيشي، جنهن ۾ پنجاهه ماڻهن جي خوراڪ موجود آهي.

آزمايو، اسان جي ڪمپنيءَ فقط عام خلق جي فائدي لاءِ لکها رپيا خرچ ڪري، هيءَ دوا تيار ڪئي آهي. کاڌي جي مقدار هڪ چمچو دوا سبو ۽ ڏهه چمچا پاڻيءَ جا ملائي، پيئي ڇڏڻ گهرجي. اميد ته بدهاضمي جي شڪايت باقي نه رهندي. قيمت دوا جي؟ دوا بلڪل بيبها آهي، هزارين رپيا قربان آهن. (پڙهو اشتهار هڪڙي ڏيکاري ٿو.) ولايت جي مشهور ڊاڪٽرن جا سرٽيفڪيٽ هن دوا جي باري ۾ موجود آهن. ليڪن شيشيون جرمني، فرانس ۽ انگلنڊ ۾ فروخت ٿي چڪيون آهن. افسوس اسان جي هندستان ۾ جهالت سببان، ماڻهن هن دوا جو پورو فائدو نه ورتو آهي، صرف ٻه ٽن شيشيون باقي رهيون آهن.

ڪهڙو خوشنصيب دوست آهي، جو هن آب حيات کي هٿ ڪري، خضري عمر حاصل ڪندو؟ قيمت صرف اٺ آنا. آهي ڪنهن صاحب کي ضرورت؟

منتري- (چنيسر کي) دوا جي ڳالهه ڪهڙي ٿو پڇين! (شيشي ڏيکاري) هڙيون سون پاڻ چار شيشيون ورتيون آهن. هڪڙي سدائين منهنجي کيسي ۾ پئي آهي. پچار پئي ڏي، منڊيءَ تي ٺيڪ آ هن مان سون ڇهو رپيا ڪمايا آهن. جنهن کي آئيو

دوا ڏيان، تنهن چڱو ڪوڙ ٿي ڪيو، چاليهن بيمارين تي دوا پوري ٿي!

چنيسر- بيلي، اسان مارُهو ٽر جا، مير پور ته اسان جو پيٽ ئي بندي ٿيو ڪيو آهي، سنڌ جي پيٽ ۾ ٽر رکيو آهي. ڪالهوڙن ملوڪ، باقي سو ڪارو آهيس، باقي جهنگل ايترو سوڪو آهي، جو ڪر مکڻ سان وار نڪري ويو وڃي!

سنڌي- (دوا فروش کي) حڪيم صاحب، هڪ ڊزن شيشيون جو ڏجو، هن جوان کي ڏيڻ. (پيا پنهنجي ٽورو عجب ڪائين ٿا.)

هڪ ماڻهو- هڪ ڊزن شيشيون!

(دوا فروش ڊزن شيشيون ڪڍي ٿو.)

چنيسر- هنن کي پنڊ ڪيڏانهن کڻندو؟

سنڌي- زورآور، هي اڻلڀ شيون وري يا نصيب! ٿين ڇڏ، ڪي وڃائيندين ڇا؟

چنيسر- بيلي، مون کي ڪو دڪان ته کولڻ آهي؟

سنڌي- افسوس، هي ڪيميا هٿان ٿو وڃائين! (دوا فروش کي) حڪيم صاحب، ڏيوس. (چنيسر کي ڪلهي تي هٿ هڻي) زورآور، تون وٺ ته سهي، جڏهن هنن دوائن جو نفعو ڪاٺي ڏسندين، تڏهن ٻاٽي پڻ ته وري وٺندين.

چنيسر- پر بيلي، ڏوڪڙ ٻن هڻون ته؟

سنڌي- (دوا فروش کي) حڪيم صاحب، ڏڪڻ جي حساب تي ڪجهه گهٽ وٺو، ڏڪڻ جا اسين پنج رپيا ڏيندا سون.

پنجابي- مال ڪمپني جو آهي، پلي ته ڪو غريب فائدو وٺي، فڪر نه آهي، هيءَ جوان غريب ٿو ڏسجي رعايت ڪرڻ اسان جو فرض آهي.

چنيسر- هوءَ پنج رپيا گهڻين ٿو ڪر؟ (پئسا چوڙي ٿو.)

سنڌي- مون کي ڏي. (رپيا وٺيس ٿو) حڪيم صاحب، وٺو هي پئسا. جيڪڏهن ڪا ٻي عمدي دوا هجي ته ان جو ٻڌ بيان ڪريو. هيءُ دوست ٿر جو ماڻهو آهي، جتي ڊاڪٽر طبيب بلڪل ٿورا آهن ۽ هنڙين نایاب دوائن جي سخت ضرورت آهي.

چنيسر- اڙي، نه ڙي نه. ٿر ۾ وري دوائن جو ڪتب ڪٿان آيو؟ ٿر جا ماڙهو دوائن تي ڏوڪڙ خرچڻ سوران موت ميٺو ڪن. داڪترين ۽ طبيبن کي ڀُڪ ڪوٺ مرڻو اهي، جو ٿر ۾ اچي ويهندا، اتي ته سڀني بيمارين جي ڦڪي اهي جهڙ. (سنڌيءَ کي) ڪو ٿو مون کي ڏٽا ڏيو ڏوڪڙ خرچائين؟ مور گهو چڙ نه وجان. هڪڙو ڦريو آم جتوارئيهن، پيو ڏوهه رو پيا لڳي ويم ڪليقا. باقي هڙني ٿو ڪر، پيئم تون خالي ته ٿئي آڪاڙوئي آجو؟ ڪي ايترو ته چڏيو م جو ڏوڪرهه ڪتن پڻ مڻنجان. بير جي ڪاڪ تم

موهن ڦٽ ني مچائي رکيو اهي. چڻن ته چڻن جي ماکِ، مرڪو ني ٿي تنگ ڪڙهي! هيٺا ڪو ملهام هونئي ته ڏنهن ته جکر ته چئيم.

پنجابي— (شيشي ڏيکاري) مرهم اڪسيرالشفا. مهربان دوستو، هي ملم زخم جي لاءِ بجليءَ جو اثر رکي ٿو. ڪهڙو به ڦٽ هجي، وڍ هجي، ڏڌ هجي: پهرين زخم کي گرم پاڻي سان صاف ڪري، هن ملم اڪسيرالشفا مان هڪڙو ڦهو لاهي زخم تي رکي، پٽي ٻڌي ڇڏجي. صبح جو پٽي ٻڌو، شام جو زخم ميٺجي ويندو، سور هٽي ويندو. خارش گم ٿي ويندي، گوشت پرجي ايندو، چمڙي نرم ٿي ويندي. هن ملم کي ڊاڪٽرن يوناني حڪيمن ۽ ويدن سڀني گڏجي، مٿ ورهين جي دماغ سوزي کان پوءِ، استاد جالينوس، ارسطو ۽ لقمان حڪيم جي قديم نسخن تان تيار ڪيو آهي! هر قسم جي ڦٽ لاءِ جادو جو اثر رکي ٿو. ورهين جا ناسور هڪ دم ۾ دور، قيمت صرف هڪ شيشيءَ لاءِ چار آنا. اسان جي ڪمپني فقط دوا جي مشهوريءَ لاءِ هي دوا سستي اگهه تي ڏيڻ منظور ڪئي آهي. آئينده مهيني کان هيءَ شيشي ڏهن رپين کان گهٽ وڪرو ڪرڻ ۾ نه ايندي. آهي ڪنهن مهربان کي هن بي بها جوهر جي ضرورت؟

جنبسر— (حڪيم کي) الله جو سونهن آهي ملهام ايهڙو ڀلو آهي ڪه؟ هڪڙي شيشي ته مون کي به ڏيڄ.

سنڌي - ٽري، سو نيٺ ٽري. هڪڙي شيشي ٿو وٺين؟ (حڪيم ڏي اشارو ڪري) هي مسافر اڄ هتي سيائي هتي. تنهنجي ڀا ڳين اچي نڪتو آهي. وٺ ته ڏزن شيشيون ته وٺ. هن ملم جو، ٻـلا ڪاڌل ماڻهو تي هڪدم اثر ٿئي ٿو.

چنيسر - الله جو سونهن! (دوا فروش کان) داختر! هئو؟

پنجابي - هي ملم ناڻگ، ٻلا، ڪاريهر، ڪپر، پيڻ، ڪنياري، ٻه - منهين، گهوڙيـل، هن ڪن سپني جي ڪاڌل کي، اڪچنپ ۾ اٿاري ايو ڪري ٿو. ٻلا ڪاڌل، موت جي بستري تي آخري دم ڪٿي رهيو هجي، هن ملم جي استعمال مان عزرائيل جي چنبن مان الهي؟ دم آزاد ٿي سگهي ٿو. هن ملم ۾ ٻن سون قسمن جا جواهرات ۽ چار سو جبلن جون ناياب ٻوٽيون ڪم آندل آهن.

سنڌي - ٻڌءِ، هاڻ ڪيئن ٿو ڀائين؟

چنيسر - ٻيلي، هن ملهام جي ٽر ۾ کهڻي ڪاهي اهي. هي آرهڙ جا ڏينهن آيا نه بس، ٻلائن جون ڦوڪون مٺنديون ووا روز ٻلائن جا ٽقاق مٺنديون. ٻيڻ جو ته هيڪاري هن ڏينهين کوڦ آهي. (دوا فروش کي) ٻچڙيءَ ڪاڌل کي ڦائدو ٻوندو؟

پنجابي - ٻيڻ جو زهر ته خاص طرح هن ملم ۾ ملايل آهي!

چنيسر - ته ٻلا، ٻه شيشيون ڪري ڏ نهنم.

سنڌي ــ (دوافروش کي) حڪيم صاحب، ڏيو هڪ ڊزن شيشيون. ڇريا ڪو پنهنجي وس ڇڏيا ڪيئن؟ (چنيسر کي) وٺ هي درجن شيشيون. پوءِ ته تو کي ته ڪٽيون، ته مون کي ڏيئي پئسا وٺي وڃ. ڇريا! هھڙيون قيمتي شيون ڪير ڇڏي! (وٺي ڏئيس ٿو ۽ چنيسر ٽي رپيا ڏئي ٿو) حڪيم صاحب، اوهان ڪا هن ڪان به عمدي دوا يا بس؟

پنجابي ــ (ٻي هڪ شيشي ڪڍي) سرمو اڪسيرالبصر. مهربان دوستو، اکيون ته اٿو، نه ته سڀ آهي ڪوڙ. هي ٻي بها سرمو اڪسيرالبصر آهي، جنهن کي خاص هندستان جي راجائن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. هن جي اندر سچي موميائي، ٻرابر هڪ هزار پيرا عرق گلاب ۽ بيد مشڪ ۾ پيئل آهي. ڌنڌ هجي، خارش هجي، ڦلو هجي، اکيا پردا هجن، موتيو پاڻي هجي، انسان بلڪل نڌارد نابين هجي؛ هڪدم ميدان تي لهي اچي. آزمائي ته هي سرمو ڪيئن نه سڀني جي اندر هرهڪ امراض چشم کي شفا بخشي ٿو. بلڪ دوستو، هڪ مادرزاد انڌي کي به ديد بخشي ٿو. آهي ڪنهن صاحب کي هن تحفي بي بها جي ضرورت؟

چنيسر ــ اي انڌا ماڻهو سنڌ ۾ ٿيندا اهن. جو نظر وڌي کي ڏس ته عينڪ! ڪٿين مٿان چڙهي پيئي اهي. امان کي ڏهو واضي شاهه پناهه ۾ رکندو. (سڀ کلن ٿا.)

پنجابي — طاقت جون گوليون، قبض ڪشا ۽ جسم جون هر قسم جون دوائون ۽ ياقوتيون هرهڪ جي تعريف بيان کان ٻاهر آهي، جنهن صاحب کي ضرورت هجي، آواز ڪري گهري وٺي، ورنه بيان بند ڪجي ٿو.

ڪيمسٽ — اي ته الاجي ڪهڙا نالا گهڻي ويو؟ پيلو، (سنڌيءَ کي) هاڻ ته هڙئي ڪهڻي پوري، مون دل ۾ چيو هو ته پير سائين ڪوڙ ڳالهايان ته وڳو ڏهه روپيا آهن، اهين ڪري ڏوڪڙ بچائي ٿو وٺان. هر ٿو جي مانڪي هي شيشا ۽ شيشيون وٺي ڪٿي ڏنا، اچو آءٌ رکندس ڪٿي؟

سنڌي — ڏر متي اهي گهڻي ڪتب ايندءِ.

پنجابي — (سنڌيءَ کي) هاڻ ڀلا پاڻ ۾ هلون؟

سنڌي — جيڪا صلاح.

پنجابي ۽ سنڌي — ميان ڪيمسٽ، هاڻ السلام عليڪم.

ڪيمسٽ — عليڪم سلام — ڪٿي هلو!

[پنجابي ۽ سنڌي وڃن ٿا ته ڪيمسٽ پاڻيو ويهي، شيشيون ڏاهي پڙهي ٿو ۽ پٺيان جيڪي سان جوڙي سنڀالي ٿو. پينسل کڻي ڪاغذ تي حساب ڪري ٿو. پينسل هر هر وات سان آلي ڪري پوءِ لکي ٿو.]

ڪيمسٽ — ڇهه روپيا جواري ڦري ويام، ڏهه روپيا ڪليڻ رت ڪيام. پنج ۽ ٽي ٿيا اٺ، سورهن داخلو جي ٻلي ڪل چوويهه روپيا ٿيا نامي، (باقي روپيا

ڪُٺي ٿو.) باقي ٻچيا اهن ڇهه روپيا. (ٿڌو ساهه ڀري هوءِ ڙي سنڌ! هرڻ جتي ڪاٺي، آني اوجهه ڏٺي! ڪمائين ٻه تون ته وڃائين ٻه تون، ڙ ستي اي ڇوويهه روپيا ڪر سوڪو ڪري ڇڏينم هاڻ ٻين ڏوڪڙن جو اهڙو سور ڪيم آءُ. باقي ٻيو وارا ڏهه روپيا ته ناحق ئي ناس ٿي ويا. ڪراستون ڪيتريون ڏٺيومين! پر ڦٽ سڀي ڪرامت ڪوڙه، اٿر ڪوڙ ڪيو. اها جت ماڻ سان ئي دودي ڪي! (ٿڌو ساهه ڀري) هيٺا ڪا اللهسائين اهڙي وات ڪڍي ڏئيم، جو ري ٻورهٺي روپين جا ڍير لڳي وڃن! واه ڙي مولا! مالڪ اهين. ٻانهي جو منڌ مٽيج!

[سلفي ڪڍي ٻ-چار سوٽا مس ڀري ٿو ته
مٿان هڪ لاٽري فروش هوڪو ڏيندو اچي.
جنهن تي ماڻهو اچي ٿا مڙن.]

لاٽري فروش- لاٽري بخت سڪندر ٿاهي، لاٽري جارج ڇهون ٻنائي. خريد ڪري جي جنهن جو چاهي. اچو، ٽڪيٽ پنج روپين آهي. اچو، اچو. غريب مان شاهوڪار، فقير مان امير، گدا مان شاهه، هاريءَ مان زميندار، بيل گاڏي مان موٽرڪار، لاٽري اوهان کي لاٽ ٻنائي، موڙن سڀو گهرگهاٽ ٻنائي. اچو، اچو. پنجين رپين ٽڪيٽ. پهريون انعام هڪ ڪروڙ. ٻيو انعام پنجاهه لک. ٽيون انعام اڍائي لک. چوٿون انعام پنجاهه هزار. آهي ڪو

بادشاهہ بڻجڻ جو خواهشمند؟ آهي ڪو امير بڻجڻ جو آرزومند؟ لاٽري اوهان کي قارون ڪري ڇڏيندي. امپريل بئنڪ اوهان جي گهر ۾ رهندي. هٽلر اوهان کان قرض گهرندو. مسوليني اوڌر گهرندو.

ٽيڻ جي شاهہ گدا مان ڇاهيو،
ٻارن ٻچن کي ٽڪيٽ وٺايو،
لاکون رپيا انعام آنايو،
بنگلا، ماڙيون، محل بنايو،
منهنجي وٺي موٽر ۾ گهمايو.

آهي ڪو جو اچي؟ آهي ڪو جو وٺي؟ (ٽڪيٽ ڏيکاري) پنج رپيا، پنج رپيا، پنج رپيا پنج رپيا.

چنيسر — اڙي همراهہ، نچڻ ٽپڻ پيو اهي ڪچاڙو؟

لاٽري فروش — توکي خبر نہ آهي؟ (ٽوڪ ڏيئي ٿو.) اڙي چريا، هي لاٽري جون ٽڪيٽون آهن. پنج رپيا ٽڪيٽ جو ملهہ آهي. هڪ مهيني کان پوءِ بخت کلندا، جنهن جو نمبر نڪرندو، ان کي ڪروڙين رپيا ملندا، بخت وارو ڪانئي! پنهنجي ريڻ ۾ مزا آڏائي!

چنيسر — مٿان اهي اي پڻ ڪا ٽڪن واري شڪار ڪر؟

لاٽري فروش — نہ نہ، هرگز نہ. هي هر شاهہ شاهوڪار وٺي ٿو. پاويهن ڪروڙن جون ٽڪيٽون ڏهن ڏينهن اندر وڪامي چڪيون آهن.

ونئي ٽڪيٽ سو، دل جنهن جي چاهي،
بخت نصيب پنهنجي آزمائي!

چنيسر- پنهنجي، خدا ڪري پنهنجو هر سوال پورو ڪيئي ته ڪيا ايهڙي وات ڪندي ڏيئي جو ري پڪي پاڃهه ٿئي. بنا پوڙهيي روپيا سلامر. سائين تمشيرعلي شاهه به برڪت جي دعا ڪئي آهي. هيٺا جواري به ڦري ويا آهن؟ هير به ڪيئو ڏو برڪت آزمايان! ڇهن روپين مون پنج خرچي ڏو ٽڪيٽ ڏنهان. ٻاقي روپيو ڪندا مون خرچ پڪو. تيستين وري آئي ڏيون اميد تہ ٿيندي پوري پون. پاڻيءَ پراڻيءَ جا ڏوڪڙ پڻ ملي ويندا. (ٽڪيٽ فروش کي) پلاءِ هيڪڙو ٽڪس تہ مون ڪن به ڏيئي چڏج. پر بسم الله ڪري ڪيئج.

لاٽري فروش- (ٽڪيٽ ڦاڙي ڏو.) بسم الله! اڇو، اڇو. باقي ڏوريون ٽڪيٽون رهيون آهن.

لاٽري ڙي لاٽري! تنهنجو مٺ نہ ڪو ٿائي،
اندڙي جي نون لث آهين، ڪڻي جي ساٿي.
[ٽڪيٽ ڏيئي ڏو ۽ پنج روپيا وٺي ڏو-]

چنيسر- پلاءِ هي لمبر ڪڏهن کلندا؟

لاٽري فروش- هڪ مهيني کان پوءِ اوا هن سامهون پان واري جي دڪان تي نمبرن جي لسٽ ايندي. اتي اچي ڏسجانءِ. ٽڪيٽ قابو ڪجان.

چنيسر- (ٽڪيٽ پڳڪي جي پلو ۾ ٻڌي) هيٺا چٽو اهين پڳڪو ڦاٽي وڃي تہ پنهنجي باقي ٽڪس نہ وڃي.

لاٽري فروش- اچو، اچو. جلدي جلدي بادشاه، بڻجو! جلدي جلدي راجا بڻجو!

(ڊراپ سين)

## اڪٽ ٽيون] [پردو پنجون

[ٽر ملڪ ۾، جنيسر جو ڪکائون جهونپڙو. جنيسر جي ڏوڪري، ٽاجل، منڊي کي تعويذ ٻڌيو، ڏڪ ۾ ويٺي ولوڙي ته ٽريڪو راڳ به پئي چوي. ٻار ننڍا ٻاٽ ۾ راند ويٺا ڪن. مٿان دودو اچي ٿو.]

دودو- ڏوڪري ڪيئن، ويٺي آهين ڪٿي؟ ڪو تائيٿ ڪيو ڪم ڪر؟

ڏوڪري- دودا ادا، پاڻهين ته امان کي سڀور ڏئي ڇڏيا اٿن. ڏوڪڙ ته ڪونه مڪئين، پر جوسون تائيٿ ٿي پيو! پر تون منهنجو پاڻ ويٺو آهين ته جڏهانڪر تو تائيٿ آڻي ڏنو آهي، آئو ڏينهن، هي ڏينهن، مکڻ اڪٽين ڪونه ٿيا ڏسون. جيڪو ڏرو ٽيندو هو، سو به صفا رس! جهڳي جهڳي مانجون پاڻهون ٽڪجو پون.

دودو- مائي، تائيٿ ته ميرپور واري پير لکيو آهي، جنهن جون ڪرامتون ته اسين اکين ڏٺيون آيا آهيون. ٻوه ڏٺي چاٽي ڪو ٿي ويس!

ڏوڪري- صدقي وڃان، مرشد جي نالي تؤن! متان سُنت ڪال جُڙي هوئيس؟

دودو- سنت جي ڪهڙي ڳالهہ ٿي ڇڪين؟ ڪليڦن نہ، ويهون واهي ڇڏيون. ڏوهہ روپيا ڦريا اهنس ورا

ڏوڪري- الله جوا؟

دودو- سونهرا!

ڏوڪري- مؤ پير ڪونہ هو، ڪو ڏاڙيل هو ڪو! ڏهين روپين مان اسين بي ڳڻون ڳنهون ها تہ اٺ سير ڳير ڀنهي سهلين ڏئي ها.

دودو- ڪرامت تہ اڳهين ڏئي ٿو مٿايون، پير تہ ڏهين پيرين جي سٽ هو، باقي تون جيئن ڪوٺي تيئن چؤ.

ڏوڪري- آ ادا، پر ڏسين نٿو؟ رهيو ڪهيو مکڻ بہ سو رهين پس ٿي ويو!

دودو- سائين؟ ڳالهہ ڪا سمجهي نہ هوئي تہ پلين، باقي ڪرامت وارو بيشڪ هو، متان نائمڪ ايتو لکي ويٺو هوئي تہ ڪو شڪ!

ڏوڪري- تہ، ايها ڳالهہ ڪج، پيو اڳيون موجود بہ چٽ ٿي ويو! پلا، پوءِ آخر پاڻهين اينرو ڪي، سنڌ ڪي ويٺو رهندو؟

دودو- سڀاڻو ڪين هو سڀني هٽا اوڙهڻين واري اشڪول ۾ پڙهي پڪتو ٿيو اهي؟ واڻين کين به پڪلايو وجي!

ڏوڪري- (ڪلي) اللاله جو؟

دودو- سونهن!

ڏوڪري- اي ڪم ته پلو، پر هير نوڪري انگريچ ڪنان ڪڏهن جڙندس؟

دودو- ڪالهه ويو هوس ڏيهلي، مصر بي پچير ڪالهه ٿي ڪي ته آءٌ ميرپور چنيسر کي گڏيو هوس، ڪالهه ٿي ڪيئين ته اشڪولن واري وجير آڌر ڪيو آهي ته پوڙهڻن جي اشڪولن ۾ جيڪي پڙهن ٿا، انهن ڪي پٽيوالن جي نوڪري جڙندي.

ڏوڪري- آ، ادا، پوهه سڀ! (ڪلي ٿي) پاڻهين کن پڇي رتو پتڪو، سرڪار مان جڙندو؟

دودو- پيو جي ا، ته ڊيپٽن مان پيڙو ٿرين ته اچي گشت ڪندو.

ڏوڪري- (ڪلي ٿي،) آ، ادا، پو پنهنجن ڪي سڃاڻيندو ڪي نه؟

دودو- چنيسر جهڙن پيون پچارو چڏي ڏي. ماڙهو آهي بنهه لائق. ميرپور ۾ جيڪو گوڏير ٿو ملدس، ان ڪي ماني ٽڪي جي صلاح ۽ مڙسا مڙسي نوڪري.

ڏوڪري- هان، ادا، پوءِ ٿيڻدار ڪڏهون ٿيندو؟

دودو- اِيءُ سڀ ڪانهيم. پر ٿيندو مڙئي سيڪهيرڙو.

ٻار- امان! او امان! او امان! روئلو ڏئي.

(اچي چنبڙنس ٿا.)

ڏوڪري- صدقي ٻچن تان وڃان، ڪوڙ روئلا. رڳو جهولي جهڳي ڏيوم (جهڻ ولوڙي ٿي ۽ راڳ ڳائي ٿي.)

(پردو ڪري ٿو)

# سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل ڪجهه ڪتاب

| | |
|---|---|
| سنڌ جي دربار | مترجم محمد حنيف صديقي |
| سيٽ نائونمل جون يادگيريون | مترجم محمد حنيف صديقي |
| تاريخ سنڌ، ڪلهوڙا دؤر ٻه جلد | مترجم ابن حيات پنهور ۽ شمشير الحيدري |
| تذڪره امير خاني | مولف: سيد حسام الدين راشدي |
| تحفة الڪرام | مصنف مير علي شير "قانع" |
| لب تاريخ سنڌ | مصنف خانبهادر خداد خان |
| تاريخ مظهر شاهجهاني | تاليف: يوسف ميرڪ |
| اسلام جي تبليغ يعني اسلام جي اشاعت جي تاريخ | منصف ٽي، ڊبليو آرنولڊ |
| تذڪره مشاهير سنڌ ٣ ڀاڱا | مولانا دين محمد وفائي |
| تاريخ معصومي | مخدوم امير احمد |
| تاريخ ريگستان | استاد رائچند |
| تحفة الطاهرين | شيخ محمد اعظم بن شفيع ٺٽوي |
| ٿرائو پارڪر | منگهارام اوجها |
| سنڌ، هڪ عام جائزو | ايڇ. ٽي. لئمبرڪ |
| قديم سنڌ | ڀيرومل مهرچند آڏواڻي |